
# وتايو فقير



سهيڙيندڙ
ولي محمد طاهرزادو

سنڌي ادبي بورڊ

سنڌ جو سيلاني سيرت وارو

# وتايو فقير

**ولي محمد طاهر زادو**

تصحيح ڪندڙ

**عبدالحفيظ قريشي**

**سنڌي ادبي بورڊ**
ڄام شورو، سنڌ
2007ع

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

ڇاپو پهريون مئي 2005ع تعداد 1000
ڇاپو ٻيو ڊسمبر 2007ع تعداد 1000
ٻاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

## قيمت: ستر رپيا

## [ Price Rs. 70 -00 ]

خريداريءَ لاءِ رابطو:

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
**(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)**
**Email Address: sindhiab@yahoo.com**
**Website: www.sindhiab.com**
**www.sindhiadabiboard.org**

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه
ڇپيو ۽ اعجاز احمد منگي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

سنڌ جو سيلاني سيرت وارو

# وتايو فقير

*donated from*
*Suleman A. Memon'*
*personal library*

## ان اولياء الله لا خوف عليهم ولاهم يحزنون

(بيشڪ! جيڪي الله جا دوست آهن، تن جي لاءِ نہ ڪنهن طرح جو خوف آهي نہ وري ڪو رنج)

**واصل بالله وتايو فقير بہ اهڙن بزرگن مان هڪ هو**

عام اعتقاد هو تہ جيڪو ماڻهو، ساڳري واهہ جي تري مان ٿي پٿر ڪڍي، وتايي فقير جي تربت مٿان رکي قُل پڙهي، ختمو بخشيندو، تہ ان جي من جون مرادون پوريون ٿينديون. ان ڪري وتايي درويش جي قبر مٿان پٿر رکندي رکندي، مٿيءَ جو ڏڙو ٺهي ويو. تنهن ڪري ڪنهن بہ ماڻهوءَ مزار ٺهرائڻ لاءِ ڪا ڪوشش ڪانہ ٿي ورتي، جو هن ڍير ڏٺيءَ کي شايد خاڪ سان خاڪ ٿي رهڻ پسندو هو. پر جڏهن ساڳرو واهہ لٽجي ويو، سکر بئراج نکرڻ ڪري اڳوٽا واهہ ۽ پَـڌا ڏٽجي بلڪ ڪيڙجي ٻوک هيٺ اچي ويا، تہ اهو پراڻو دستور بہ ختم ٿي ويو. تازو سندس معتقدن هن فقير تي چوڪنڊي ٺهرائي ڇڏي آهي. هاڻ ڪوبہ ماڻهو ساڳري واهہ جا پٿر رکي ختمو ڪونہ ٿو ڏي، بلڪ قل پڙهي زيارت ڪري، هليو ٿو وڃي.

_ مؤلف

**ولي محمد طاهرزادو**

# ڇپائيندڙ پاران

”وتايو فقير“ سنڌي سماج ۾، ”طنز و مزاح“ جي حوالي سان هڪ نهايت ئي ”سبق آموز“ لازوال عوامي ڪردار آهي. اهڙا مثالي ڪردار گهٽ ڪري دنيا جي تمام زنده سماجن ۾ موجود رهيا آهن، جن جو وجود هڪ لحاظ سان برڪت ڀريو ۽ مهميز وارو پڻ آهي. اهي ڪردار ماڻهن ڪي روئاڙڻ بدران کلائن ٿا ۽ کـل کـجـڪـي ۾ کوڙ ساريون ڏاهپ ۽ حڪمت سان ڀرپور ڳالهيون پڻ سمجهائي وڃن ٿا. ان ريت هو پنهنجي ماحول ۾ سَـهپ، رواداري، سماجي يڪجهتي، يگانت، هم آهنگي ۽ قرابت پيدا ڪرڻ سان گڏ اهنجن ڪي منهن ڏيڻ جو درس ڏيندڙ به آهن. هندستان جي ڪردار ”مُـلان دو پيازه“ ۽ ترڪيءَ جي ڪردار ”حڪيم نصيرالدين“ ڪي به ان زُمري ۾ ڳڻيو ويو آهي.

سنڌ جي ويجهي ماضيءَ ۾ ”وتايو فقير“ هڪ اهڙو ئي عوامي ڪردار آهي، جنهن جي کلائيندڙ ڳالهين ۾ هزارين ناصحانه نڪتا عالم ۽ اسڪالر ته نهيو، پر عام ماڻهو به ڳولي لهن ٿا. هو سنڌ جو هڪ اهڙو عوام پسند لوڪ ڪردار آهي، جنهن ڪي عام ماڻهو سندن گفتن ۽ ڳالهين ۾ پنهنجي آس پاس محسوس ڪري ٿو، هن سان ماڻهو پيار ڪن ٿا ۽ هن جي ڳالهين جي پـَـر ۽ آڌار تي هو ڳالهائين ٿا، ڇو ته هو انهن جو ويسهه ۽ ڀرم پڻ آهي. ان ريت وتايو نه رڳو پاڻ ڳالهائي ٿو، پر سڄي لوڪ ڪي پڻ ڳالهرائي ٿو. هي لوڪ ڪردار پنهنجي ظرافت ڀرين ڳالهين ذريعي لوڪ جي زبان ڪي جناڪ (تارون) جي جڪڙ مان آجپو ڏياري، نه ڇوڻ جهڙيون ڳالهيون به ڇَوَرائي وجي ٿو.

کل ڀوڳ، سنڌي سماج ۾ خاص طرح سان اسان جي ڀهراڙين ۾ وندر وروندن سان گڏ سهپ واري سکيا جو پڻ هڪ وسيلو رهي آهي. سنڌي سماج ۾ اهڙن ڪردارن ڪي جيڪو مان مليو ٿو، اِها ڳالهه سنڌي سماج ۾ موجود سهپ جو هڪ دليل به آهي. وتائي جهڙا سوين عوامي ڪردار سنڌ جي ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ موجود رهيا آهن، پر وتائي ڪي جيڪا مان ۽ مريادا ملي آهي، اها ڳالهه ان جي عوامي مڃتا جو وڏو ثبوت آهي. سنڌ جو هيءُ ڀورو ۽ فقيرتن ڪردار

پنهنجي پورڙائيءَ ۾ ماڻهن کي پنهنجن حيرت انگيز پُرمزاح گفتن جي وسيلي دانائيءَ ۽ ڏاهپ جا هزارين سبق ڏنا پريا گل آڇي تو. هن جا اهي نقل نظير ۽ ٽوٽڪا، جيڪي سنڌي ادبي بورڊ جي اوائلي جاکوڙي ڪارڪن ۽ لوڪ ادب جي پارکو ۽ ڇاڻو مرهيات ولي محمد طاهرزادي سهيڙيا آهن ۽ ان کي پنهنجي لاڙ واري انهيءَ ياڱي جي ٻوليءَ وارو رنگ ۽ روپ ڏنو آهي، جيڪو لهجو ساموئي فقيرن کان وني ميين شاهه عنات رضوي کان ويندي لطيف سائين پنهنجي شاعريءَ لاءِ چونڊيو آهي.

انهيءَ ڪتاب جي هاڻوڪي سوڌ سنوار ۾ بورڊ جي مخلص ڪارڪن عبدالحفيظ قريشيءَ جو محبت ڀريو پورهيو بہ شامل رهيو آهي. هن ڪتاب جي ٻئي ايڊيشن ڇاپڻ تي سڄي سنڌ ۾ وتائي جي ٻولن سان پيار ڪندڙ ماڻهن ۽ عام پڙهندڙن کي ضرور سرهائي ٿيندي.

ڄام شورو، سنڌ
خميس ٣٠- ذوالحج ١٤٢٨هه
بمطابق 3- جنوري 2008ع

**اعجاز احمد منگي**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

# فهرست


| مضمون | صفحو |
|---|---|
| وتايي فقير بابت روايتون | 1 |
| الف: روايت | 1 |
| ب: روايت | 2 |
| 1. اگهاماٽو | 3 |
| ج: روايت | |
| 1. اگهاماٽي ۾ رهڻ | 5 |
| 2. مسلمان ٽيڻ جو واقعو | 6 |
| 3. اگهاماٽو ڇڏڻ | 7 |
| 4. وتايي جو مرڻ | 8 |
| **باب پهريون: ڪرامت جا ڪلام** | **10** |
| 1. مون پڳڙا تڏهن ٿي ڪاڏا، جڏهن ملا هليو ٿي ويو! | 11 |
| 2. جهل ٻيڙي تہ آءُ لهان ..... | 11 |
| 3. پهتا وتائي تائين ڪونہ، يڪدم الله کي ڪيئن رسيا؟ | 12 |
| 4. سيوهاڻي جي چٽي، وتايي تي آئي. | 12 |
| 5. هيڏانهن اٽو ڪونهي، هوڏانهن بادشاهي ڪٿي؟ | 13 |
| **باب ٻيون: ساريءَ سنڌ ۾ ساڳيائي چٽڪا ٽا چئجن** | **15** |
| 6. مولا ڪَنن واري مار! | 15 |
| 7. سُٺئي سَهي، پر سمجَهئي ڪونہ! | 15 |
| 8. تنهنجي ماٺهوءَ ۽ رئيس جي ماٺهوءَ ۾ فرق؟ | 16 |
| 9. مُيون سهسايون، پرٽايون ڪونہ؟ | 16 |
| 10. پٺهين جو گهر اهو اٿئي! | 17 |
| 11. تو تہ دنگ ڪري ڇڏيو! | 17 |
| 12. پل تہ منهنجو جهڳو جَهڻ ٿئي. | 17 |
| 13. تَڪي وارو بہ ڏس، تنهنجي نالي وارو بہ ڏس! | 18 |
| 14. هڪ ڳالھ امان جي وس ۾ بہ آهي. | 18 |

15. ڏئي ٿو، پر ڪنگهائي! 19
16. رپئي کي سُجاتائين، پر ٽوڪي نہ ڄاتائين! 19
17. ٻنهي پارين وتايو مُنو! 20
18. ٻُڏو سَهسايوَ، پر ڏنو نہ سهسايوَ! 21
**باب ٽيون: اُتر سنڌ ۽ ڏکڻ سنڌ ۾ ڦير گهير سان چيل چٽڪا** 22
الف: 19. ڪُتو هجين تہ صحي ڏي! 22
ب: 20. گهر ۾ اَنُ ڪونهي! 22
الف: 21. وتايي وارو اڳ ونڻ. 23
ب: 22. چورن جو اڳ ونبو آهي. 23
الف: 23. ڪتي سُڃائي بہ ڪر اڇيو وڃي! 24
ب: 24. آسودن کي درياءَ لڏائي ڇڏيو. 24
الف: 25. عشق ڪرڻ بدران ڏند شيڪيو پئي آهي. 24
ب: 26. ڀورڙي کي ڪهڙي خبر عشق جي! 25
الف: 27. ڄڄ ڪرائي تہ ويرم ٿي ڪانهي! 26
ب: 28. ملا نہ سيون ڪائي وڃن! 26
الف: 29. لُچن کي تہ نہ لڪائي. 27
ب: 30. وٺ پنهنجا ٽانوَ! 27
الف: 31. هاڻ ڀل سڄو جبل تورين! 28
ب: 32. وتايي جا وَٽ بہ ياد ڪن! 28
الف: 33. خدائي ورڇ. 29
ب: 34. الله واري ورهاست. 29
الف: 35. ڪاٺو ڪپڙا ڪاٺو! 30
ب: 36. ڀهرين برادري ڪاٺيندي، پوءِ ڀيا. 30
**باب چوٿون: ڏاکڻي سنڌ ۾ وڌيڪ هلندڙ لطيفا** 31
37. ماٺ ڪر تہ ڏوڌ نہ پرين! 31
38. ٿاندو دوزخ ۾ بہ ڪونهي! 31
39. اهو بہ نہ ڦُرائين! 31
40. آءٌ ڪتان ڪاٺيندس! 32

41. چڱو ٿيو جو اُڇلي ڇڏيم، نہ تہ منهنجا بہ لاهہ نڪري وڃن ها! 32
42. مٿل نہ هجان ها تہ گاڏي نڪتل ڏسين ها! 33
43. هيءُ ڍڳو منهنجو آهي! 33
44. جيڪي چوانءِ، سو تہ اڳيئي آهين! 34
45. مرنداسون اُتي، جتي ڪو سُڄاڻو نہ هوندو. 34
46. ڇڏ انهيءَ کي، جنهن الله بہ وساريو! 35
47. ماريو تہ انهيءَ ٽڪڙ آهي! 35
48. دعا پلي نہ سُڻ، پر ڪَڏ ۾ تہ نہ هٽي مار! 35
49. چار جي پاڙ تائين ڊپ اٿئي! 36
50. ڇٽي پيو سومهڻي نماز جي سُورتن کان. 36
51. پوءِ پڏن تي سينڍون هڻندو وتندو. 36
52. معصومن جي جهٽ ٻُڌي ٿو. 37
53. لِڪڻ جو لَڪ ناهي! 37
54. هڪڙو ڏيان نہ، ٻيو لڪايان بہ نہ؟ 37
55. تنهن ۾ تنهنجو ڇا؟ 38
56. ڇو ٿي مڙس کي هائيءَ ۾ هٽين؟ 38
57. ڳابي کان رنپ ڪرائين ها! 38
58. ڳنڍڻ تہ ڪونہ مليو پر مانيءَ کان بہ نراس! 38
59. نماز لاءِ وڏيري جهڙو بندوبست هجي ها! 39
60. پانئين ٿو تہ رُخ ڪهڙو هوس؟ 39
61. بنا اُجوري ڪٽيو پيا هلون. 40
62. ڏاڍو تکو گهوڙو، جيڪو هڪ ئي رات ۾ جهان ڇڏي ويو. 40
63. گڏهہ جي تصوير. 41
64. ماٺ ڪري هليو وڃان ها! 41
65. اُبتو ٽنگڻ بہ مسخري آهي. 41
66. سمنڊ کي مينهن جي ڪهڙي ضرورت؟ 42
67. هو ڪَني عادت نٿو ڇڏي، آئون سُني عادت ڪيئن ڇڏيان. 42
68. چڱو، چار آنا ڏيو. 42

| | |
|---|---|
| 69. الائجي ڇا آهي؟ | 42 |
| 70. ڇڱو جو وڻ ۾ ڇانهين نٿي ٿئي! | 43 |
| 71. هر هر جواب ڏيڻ بيحيائي آهي. | 43 |
| 72. مون کي نماز پاڻهءِ نٿي پوي! | 44 |
| 73. جيڪا گهٽن جي صلاح! | 44 |
| 74. اسين به مڙس آهيون! | 44 |
| 75. هينگ ته منهنجي گڏهه جي آهي! | 45 |
| 76. مون کي خدا ڏيندو ته واپس ڏيئي ويندس! | 45 |
| 77. اجهو توهان جي مرشد جي جُتي! | 46 |
| 78. هڪڙي جي اَوس اونائيندو! | 47 |
| 79. اها ڳالهه ته وري ڪرين ها! | 47 |
| 80. ڇريا ڪريا آهيون پر ننگ سُڃاڻون ٿا! | 48 |
| 81. لَبَ تي ليٽي هوندي! | 48 |
| 82. خدا کي خواب ۾ ڏٺم! | 48 |
| 83. ڀَري ڪٽائي هليو وڃ! | 49 |
| 84. مڙسي ڪئي سون ته هڪ جون به مليون! | 50 |
| 85. اوستا، اڄ ته واندڪائي اٿئي؟ | 51 |
| 86. هاڻ ڏينم الله جي وات ۾! | 51 |
| 87. رب پاڪ تنهنجي ته ساهيڙي جيتري به هلندي ڪانهي! | 52 |
| 88. جيڪو هر ڪنهن سندو آهي سو ڪو ڏِڳي جي سنيار ڪندو! | 52 |
| 89. مئل ڪڪڙ، ۽ ياچ ڪائڻ ڪان به خراب آهي ڇا؟ | 53 |
| 90. تڪڙ، اڌ مئو ڪري ڇڏيو آهي! | 54 |
| **باب پنجون: اُترئينءَ سنڌ ۾ وڏيڪ مشهور چٽڪا** | 56 |
| 91. آخرت ۾ توهان جو بار ڪير کڻندو؟ | 56 |
| 92. خوشيءَ سان نه ڏنئي ته زوريءَ وني ويئي! | 56 |
| 93. ڏٽي صبر وارن سان ساڻ آهي! | 57 |
| 94. من مُنديؤن مسلمان هو | 57 |
| 95. مون پاڻ بصر ڪاڏو هو! | 58 |

96. جيڪو ڌڻيءَ کي پسند آهي سو مون کي بہ! 58
97. ڏڳيءَ لاءِ نوڙي تو وٺيان! 59
98. انهن تي راضي هجي ها تہ ڳائو مال پيدا نہ ڪري ها! 59
99. ڪنهن بہ ڪونہ چيو ...... 60
100. الله سائين! آءٌ ڪو حضرت ايوب ڪونہ آهيان! 60
101. ايئن ڦرندي وئي، جهڙي پٽ ۾ ڏوئي! 61
102. فقير دال ڪائي دنگ ڪري تہ ڪُنو منهنجي ٻوٽ تي گهمائج! 61
103. ڪو مال ڪائيندين يا خورما؟ 62
104. مردن جي تہ لُچائي آهي! 63
105. غريب چڱو يا شاهوڪار؟ 63
106. اهڙي حلال شيءِ کان نفرت ٻڌاءِ؟ 63
107. چورن کي پئسا بہ آءٌ پهچايان! 64
108. مون کي پنهنجي شادي ياد پئي! 65
109. هاڻ توهان جي هدايت تي هلندس! 65
110. دنيا جا طالب ڪدڙا آهن! 67
111. اوهان کي مرڻو ڪونهي ڇا؟ 67
112. وڏيرو بهشت ۾ ڪيئن ويندو؟ 68
113. پاڻ دال تي خوش آهيون! 68
114. سچو فقير، سچو مُلا پاڻ ۾ ويري ناهن! 69
115. تنهنجي پيءُ جي صدقي جا ڪپڙا لڌا! 69
116. لامن ۾ لڙڪڻ ڇڏي، ٽڙ کي ونيو وينا آهيون! 70
117. امامن ڪاڻ دلي ڏک ڪجي! 70
118. وتايا شادي ڇو نہ ٿو ڪرين؟ 71
119. گهوڙي جي ڊُڪ جا پئسا ڏي! 71
120. ڪي جواڻ جماڻ جاچ! 72
121. پاڙيوارن جو بہ ڌيان رکبو آهي! 72
122. گگدام رتوڇاڻ ٿيندا، توهان واهہ واهہ ڪندا! 73
123. وڏن کي ڏسي ننڍا بہ ڪرندا آهن. 74

| | |
|---|---|
| 124.ڪانا تيري ڪيا بات ڪهون؟ | 75 |
| 125. عبادت خوشبوءِ آهي! | 76 |
| 126. آڪر ڪتو ڪونهي. | 77 |
| 127. بازار مان ڪنڌ تہ آٽي ڏيڪار؟ | 78 |
| 128. سَرند ماڻهن جي ڪٽي تي سچي سان سنگت هلي! | 79 |
| 129. پنجاهہ رپيا مون کي بہ ڏئي ويو! | 80 |
| **باب ڇهون: وتايي نالي سان هليل وڏيڪ ڳالهيون** | **81** |
| 130. زهر ڪاڏو اٿم تہ موت نٿو اچي! | 82 |
| 131. اهو تنهنجو پاڇولو هو! | 83 |
| 132. گهوڙو چور ڪاهي ويا، سنج ڪير کڻي؟ | 83 |
| 133. نهيو نڪر، نيٽ تہ پڇڙو آهي! | 85 |
| 134. شرم ڪان پيٽيءَ ۾ لڪو آهيان! | 86 |
| 135. دلبي ۽ دولاب سان منهنجي ڪانہ پوي! | 86 |
| 136. فقير جي جيئري جاڳندي ڪرامت! | 87 |


*

# وتائي فقير بابت روايتون

## الف: روايت

سهڻا سخن جن جا، موتي ۽ الماس،
داتا ڏي تون دل ۾، تن پاڪن جي پياس،
آگا اندر منهنجي ۾، آهي اهائي آس،
لاهي اڄ اداس، سچن جي صحبت ڪاڻ.

اڄ اسين انهيءَ خدا جي ٻانهي جو ذڪر ڪريون ٿا، جنهن کي عام طرح ”وتايو فقير“ سڏيو ويندو آهي. اها حقيقت آهي ته هيءُ جنهن نموني، رنگ ۽ ڍنگ ۾ رهندو هو، تنهن ۾ سڀ ڪو هن کي ڀالو ڀولو سمجهندو هو، پر الله پاڪ ته هن سان انهيءَ ڀورڙائيءَ ۾ اهڙا پال ڪيا، جهڙا پنهنجن پيارن ٻندن تي ڪندو آهي:

الا، ڏاهي مَ ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن،
مون سان مون پرين، ڀورائيءَ ۾ پال ڪيا!
(شاهه صاحب)

هيءُ درويش انهيءَ ڀورائيءَ جي ويس ۾ به ماڻهن کي اهڙا ته سياڻپ جا نقطا ٻڌائي ڇڏيندو هو، جو سيني کي حيرت وٺي ويندي هئي. سندس نقل گهڻا مشهور آهن. انهن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته بظاهر هن جيڪي چيو آهي، سو ڪل جهڙو آهي، ليڪن حقيقت ۾ ان ۾ وڏي نصيحت ۽ سبق سمايل آهي. افسوس آهي، جو اهڙي نيڪ ٻانهي جو ڪو به تحقيقي تذڪرو اسان وٽ نه آهي.

چون ٿا ته وتائي فقير جا وڏا اصل ۾ هندو ڪٽي هئا. جيڪي پوءِ مسلمان ٿيا، وتايو ٽاچپور شهر ۾ ڄائو هو. جتان ڪجهه وقت بعد سندس مائٽ لڏي اچي

الف: ”وتايو فقير“ ڇپايل محمد اسماعيل عرساڻي ۽ الهه بخش خان ٽالپر جو.

نصرپور ۾ وينا. جڏهن هيءُ وڏو ٿيو، تڏهن پڻس هن کي عمر ڪوٽ مان مڱايو. ان وقت ٿي هن جو اهڙو نمونو هوندو هو، جو سڀ هن کي وَتُو چريو سڏيندا هئا.

هڪ دفعي جي ڳالهہ آهي تہ هيءُ گهمندو گهمندو وڃي عمر ڪوٽ نڪتو. تڙ تي مايون پاڻي ڀري رهيون هيون. جي هن کي سڃاڻنديون هيون. انهن ۾ هن جي مڱ بہ بيٺل هئي. ٻين زالن سندس مڱ کي چيو تہ، "تون وَتُوءَ کي ڪيڪار، ڏسون تہ ڇا ٿو چوي؟" جڏهن ڪيس سندس مڱ ڪيڪاريو تڏهن يڪدم چيائين:

"چريا ڪريا آهيون پر سڃاڻون سيئي ٿا!"

ڪجهہ وقت گذرڻ کان وتائي فقير جي شادي ٿي ۽ هو پنهنجي وني وٺي نصرپور ۾ آيو.

سندس والد ميلهورام جيڪو پنهنجي روح ۾ موحد هو ۽ هن جو ڪاروهنوار، ۽ اٿڻ وهڻ گهڻو مسلمانن سان هو. سو پنهنجي زال، پٽ ۽ ننهن ۽ آل اولاد سوڌو مسلمان ٿيو. سندس نالو شيخ غلام محمد رکيو ويو ۽ وتايو جنهن جو اصل نالو وتن مل هو، تنهن جو نالو شيخ طاهر رکيو ويو، پر سندس نالو وتايو جيڪو خلق جي زبان تي چڙهيو ۽ عام ٿي ويو.

ٻي روايت هيءَ آهي تہ پنهنجي پيءَ جي وفات کان پوءِ وتايو جنهن جو روح اصل ۾ واحد وارو هو، جيڪو ڪن ظاهري سببن ڪري ماٺ ۾ رهيو. سو پنهنجي ماءُ ۽ زال سوڌو مسلمان ٿيو ۽ سندس نالو 'شيخ طاهر' رکيو ويو. پر جيئن تہ سندس اصل نالو وَتُو مشهور هو، تنهن ڪري مسلمان ٿيڻ بعد بہ سندس نالو "طاهر" ماڻهن کان وسري ويو. ۽ هو وتوءَ بجاءِ وتايو سڏجڻ لڳو، جو اڄ ڏينهن تائين مشهور ۽ معروف آهي. هن جي تُربت ٽنڊي الهيار کان ٽن ميلن جي مفاصلي تي اُلهندي طرف آهي.

## ب: روايت

| | |
|---|---|
| صدقي ٿيان محبوب توتان | مون سان ناتو نينهن اڙايو ٿئي، |
| دڳ گمراهيءَ وارو ڇڏائي | رستو صاف ونايو ٿئي، |
| چڱي هئي ڪا قسمت منهنجي | حاصل ٿي آ صحبت تنهنجي. |

---

ب: "وتايو فقير" حافظ بدر الدين ولد غلام علي ساڪن علي خان واصل تعلقو ڳڙهي ياسين.

وٽي نٽي ڪا رغبت ڪنهن جي — جا ڪون جام پلايو ٿئي.
حق جو مليو پيغام اندر ڪي — ياد نہ آيو آرام اندر ڪي،
وٽي ويو آ اسلام اندر ڪي — ڪوڙو ڪفر ڇڏايو ٿئي،
آهين باغ حقانيءَ جو گل — ماڻڪ موتي خاص امل،
دم دم مست ’وتي‘ سان ملي — مون ڪي مست بنايو ٿئي.

مٿئين شعر مان پانئجي ٿو تہ هن ڪي حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جي زيارت نصيب ٿي هئي، تنهن ڪري پنهنجو اباڻو ڌرم ڇڏي مسلمان ٿيو ۽ مجازي عشق مان حقيقي عشق ڪي پهتو. فيض رباني سان ڀرپور ٿي ويو ۽ رڳ رڳ ۾ سندس داخل الاهي نُور ٿي ويو. هو سالڪ نہ رهيو پر مجذوب بڻجي ويو ۽ مجذوبن جي وات مان جيڪو ٻول ٻاهر نڪرندو آهي، سو درگاهہ ڌڻي سڳوريءَ ۾ قبول پوندو آهي، ڇوتہ مجذوب نہ کائڻ مان مزو وٺن ٿا، نہ وري عمدو لباس ڍڪين ٿا، جو نفس خوش ٿئي. وَتو فقير بہ نهايت سادي طبيعت رکندڙ هو، سادي خوراڪ کائيندو ۽ سادي پوشاڪ ڍڪيندو هو. سندس ٻول نصيحت جا نُقطا آهن. انهن جي پوري پروڙ تن کي پوندي، جيڪي سياڻا ۽ پڙهيل پختا آهن. باقي جيڪي ماڻهو نقل ٻڌي ٺهہ ٺهہ ڪري کلي کيرا ٿين ٿا، سي پوري مطلب کي نٿا پهچي سگهن.

جيئن تہ هڪ ولي الله پنهنجي مجلس ۾ چيو: ”مان کاوان ٿو جيئڻ لاءِ، ۽ ٻيا جيئن ٿا کائڻ لاءِ.“ انهيءَ جو مطلب اهو فرق ٿو ڏيکاري، تہ ولي خدا جو رڳو کاڌو ايتري قدر ٿورڙو کائيندو آهي، جنهن کاڌي جي طاقت سان رات يا ڏينهن عبادت الاهي ڪري سگهي. باقي ٻين جو جيئڻ رڳو کائڻ لاءِ آهي ۽ رڳو کاءُ کاءُ جو خيال اٿن. اهڙا ماڻهو جي پنهنجا پيٽ کاڌي سان ڀرپور ڪندا تہ نُور خدائي اندر ڪٿي ماپي سگهندو؟ ان ڪري خيال هلائي انهيءَ مطلب تي پهچڻ جي ڪوشش ڪريو، جنهن مراد تي وتايي فقير ڳالهايو آهي.

## 1. اگهاماڻو ❖

ڏهين صديءَ ڌاري سنڌ ملڪ منجهان سنڌو درياءُ ڇهن ڇاڙن ۾ ورهجي وهندو

❖ موجوده اگهاماڻو ماتلي تعلقي ۾ آهي.

هو. اُنهن ڏينهن ۾ سنڌ جو اُڀرندو ۽ ڏاکڻو حصو بلڪل آباد سرسبز علائقو هوندو هو.

درياءُ لوهاڻي ۽ مـُهراڻي جي وچ واري واديءَ کي "سماواتي پرڳڻو" ڪوٺيو ويندو هو. تنهن تائي سنڌ جا مکيه ۽ وڏا شهر، وگهه ڪوٽ، رتن ڪوٽ، قدم ڪوٽ، ڏيجي ڪوٽ، عمر ڪوٽ، روپاماڙي، ساموئي ۽ ننگر نٽو هئا. لوهاڻي درياءَ تي مشهور ٻه بندر هڪ نصرپور ۽ ٻيو اگهاماڻو شاندار بندرگاهه ليکبا هئا. اگهاماڻو شهر اٽڪل ٻن ميلن ۾ پکڙيل هو. هن جي آدمشماري ويهن پنجويهن هزارن کان مٿي هئي. هتي هر قسم جا ڪاريگر ۽ ڪاسبي رهندڙ هئا. هتي وڏن وڏن سيٺين ۽ شاهوڪارن جون ڪوٺيون ۽ ڪارخانا هئا. بندر هئڻ ڪري سماواتي پرڳڻي جو واپار ٻيڙين وسيلي درياءُ اُڪري سمنڊ پار ملڪن سان هلندڙ هو.

اگهاماڻي جي بندر تي وڏا وڏا گهاٽ ۽ تـَڙ هئا. جتي ٻيڙين جون ٻهيرون ڏسڻ ۾ ايندڙيون هيون. شهر ۾ هرهڪ ڌنڌي ۽ هنر وارن جون جدا جدا بازارون هيون. هزارين رپين جي روزانو ڏيتي ليتي ٿيندي هئي.

هت هڪ وڏي ديني درسگاهه هئي، جنهن سان لڳ وڏي مسجد ۽ حجرا پڻ موجود هئا. ان جو مهتمم هڪ خدا جو برگزيده ٻانهو عامل باشريعت مخدوم محمد اسماعيل سومرو هو. جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته ڪانياواڙ جي پاسي جو هو. هو سياح ۽ سيلاني هو ۽ جڏهن اگهاماڻي ۾ آيو ته سنڌ جي آبهوا پسند آيس. هتي ديني درسگاهه کولي ويٺو. هن درسگاهه ۾ هر ديني مضمون، فقه، شرع، حديث، منطق حڪمت، حساب صرف ۽ نحو تعليم ڪاڻ وڏا وڏا ناليرا اُستاد مقرر ٿيل هئا. ڪيترائي علم جي اُساڻ وارا ڪٿان ڪٿان ڪان ڪـَهي هت اچي علم پرائي پنهنجي علمي پياس اُجهائيندا هئا.

سمن جي صاحبيءَ ۾ جيڪي ٻه مولوي، عالم، قاضي ۽ حافظ پيدا ٿيا. تن کي اگهاماڻ جي سـَنڌُن، دستاربنديءَ چوٽ چاڙهي ناليرو ڪري ڇڏيو هو.

## ج: روايت

وتائي جي پيءُ جو نالو ميلهورام هو ۽ سندس اصل نالو وتڻ مل هو، جو پوءِ وتومل سڏجڻ ۾ آيو.

---

ج: نالا ۽ ڪجهه احوال مينگهراج مالهي عمر ڪوٽ واري کان مليا. (مؤلف)

ساڳئي سمي عمر ڪوٽ ويجهو مهراڻي درياءَ تي رنگريز ۽ ڪنپاتين جا ڪيترائي پاڙا رهندا هئا. جن سان ميلهورام پڻ ڪنپاتي هئڻ ڪري گڏجي ڪم ڪندو هو. اُهي بگ، چُنيون، پيتيون، اَجرڪون، دمچيون ۽ پڙا وغيره رڱي وڪڻي گذران ڪندا هئا ۽ اهو سامان مسلمان ئي هنڊائيندا ۽ اوڍيندا هئا. پري پري تائين سندن ڪم جو ناماچار هوندو هو.

اوچتو اهڙو ڦيرو آيو جو سندن ڌنڌو مانو تي ويو. ڏڪار پيو ۽ اوائلي ايت ۾ ڪَتر پوڻ لڳي. پوءِ رڱاوت جو ڪر ڪندڙ ڪتري ٽڙي پکڙي ويا پر ميلهو رام خيال ڪيو ته اسان ڪاڻ اگهاماڻو شهر بهتر تيندو. اتي مسلمان گهڻا تا رهن ۽ بندر هئڻ سبب مال جو اُڪلاءُ تيندو رهندو. چوته هتان جو ڏيساور سان واپار هلي تو. پوءِ هو ڪٽنب سميت لڏي اگهاماڻي ويو.

## 1. اگهاماڻي ۾ رهڻ:

اگهاماڻو، ته درياءَ جي لڳ شهر هو. پر ان ڪان سڌ پنڌ تي هڪ'پيرل نالي واهه به وهندو هو. ان واهه تي ماڻهن جا ٻه ٽي گهر هئا. جي پَتڻ ڍوئي ڪندا هئا. ميلهورام پنهنجي ڌنڌي جي لحاظ سان پيرل واهه تي رهڻ پسند ڪيو. هڪڙي وڏي ڪنڌيءَ❖ جي وڻ وٽ ڪچيون جايون نهرائي رهيو. ساڻس گڏ سندس پٽ وتڻ مل عرف وَتو پنجن سالن جو ۽ پائيتيو ستن سالن جو پاڄائي ۽ سندس گهر واري گڏ هئا. سال ٻن ڪان پوءِ وَتوءَ کي عمر ڪوٽ مان مڱايائين، جيڪو ظاهري طرح آلو پولو پيو لڳندو هو. ميلهورام خيال ڪيو ته منهنجي هنر جو مال مسلمان جوڙين ۽ پائين تا، هت گهڻائي مسلمانن جي آهي. چوڪرا به پڙهڻ ڪان انڪاري آهن. هيءُ مدرسو مسلمانن کي تعليم ڏي تو، چونه ڪٽي مسلمان تجي ته سڀ آساني تي پئي. پوءِ گهر جي ڀاتين سان صلاح ڪيائين، جن ڪيس وڏو ڇاڻي سندس چوڻ ڪيو ۽ ڪيس مسلمان تيڻ لاءِ ساڻس گڏ رهي مسلمان تيڻ ۾ خوشي ڏيکاري.

---

❖ انهيءَ ڪنڌيءَ جو ٿُڙ اڄ تائين موجود آهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب جي ڄاڄ موجب. (مؤلف)

## 2. مسلمان ٿيڻ جو واقعو ❖

هڪڙي ڏينهن ميلهورام مخدوم صاحب جن جي ڪچهريءَ ۾ آيو ۽ پنهنجو دلي مقصد بيان ڪيائين. مخدوم صاحب جن خوش ٿيا. هن جي ڪنب ڪي جمعي نماز بعد بيعت وني مشرف با اسلام ڪيائين. اهو شايد 973هه سال هو. ميلهورام جو نالو شيخ غلام محمد، سندس پيائٽي جو نالو شيخ عالي ۽ وَتوءَ جو نالو شيخ طاهر عرف وتايو، مخدوم صاحب پاڻ رکيو. عربيءَ ۾ وطاءُ پيرن اگهاڙن سان گهمندڙ ماڻهوءَ کي چئبو آهي. پيو اسان جو سنڌي لفظ "وٺو"، جنهن ۾ پاڻي تا پيون، سو پڻ اصل ۾ عربي لفظ وطاءُ آهي. اسان وٺي کي جمني ڪونيندا هئاسين. مخدوم صاحب شايد اها ڳالهه ڏيان ۾ رکي، هن مجذوب تي جنهن جا پـَريندي پرڪار پذرا هئا، پيرين اگهاڙو نالو رکي ڇڏيو. پوءِ سڀ شيخ سڏجڻ لڳا. شيخ غلام محمد پنهنجي رڳاوت جي ڏنڌي کي لڳو رهيو. ٻنهي ڇوڪرن کي مخدوم صاحب جي مدرسي ۾ پڙهڻ ڇڏيائين، پاڻ مخدوم صاحب جن وٽ فيض حاصل ڪرڻ لاءِ سومهاڻي نماز وٽن مسجد ۾ پڙهندو هو ۽ ساڻن ڪچهريون ڪندو هو. تورو پري پنڌ هئڻ سبب پنهنجي مسجد❖❖ پنهنجي پاڙي ۾ پڻ نهرايائين. جتي باقي نماز جا وقت پڙهندو هو.

وتايو اگهاماڻي ۾ لڏي اچڻ وقت اٽڪل پنجن سالن جي ڄمار جو هو. ننڍپڻ کان ئي مستانو ۽ مجذوب پيو ڏسڻ ۾ ايندو هو. هن کي پيءُ مدرسي ۾ سوٺهنس شيخ عاليءَ سان گڏ پڙهڻ ڇڏيو، پر پڙهڻ تي چاهه ڪونه هئس، تنهن ڪري ڇڙواڳ پيو هلندو هو، پٽس کي خيال ٿيو تہ منهنجي مرڻ کان پوءِ متان ماڻهو ڪيس وڏيڪ چريو ڪن، تنهن ڪري ڪيس مڱائي بہ ڇڏيائين. هوڏانهن شيخ عالي: ڪنز، قدري ڪافيہ ۽ ٻيا فقہ جا ڪتاب پڙهي قابل ٿيو هو. هن کي نصرپور جو قاضي ٿي رهڻ لاءِ وقت جي حڪومت جو پروانو مليو هو.

وتائي جي نہ پڙهڻ ڪري ۽ پٽس جي مري وڃڻ ڪري وتائي جي ماءُ کي ڏاڍو صدمو پهتو. ڪنڻ ڪمائڻ وارو مري ويو هو. پٽ ۾ اهڙي اميد رکڻ عبث

❖ ڊاڪٽر نبي بلوچ سان 22- مارچ 1957ع تي اگهاماڻي جي مجاور مخدوم غلام نبي ڳالهہ ڪئي. (مؤلف)
❖❖ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي تحقيق موجب ان مسجد جا بنياد اڃا توڻي اُتي موجود آهن. (موٴلف)

هئي. تنهن هوندي بہ پاڙي جي ملاح پاٽڻين کي منٿ ڪيائين تہ هن کي پتڻ هاڪارڻ سيکارين ۽ پاڻ وٽ رکن. جيئن ٽُڪر پور جا سکيا ٿي پون.

هن کي مهاڻن پتڻ ڊوئو ڪري رکيو. جيڪو نُول ملندو هوس. سو پاٽيءَ ۾ اچلي ڇڏيندو هو. پڇڻ تي ٻڌائيندو هو تہ ٻيڙي هلي درياءَ جي پيٽ تي ۽ پئسا ڪٿو توهين! آخر انهن بہ ڪڍي ڇڏيس. ماڻس چيس تہ: ڪو تہ ڪم ڪر نہ تہ بک مري وينداسين. پوءِ هُو پيءُ جي گراهڪن وٽ ويو. انهن ڪان ڪو ڊينگلو ڇڏائي ڪٺائي آٽي درياءَ جي ڪپ تي. ڪوٽرائي رکيائين ۽ ٻين ڪان ڏاند پني آيو. هُرلي ۾ ڏاند تہ ٻڌائين پر آڏ جو منهن ڦيرائي درياءَ ڏانهن ڪري ڇڏيائين. ڊگي وهڻ سان جيڪو پاٽي درياءَ مان نڪتو ٿي. سو موٽي وري وڃي درياءَ ۾ پيو ٿي. اِن نموني هُرلو (نار) هڪليندي ڪيترائي ماٺهو اچي وتايي جو روئنشو ڏسي کلڻ لڳندا هئا. پر درويش کي انهن جي کلڻ جي پرواهہ ڪانہ هوندي هئي ۽ پنهنجو ڪم روزانو ڪندو رهندو هو.

جڏهن پوکون پڪيون تہ خالي ٻوريون ڪٺي انهن هارين وٽ ويو. جن جون درياءَ تي لهاريون پوکون هيون ۽ انهن هارين کي چيائين تہ منهنجي پاٽيءَ جي حصي جو اَنُ ڏيو. هاري پڇڻ لڳا تہ ڪهڙو تنهنجو پاٽي هو؟ تہ انهن کي ٺڙنپ تي چيائين تہ توهين سُنهن قسم ڪٿو تہ منهنجي هُرلي جو پاٽي توهان جي ٻنين ڏانهن ڪونہ تي وهي آيو. هارين کلي هن کي ٻوري ٻوري اَنَ جي ڀري تي ڏني. پوءِ تہ پهاڪو مشهور تي ويو تہ "ڪهڙو وتايي وارو اُبتو چرخو پيو ڦيرائين؟"

اتي اگهاماٽي ۾. ڪيترين ئي عجيب غريب ڳالهيون وتايي هٿان ٿيون هيون.

## 3. اگهاماٽو ڇڏڻ:

وتايو ڪڏهن ڪڏهن جوش ۾ اچي ڪپڙا لاهي ڇڏيندو هو. ننڍو هو تہ ماڻس فقط قميص ۾ مدرسي ڏانهن موڪليندي هُيس. استاد ڪيس ٻاهر ويهاريندا هئا. خاص طرح مخدوم محمد اسماعيل جڏهن هن کي ڏسندو هو تہ آسمان ڏانهن پيو نهاريندو هو. ۽ خدا جو نالو وٺي الائجي ڇا ڇا پيو چوندو هو؟ طهريل ڪونہ هو. تنهن ڪري مخدوم جو هن کي اگهاڙو ۽ اڻ طهريل ڏسو

تہ مسجد مان ڪڍي ڇڏيائينس، ڇوتہ هن جي مستاني هئڻ ڪري مائٽ اها رسم بجا آڻائي نہ سگهيا هئا.

مسجد کان نڪرڻ کان پوءِ پاراتو ڏيندي مسجد کي چيو، "خدا جو گهر ڪونائي مون کي اچڻ نتي ڏين، باقي جلد ئي تو وٽ ڇبرا اچي واسو ڪندا".

تيو بہ ائين مخدوم پاڻ جهڙ گذاري ويو ۽ مسجد ۽ مدرسو ڦٽي ويو. اڄ بہ اتي ڇبرن جا آستانا موجود آهن.

جڏهن شيخ عالي نصرپور ۾ قاضي تيو تہ هو ماءُ کي وٺي نصرپور ۾ اچي رهيو، پر وتايو قاضي عاليءَ سان گڏ نہ رهيو. هو ملڪ جي سير سفر تي نڪري پيو. ڪيترن ئي شهرن ۾ ورهين جا ورهيہ رهيو. جڏهن ڇڪ تيندي هيس تہ ماءُ کي اچي ڏسندو هو ۽ جيڪي ملندو هوس، سو ماءُ کي آڻي ڏيندو هو.

## 4. وتايي جو مرڻ:

چون ٿا تہ وتايو ٽن هنڌن تي مئو. اول ڳوٺ پسنديءَ جي دڙي* تي. جتي ڪن هندن ۽ مسلمانن ۾ جهڳڙو ٿيو، اُتي هن کي سنياسي فقير سمجهي هندن ساڙڻ جي ڪوشش تي ڪئي ۽ مسلمانن دفن ڪرڻ جي ارادي سان فقير کي تي ڪنيو. هنن جي گوڙ تي وتايو اتي ڪڙو ٿيو. چيائين تہ هت بہ نہ مئاسين!

ٻيو دفعو شيخ پرڪئي لڳ ڳس تي مئو پيو هو. اتان ڪي ڌراڙ ڇوڪرا مال چارڻ لاءِ مال هڪلي وچي رهيا هئا. اڳيان ڏنائون تہ ماڻهو مئو پيو آهي. متان مال نہ لتاڙيس، سو ٽنگن ٻانهن کان جهلي گهلي پاسيرو ڪري ڇڏيائونس. اتان فقير اتي هيئنءَ چوندو ويو: "سڏ ٻئي مُئاسون، ٽنگين ٻانهين ڪنياسون، پر هت بہ نہ مئاسون."

ٽئين ڀيرو واڳونءَ ڏر** وٽ لوهاڻي درياءَ جي ڪپر تي مئو پيو هو، تہ ڪي عورتون اتان اچي لنگهيون، جن سمجهيو تہ ڪو ڇريو بڏل تو ڏسجي، درياءَ جي ڇولين ڪپر تي اچلي ڇڏيو اتس. پوءِ هڪڙيءَ ٻانهن ۾ هٿ وجهي

---

* دڙو، اگهاماڻي کان الهندي ٽن ميلن جي مفاصلي تي آهي.

** اها واڳون ڏر، جنهن ۾ واڳون رهندو هو. هاڻ هڪ وڏو ڳوٺ آهي، تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ ڪوڪرن جي ڳوٺ کان بہ ميل ڏکڻ الهندي طرف آهي. (مؤلف)

چيو تہ ناتڪو (ساھہ) ھليس پيو. تنھن تي اُتي گڏھ جي لِڏ ميڙي، ڏڪائي ان جي دونھين جو واس نڪ ۾ ڏنائونس. تہ فقير اتي ڪڙو ٿيو. چيائين عجب آهي! ڪالھوڪي مئل ڪي لِڏ جو واس ڏئي اڄ ڪٿي اٿاريو اٿوَ؟

هاڻ هلون ٿا اڳتي: پڇاڙيءَ جو اٽڪل ستر پنجھتر ورهين جي عمر جو ٿيو تہ سندس سوٽ شيخ عالي، ❖ جو ڪانئس گھڻو اڳ گذاري ويو هو، ۽ عمر ۾ بہ ڪانئس وڏو هو، تنھن جي قبي تي مجاور ٿي اچي وينو. هڪڙي ڏينھن فجر جي نماز پڙهڻ لاءِ پرواري ڪڙيي مان وضو ڪرڻ لاءِ ڪپ تي ويو تہ پير ترڪي ويس، ڪڙيي ۾ ڪري پيو ۽ ٻڏي مري ويو. ماڻھن کي تمام دير سان خبر پئي. پوءِ پاڻيءَ مان ڪڍي سينگاري پڪاري شيخ عاليءَ جي قبي جي در سامھون ڏهاڪو کن وِکن تي ايرندي ڏانھن دفن ڪيائونس. هن وقت مٿس چوڪندي ٺهيل آهي.

---

❖ شيخ عالي، جنهن کي شيخ "ٿهندڙو" بہ چون ٿا. ان جو قبو حيدرآباد ميرپورخاص واري رستي تي ٽنڊو الهيار کان ٽي ميل الهندي طرف آهي. قبي لڳ وسندڙ آبادي پڻ آهي. (مؤلف)

باب ٻهريون

# ڪرامت جا ڪلام

الف : وتايو ڪامل مجذوب، سنڌ جي مجذوبن ۾ وڏيءَ معرفت وارو ٿي گذريو آهي. مخدوم واعظ کان روايت آهي: ”وتايي هڪ ڀيري چيو تہ شريعت، طريقت جي زير ناف آهي. جهڙيءَ طرح مرد لاءِ زير ناف بلوغت جي نشاني آهي. ساڳي طرح شريعت جي پابندي سالڪ ماڻهوءَ کي طريقي جي راهہ ۾ بالغ بنائي ٿي.“

ب : ملا محمد: جڏهن جهانگير بادشاهہ جي سڏ تي ساڻس ملڻ ٿي ويو تہ رستي ۾ وتايو فقير مليس، جنهن کان دعا گهريائين. هو مسڪين حال ۾ هو، پوءِ علمي ڪمال حاصل ڪيائين ۽ نورجهان بيگم جو استاد مقرر ٿيو.

ج : چون ٿا تہ هڪڙي ڏينهن ڪو ماڻهو مڪليءَ تي زيارت ڪرڻ لاءِ پئي ويو. هوڏانهن وتايو مجذوب تڪريءَ تان موٽيو پئي آيو. ٻيو مجذوب تڪريءَ ڏانهن پئي ويو. وتايي ان ٻئي مجذوب کي چيو تہ ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ اڄ مخدوم حمزو گذاري ويو آهي. جناب سيد المرسلين ﷺ سندس جنازي جي نماز پڙهڻ واسطي تشريف فرما ٿي رهيا آهن، پاڻ امامت ڪندا. هل تہ پاڻ بہ هلي پهچون. هن ويندڙ ماڻهوءَ ڳالهہ ڪئي تہ انهن مجذوبن جي ڳالهہ ٻڌي آءٌ بہ سندن پٺيان شهر ۾ آيس ۽ اچي ڏٺم تہ برابر مخدوم حمزو گذاري ويو آهي. آءٌ سندس جنازي نماز پڙهڻ لاءِ صف ۾ بيٺس. صفون سڌيون ٿيون تہ هو ٻئي اڳينءَ صف ۾ وڃي بيٺا. امام جي تڪبير چوڻ کان اڳ هڪ تڪبير غيب مان ٻڌڻ ۾ آئي.

د : وتايو فقير سير ڪندي، هڪ ڏينهن لنواريءَ جي شهر وڃي نڪتو. هڪ

---

الف تحفت الڪرام ص262.
ب تحفت الڪرام ص547.
ج تحفت الڪرام ص550.
د : مشاهير لنواري. ڪتاب ردو.

مسجد وٽان لنگھندي ڏٺائين تہ شيخ گل محمد نماز پڙھي، ٻين جماعتين سان گفتگو ويٺو ڪري. سندس پُنا اگھاڙا ھئا. وتايي، اندر گھڙي شيخ کي پنن تي چمي ڏني. ماڻھن پڇيس تہ درويش ڇا ڏنئہ؟ چيائين تہ ھن پُٽ مان ھڪ گل پيدا ٿيندو، جنھن جي سڳنڌ، جڳ واسي ڇڏيندي. ٿيو بہ ائين شيخ صاحب کي مخدوم محمد زمان لنواري وارو پيدا ٿيو، جنھن لاءِ شاھ لطيف چيو آھي:

مون سي ڏنا ماءِ، جنين ڏنو پرينءَ کي،
تني سندي ڪاءِ، ڪري نہ سگھان ڳالھڙي!

## 1. مون پڳڙا تڏھن ٿي ڪاڏا جڏھن ملان ھليو ٿي ويو.

ھڪڙي ڏينھن مسجد جي امام وتايي فقير کي چيو تہ نماز جي مھل آھي. جمعي جو ڏينھن سڳورو آھي، ھلي نماز پڙھہ. وتايي فقير کي ڪنھن ڪاڻ واسطي پڳڙا ڏنا ھئا، جن جا ڦڪ پريندو پئي ويو. امام جي چوڻ تي سڌو مسيت ۾ ھليو آيو. صفون ٻڌيون تہ ھيءُ بہ ھڪ صف ۾، جھولي پڳڙن سوڌي جھلي، نماز پڙھڻ بيٺو. ھر ھر ھيڏانھن ھوڏانھن ڏسيو، پڳڙن جي لپ وات ۾ ھنيو. وري ماٺ ڪريو نماز پئي پڙھيائين. جڏھن نماز پڙھي فارغ ٿيا تہ ماڻھن چيس فقير، تنھنجي نماز ڪانہ ٿي! تو نماز ۾ پڳڙا پئي ڪاڏا. وتايي چين تہ مون ان وقت پڳڙا ٿي ڪاڏا، جيڏي مھل امام ھليو ٿي ويو. ھنن پڇيو تہ امام ڪيڏانھن ٿي ويو؟ ھو تہ نماز پڙھائي رھيو ھو. وتايي چيو تہ پڇي ڏسوس تہ پھرين ڊڳي ڳولڻ جي ويچار ھيٺ ھو ۽ پوءِ گاھہ ھٽ ڪرڻ لاءِ پئي ڊوڙيو. جڏھن اُتان خيالن موٽ ٿي کاڌس تہ نماز ٿي پڙھيائين. ماڻھن مُلي کان پڇيو، جنھن چيو تہ برابر مون کي نماز ۾ بہ پيرا اھڙا خيال آيا ھئا.

## 2. ٻيڙيءَ جھل تہ آئون لھان ....

ھڪڙي پيري وتايو ھن پَر اچڻ لاءِ درياءَ جي پَرينءَ ڪنڌيءَ تي اچي ويٺو تہ پتڻ اچي تہ چڙھي وڃان. ڪجھہ وقت کان پوءِ پاتڻي آيو ۽ پتڻ ٻري جڏھن ھلڻ ھارڪو ٿيو تہ چيائين "ھاڻ آسرو الله جو." ھن جو ايترو چوڻ ۽ وتائي جو جوش ۾ اچي چوڻ: "اڳ تنھنجيءَ ماءُ جو." ٻيڙي جھل تہ آءٌ لھان. ھو

ٽپ ڏيئي لهي پيو. ساڻس گڏ ٻہ ٽي ٻيا ماڻهو بہ لهي پيا. فقير کان پڇيائون تہ ڇو لٿو آهين؟ هن چيو تہ هن موڙڪ مهاڻي کي ڪابہ سُڌ ڪانہ ٿي پوي. جنهن جو نالو ورتو اٿس، درياءَ ۾ تہ ٻيڙيون اهو ئي ٻوڙيندو آهي. ٻيو ڪو مهاڻي جي ابن ڏاڏن ڪونہ ٿي ٻيڙيون ٻوڙيون. هاڻي وينا مزو ڏسو. اها ٻيڙي جڏهن وچ سِير تي پهتي تہ ڦيريون ڪائي ٻڏي ويئي.

## 3. پهتا وتائي تائين ڪون، يڪدم الله کي ڪيئن رسيا!

ٻيڙيءَ مان لٿل ماڻهن وتايي کي چيو تہ هاڻ ڳوٺ ڪيئن پهچبو؟ وتايي چيو تہ پهچڻ تمام سولو آهي. هنن چيو تہ ڪيئن؟ وتايي چيو تہ توهان کي آءٌ ڪنيڙائين کان تو جهليان، پاڻيءَ متان هلنداسون، توهان سمورو وقت ”وتايو وتايو“ ڪندا هلجو. اميد تہ پرينءَ پر پهچي ويندا سون. اها ڳالهہ انهن قبول ڪئي. وتايي ٻنهي کي ٻانهن کان پڪڙيو. هو وتايو وتايو ڪندا هليا ۽ وتايو الله الله ڪندو پاڻيءَ متان پئي هليو. اوچتو هنن کي خيال آيو تہ ٻُڏون تہ سهي، وتايو ڇا چوندو هلي. سو ماٺ ڪري ٻڌائون. وتايو تہ الله الله ڪندو پئي هليو. پوءِ دل ۾ آين تہ وتايو الله پيو ڪري تہ ڇونہ اسين بہ الله الله ڪريون. اجان ايترو چيائون تہ ٻئي ڳوڙا ٽي پيا. وتايي منجهائن ڪٽي هٿ ڪڍيا تہ ماڳهين ٻڏڻ لڳا. ان تي وتايي چيو تہ پهتا وتايي تائين ڪونہ يڪدم الله کي ڪيئن رسيا!

## 4. سيوهاڻي جي چـَـٽي، وتائي تي آئي!

هڪڙو ايراني سپاهي قسمت سان سنڌ ۾ بيمار ٿي پيو ۽ رهجي ويو. ٻيا سندس سنگتي پنهنجي ملڪ هليا ويا. سپاهي جڏهن چاق ٿيو تہ نہ وٽس سمر هو. نہ سواري. سو لال قلندر شهباز تي چِلو (چاليهو) ڪڍي ويهي رهيو تہ مون کي پنهنجي ملڪ اماڻ. رات ڏينهن اها لوري لڳل هيس. هڪ ڏينهن اشارو مليس تہ وتايي فقير کي ڳولي وڃي لهہ. اهو ڪم ان کان ٿيندو. سپاهي اتي پڇائون ڪرڻ لڳو. نيٺ فقير کي ڳولي لڌائين. چنبڙي پيس تہ مون کي خدا جي واسطي ڳوٺ موڪل. فقير آني ڪاني ڪئي، پر هن چيو تہ مون کي پُـختو ڏس مليو آهي. آءٌ ڪونہ ڇڏيندو سانءِ. فقير ماٺ ۾ رهيو. سپاهي بہ ايلاز

منٺون ڪندو رهيو. هڪ ڏينهن بيٺي بيٺي سپاهي کي سڏ ڪيائين ته هليو آءُ! سپاهي پير ۾ اچي بيٺس. چيائينس ته تنهنجو ساڄو پير منهنجي ساڄي پير مٿان ۽ کابو پير کابي پير مٿان رکي، ٻانهون سڌيون ڪري اکيون پوري ڇڏ. سپاهيءَ ائين ڪيو. فقير بيٺي بيٺي دونهين جو واڇوڙو ٿي ويو. گهڙي سوا ڪان پوءِ انهيءَ هنڌ تي ظاهر ٿي بيٺو. پگهر ۾ شم، دز مٽس چڙهيل. ٽڪل ماٺهوءَ وانگر ڏسڻ ۾ پئي آيو. اتي وينلن پڇيس ته فقير ڏي خبر؟ چيائين کهڙي تا خبر پڇو. "سيوهاڻي جي چٽي، وتائي تي آئي." گهڻو پري وڃي نڪتا هئاسين."

## 5. هيڏانهن اٿو ڪونهي، هوڏانهن بادشاهي ڪٿي؟

هڪڙو غريب ماڻهو هو. جنهن کي گهر ۾ پوري تسوڻ به ڪانه هئي. زال زور رکيس ته ٻن ڏينهن کان گهر ۾ ڪَٽو ڪونهي، جو ڪٽي چکون. وڃ ڪتان اَتي لپ ڇڏائي اچ ته ڪا اکو قلو ڪريون، نه ته مري ويندا سين. همراهه خالي تَسُ ڪٽي گهر کان ٻاهر نڪتو ته سامهون وتايو گڏيس. ان کي ويجهو وڃي چيائين درويش، بک تا مرون. اچ ته ترن مون تي مهر ڪر. وتايي چيس ته مون وٽ چاهي جو توکي ڏيان؟ ڏيڻ وارو پاڻهي ڏيندءِ. هن چيو ته اچ ڏينڌئي منهنجو هانءُ تو ۾ هِڇي ويو آهي. بس سمجهان نو ته توکان سواءِ ڪو بلو پيٽي ڪونه تيندو. اهو ٻڌي فقير پنهنجي لٺ مٿي ڪري کُلهي سامهون سڌائيءَ ۾ جهلي ۽ هن کي چيائين ته پاٺ اتي رکي. هِن لٺ هينان لنگهي هُن پاسي ٿيءُ. هُن ائين ڪيو. ٻئي پاسي ٿيڻ سان ڇا ٿو ڏسي ته هڪڙو وڏو ڪٽڪ ڪنهن جي انتظار ۾ بيٺو آهي. هنن سان خوشيءَ جو سامان گڏ آهي. هڪڙو گهوڙو پنج سنجيءَ سان سنجيل آهي. ڇٽ پيو ڦِري، دُهل دماما، شرنايون قرنايون پيون وڄن. گلن جا هار ڪٽيو بيٺا آهن. هيءُ جو هُن پاسي ٿيو ته سڀ ڦري آيس، هارَ ڪٽي وڌائونس، گهوڙي تي چاڙهي سرگس ڪري، نچندا ٽپندا اچي شهر ۾ محلات اندر لاٿائونس، پوءِ هڪ شخص اڳيان اچي بيٺس، جنهن چيو ته آءٌ هن ملڪ جي بادشاهه جو وزير آهيان. ٽي ڏينهن ٿيندا ته هتان جو بادشاهه بنا اولاد

❖ ڪتابن ۾ هيءُ بهلول بغداديءَ جي ڪرامت ڄاڻايل آهي.

مري ويو آهي. مرڻ وقت وصيت ڪيائين تہ منهنجي بادشاهيءَ لاءِ اهڙو ماڻهو مقرر ڪجي، جيڪو بلڪل ٻاهرئُو هجي ۽ ٽن ڏينهن اندر هن شهر ۾ پير وجهي، پر جي ڪو ٽن ڏينهن اندر نہ اچي تہ پوءِ توهان جنهن کي مناسب سمجهو، تنهن کي حاڪم ڪجو. سو اسين هر روز سرحد وٽ اچي بيهندا هئاسون تہ ڪو ٻاهريون ماڻهو اچي تہ بادشاهہ بنايونس. ٻن ڏينهن ۾ تہ ڪير ڪونہ آيو. اڄ ٽيون ڏينهن آهي، تون آيو آهين. هاڻ تون اسان جو بادشاهہ ۽ اسين تنهنجي رعيت آهيون. هي تخت، هي محلات، هي راڻيون، ٻانهيون، نوڪر چاڪر، گهوڙا ٻيڙا اڄ کان وٺي تنهنجي حوالي ۽ تنهنجي حڪم هيٺ آهن.

پوءِ وٺي آڻي تخت تي ويهاريائونس. شادمانا ٿي ويا مجرا پرجڻ لڳا. امير وزير تحفا، سوغاتون پيش ڪرڻ لڳا. جڏهن جشن پورو ٿيو تہ بادشاهہ محلات ۾ آيو. راڻيون، ٻانهيون قطارن ۾ بيهي سلامي پرڻ لڳيون. مطلب تہ ڏاڍو خوش ٿيو. ڇا هو، ڇا مان ڇا ٿي پيو؟ پورا پنج سال حڪومت هلايائين، عيش عشرت ڪيائين. تنهن کان پوءِ ڪو سوداگر تمام ڀلا گهوڙا ڪاهي هن جي ملڪ ۾ وڪڻڻ واسطي آيو. بادشاهہ ڀاڻ گهوڙا ڏٺا، ڏاڍا وڻيس. حڪم ڪيائين تہ هڪڙي گهوڙي تي سنج وجهو تہ آءٌ سواري ڪري ڏسان. گهوڙي تي سنج پئجي ويا. سَئِسن بادشاهہ کي گهوڙي تي سوار ڪيو. بادشاهہ لغام تڪيو، گهوڙو نرا ڪٽي متي اُڇريو ۽ ڦيرائي ڦيرائي بادشاهہ کي ڪٽي پَٽ سان هنيائين. ڪِريو تہ سندس هينان ٺڪر جي ڀاٽ ڀڃي پرزا پرزا ٿي پئي. وتايو لٽ سنئين سڌائي ۾ جهليو بيٺو هو. هن ڪِرڻ سان وتايي جي منهن ۾ نهاري سجاتو تہ هيءَ تہ وتايو فقير بيٺو آهي. ان کي ڏسي پڇيائين تہ فقير منهنجي بادشاهي ڪيڏانهن وئي، منهنجيون راڻيون ٻانهيون ڪيڏانهن ويون؟ آءٌ هت ڪيئن آيو آهيان؟ فقير چيس تہ عجيب انسان آهين! لٽ جي هــُن پاسي آهين تہ چوين ٿو تہ منهنجي بادشاهي ڪيڏانهن وئي ۽ جڏهن هــِن پاسي آهين تہ گهر ۾ اَنو ڪونہ هئي. ماڻڙي ڪري وڃي اٽي جي پَٽ سٽ ڪر!

باب ٻيون

# ساريءَ سنڌ ۾ ساڳيائي چُٽڪا ٽاچئجن

## 6. مولا ڪنن واري مار!

وتايي فقير هڪ ڍڳي ڌاري هئي. ان جو گاهه پَنو پاڻ ڪندو هو. رات جو جڏهن گاهه ڍڳيءَ کي ڏيئي وجي سمهندو هو تہ پاڙي واري جي گڏهہ الائجي ڪيڏي مهل اچي گاهه کائي ويندي هئي، يا گاهه مٿان مُتي ويندي هئي. گڏهہ جو ڪاڌل اُوباريل گاهه ڍڳي ڪانہ کائيندي هئي. مُٽ جي سُوگراڻ ڪري بہ گاهه کي ويجهي نہ ويندي هئي. تان جو ڍڳي ڪير سُڪائي ويئي. وتايو سجاڳ ٿيندو هو تہ گڏهہ کي ڪا سيڪت ڏيان، پر هوءَ چُٽڪ پڇي ويندي هئي. نيٺ ڪَڪِ ٿي پيو. هڪ رات جو الله سائين کي ٻاڏايائين تہ مولا! انهيءَ وڏن ڪَنن واريءَ کي مار تہ منهنجي منجهانئس جند ڇٽي. ائين چئي سمهي رهيو. صبح جو ڇا ٿو ڏسي تہ ڳانءِ پٺاري ٽنگون ٽيڙيو پئي آهي! هُو ويو، وجي گهٽيءَ ۾ ٻيٺو. اتان هڪڙو انڌو اچي لنگهيو. ان کي ٻانهن کان وٺي اندر آيو ۽ چيائين تہ حافظ، ڏس تہ هيءُ کهڙو جانور مئل آهي؟ انڌي ڍڳيءَ کي مَناڙي هٿ لائي ڏسي چيو تہ هيءُ تہ ڍڳي مئل آهي. وتايي آسمان ڏانهن ڪنڌ مٿي ڪٽي چيو: ارمان جي ڳالهہ آهي، توکي انڌي جيتري بہ سُڌ ڪانہ ٿي پوي! مون چيو ڪَننَ واري مار، تو هٽي سڱن واريءَ کي ماري ڇڏيو آهي!

## 7. سُٽئي سَهي پر سمجهئي ڪونہ!

وتايو فقير ڪنهن مسافريءَ تان موٽي رهيو هو. پنڌ تمام گهٽو هو، سو الله کي سوال ڪيائين تہ مولا، ڪا سواري ڏيار تہ پنڌ کان ڇُٽان ۽ جهٽ پهچان. اهو خيال ڪري اڳيرو ٿيو تہ هڪ سپاهي ٻيٺو هو. جنهن جي گهوڙي

تازي وياڻي هئي. سپاهي حيران هو تہ ڪيڏي مهل ڦَرُ اُتي هلڻ جهڙو ٿيندو جو تاڻي تي پهچندس. اوچتو جو وتايي کي اهڙين حالين رستي تان ايندو ڏٺائين تہ سڏ ڪري چيائينس تہ سگهو تيءُ هي ڦر ڪنڌ تي کڻ ۽ مون کي تاڻي تي پهچائي پوءِ وڃ! وتايي چيو آءٌ غريب مسافر آهيان پري وڃڻو اٿم. مون کي ڇڏ. پر سپاهيءَ هڪ بہ ڇهبڪ ڪشي ڪڍيس ۽ زوريءَ ڦر کڻي ڪنڌ تي رکيائينس. فقير لاچار تي ڦر کڻي اتي هليو. واٽ تي نماڻيون اکيون کڻي چيائين تہ: "اي موليٰ سڻئي سهي، پر سمجهئي ڪونہ!" مون چيو تہ مون کي ڪنهن وهٽ تي سوار ڪر. پر تو وري ماڳهين منهنجي مٿان وهٽ چاڙهي ڇڏيو.

## 8. تنهنجي ماڻهوءَ ۽ رئيس جي ماڻهوءَ ۾ فرق!

ڪو واهہ پڄي پيو هو. ڳوٺ تي ٻُڏو. ڳوٺ جي وڏيري ڪمدار کي چيو تہ ڇيڙ وٺي وڃي واهہ ٻَـڌائي اچ. وڏيرو تمام ڪڙڪ ماڻهو هو، سو ڪمدار ڇيڙ وٺي ڪم کي وڃي لڳو. پر ٿورن ماڻهن هٿڻ ڪري ڳنڍي ٻـَڌڻ ۾ دير لڳي رهي هئي. ڪمدار بہ جيڪو تي لنگهيو، تنهن کي بيگر ۾ تي وهايو. تيو ايئن جو وتايو فقير بہ ڪن ٻن واٽهڙن سان گڏ اتان اچي مَـتيو. ڪمدار کين هڪل ڪئي تہ ڪير آهيو ۽ ڪيڏانهن ٿا وڃو؟ هنن ٻن ماڻهن چيو: اسين فلاڻي رئيس جا ماڻهو آهيون. مينهون ڪاهڻ پيا وڃون. پوءِ وتايي کان پڇيائين تہ تون ڪير آهين ۽ ڪيڏانهن تو وڃين؟ وتايي چيو تہ آءٌ الله جو ماڻهو آهيان ۽ پنهنجي ڳوٺ پيو وڃان. ان جواب تي ڪمدارَ بگڙي چيس. تون الله جو ماڻهو آهين، باقي پيا ڇورن جا ماڻهو آهن، ها نہ! هيڏانهن اچ، ڪڻ ڏلهو! مُلڪ تو ٻـُڏي، هيءُ الله جو ماڻهو تيو ڇڪر هڻندو وتي. وتايي ڏلهو کنيو ۽ خدا کي چيائين: "ڏٺئہ تنهنجي ماڻهوءَ سڏائڻ ۽ رئيس جي ماڻهوءَ سڏائڻ ۾ فرق!"

## 9. مـُيون سهسايون، پرٽايون ڪون؟

وتايو واٽ وٺي ويو پئي تہ ڏٺائين ڪي ماڻهو جنازو کنيو پيا اچن. انهن کي ڏسي بيهي رهيو. جڏهن ويجهڙا آيا تہ ڪانڌن پڇڻ لڳو تہ ادا، اهو ڇا ٿا کنيو وڃو؟ ماڻهن چيس تہ انڌو تہ ڪين آهين؟ ڏسين نہ ٿو تہ ميت آهي. چيائين هائو، برابر

جنازو آهي، پر مرد جو آهي يا عورت جو؟ هنن چيو تہ عورت جو آهي. پلا جي عورت جو آهي تہ اهو بہ ٻڌايو ڪٿي تہ پرڻيل هئي يا ڪنواري؟ هنن چيو تہ ڪنواري هئي. تڏهن چيائين تہ: "ميون سهسايون، پرڻايو ڪون".

## 10. پٺاڻن جو گهر اهو اٿئي!

وتايو ڪتان پري ڪان مسافري ڪري گهر ڏانهن پئي آيو. سندس گهر جي ڪڙهہ لڳ هڪ ڇوڪر پئي حاجت تي ڪئي. فقير کي چڙ آئي، تہ ٻيو هنڌ ڇڏي ماڳهين لنگهہ وٽ وينو آهي، سو دڙڪو ڏيندي پڇيائينس تہ ڇورا ڪير آهين؟ ڪنهن جو پٽ آهين؟ ڇوڪر اڇي ڊنو، سو ڊپ ۾ رڳو خدا خدا ڪرڻ لڳو. (هُو خدا بخش جو پٽ هو.) وتايي خدا خدا ٻُڌي ڪٺي ڪنڌ ۾ هٿ وڌس ۽ ڇڪي مسجد تائين آيس ۽ چيائين تہ: "خدا... خدا پيو ڪرين تہ اهو اٿئي پٺاڻن جو گهر."

## 11. تو تہ دنگ ڪري ڇڏيو!

هڪ هنڌ وتايو ڪنهن ڏيان ۾ وينو هو، پنهنجي خيالن جا اُونٽار چڙهيل هوس تہ هڪڙو ماڻهو، جنهن کي تمام تڪڙو حاجت جو خيال لڳو هو، سو وتايي جي پنيان ڪنهن ٻُوڙي کي پٺ ڏيئي ويهي رهيو. هن جي ريح جي آواز تي فقير ڪنڌ ڪنيو. ڏنائين تہ ٻنهہ سندس پوئتان ماڻهو پيو رفع حاجت ڪري. تڏهن هن کي شرمائي چيائين: "ڇريا تہ اسين پيا سڏجون، پوءِ تنهنجي مَت ڪيئن مارجي ويئي آهي، جو ههڙي انڌائي وينو ڪرين؟ تو تہ دنگ ڪري ڇڏيو!"

## 12. پل تہ منهنجو جُهڳو جهڻ ٿئي!

وتايو گهمندي ڦرندي هڪ شهر ۾ آيو. اتان لڳو بازار ڪچڻ. هڪ هنڌ هڪڙي حلوائيءَ جو دُڪان ڏٺائين، جنهن ۾ ڪيئي قسم مٺائين جا. جليبيون، گيهر، سترينيون، ميسوپاڪ، تَلي ٻَڏي، قرص، توشا، تڪيون ۽ الائجي ڇا ڇا رکيل هئا؟ ان دڪان جي آسڻ تي حلوائي ڪنڌ هيٺ ڪريو جُهڪيو وينو هو. اڳيان حلوي جو تالهہ پريو رکيو هوس. حلوي کي ڏسي فقير جي دلہ

سرڪي، گيدي ۾ هٿ وڌائين تہ پائي بہ وٽس ڪانہ هئي.

پوءِ بيهي بيهي، ڏسٽي آگر اُيي ڪري، حلوائيءَ جي اک ۾ چوڪڻ جي ڪوشش ڪيائين. آگر ڪي اک ڏانهن ڪڇندو ڏسي حلوائي دانهن ڪئي، چي، فقير انڌو ڪندين ڇا؟ فقير چيو تہ تون ڏسين بہ پيو ڇا؟ حلوائي چيو هائو. انڌو ڪونہ آهيان. فقير چيو جي انڌو ڪونہ آهين تہ هيترا سارا مال ٿالهہ اڳيان رکيا اٿئي، پوءِ ڪائين ڇو نٿو؟ حلوائيءَ چيو اهي وڪري لاءِ آهن. جي آءٌ ڪاوان ٿو تہ جهڳو جهڻ ٿو ٿئيم. فقير چيس: "فڪر ناهي، تون لهي هيٺ ٿيءُ، اهو، مال، آءٌ ويهي ٿو ڪاوان. پوءِ پل تہ منهنجو جهڳو جهڻ ٿئي."

## 13. ٽڪي وارو بہ ڏس ۽ تنهنجي نالي وارو بہ ڏس!

هڪڙي دفعي وتايو فقير ڪنهن مارڪيٽ مان اچي مَتيو. اتي هڪڙو هاري گدرن جي بوري چندي وڪڻڻ لاءِ نَهي نُڪي وينو هو. ڳاڙها ڳاڙها گدرا ڏسي وتايي ڪي طلب ٿي. هاريءَ کي الله جي نالي تي سوال ڪيائين تہ ڪو گدرو خدا ڪارڻ ڪاراءِ. هاريءَ بوٽ بڇڙو ڪيو. چيو تہ اجا وينا ئي ڪونہ آهيون تہ اجهو فقير اچي ڪڙڪيو آهي. ائين چئي هڪڙو ڪِونٽرَو ۽ قِتل گدرو هن کي ڏنائين. فقير کيسي ۾ هٿ وڌو تہ ٽَڪو پيو هوس، سو ڪڍي هاريءَ کي ڏنائين ۽ چيائينس تہ يار اچي ڪر بُهٽي، هن جو ڪو گدرو ڏي. هاريءَ ڳولي ڳولي ناهوڪو موچارو گدرو ڪٽي ڏنس. پوءِ ٻئي گدرا هڪڙو هڪڙي هٿ ۾ بيو ٻئي هٿ ۾ جهلي ڪنڌ آسمان ڏانهن ڪري چوڻ لڳو تہ: تون پاڻ پنهنجو قدر ڏس. "هي ٽڪي وارو بہ ڏس، هيءَ تنهنجي نالي وارو بہ ڏس."

## 14. هڪ ڳالهہ امان جي وس ۾ بہ آهي!

ڪنهن ڪچهريءَ ۾ ڳالهہ اچي ڇڙي تہ سڀ ڪجهہ الله سائين جي وس ۾ آهي. ڪرڻ ڪرائڻ وارو پاڻ پروردگار آهي. روزي بہ سندس وس ۾ آهي. گهٽي ڏي يا ٿوري. پاڻ رزاق آهي، سندس ئي حڪم سان دنيا جو ڪارخانو پيو هلي. وتايو فقير بہ ان ڪچهريءَ ۾ وينو هو. ڳالهيون جڏهن دنگ ٿيون تہ امالڪ چيائين تہ: جيڪي چئو ٿا سو سڀ سچ آهي، پر هڪڙي ڳالهہ امان جي وس ۾

بہ آهي. ماڻهن پڇيو تہ اها ڪهڙي ڳالهہ آهي؟ فقير چيو تہ اِهو امان جي مرضي تي ڇڏيل آهي، وٽيس تہ پَٽ رڌي، وٽيس تہ ماني پچائي.

## 15. ڏي تو پر ڪنگهائي!

هڪ ڀيري وتايي کي خيال آيو تہ روزي رزاق تو ڏي ۽ ڏيڻ لاءِ پاڻ کي ٻڌل رکيو اٿس. پوءِ ڇونہ ڪٽي پاڻ پرڪ ونجي. رڳو ماڻهن جي ڇوڻ تي اعتبار ڪري چو ويهجي. اهو خيال ڪري ڳوٺ کان ٻاهر نڪري هڪڙي جهنگ ۾ هڪڙي وڏي گهاٽي وڻ تي چڙهي ويهي رهيو. دل ۾ چيائين جي رزاق آهي تہ پاڻهي اتي روزي رسائيندو.

هڪڙو ڏينهن گذريو، ٻيو ڏينهن گذريو تہ فقير جو حال هيٺو ٿيڻ لڳو. هاڻ ٻُڌتر ۾ اچي ويو تہ لهي وڃي ڪٿان ٽُڪر گُهري ڪائي يا اجا بہ ڏسي تہ ڇا ٿو ٿئي؟ اوچتو ڊنبلو ماڻهن جو اتي وڻ هينان اچي لٿو. جيڪي شڪار ڪري آيا هئا. پوءِ يڪدم اتي ئي ديڳڙا ڪڍي شڪار ٿيل هرڻ کي سيخ ڪيائون ۽ قورمو ناهيائون. رڌي پچائي واندا ٿيا تہ انهن جي سردار چيو تہ هُو پريان جهڳيون پيون ڏسجن، انهن ۾ ضرور ڪي غريب ماڻهو رهندا هوندا. منهنجو خيال آهي تہ هڪڙي پاٽ پري انهن کي خدا ڪارڻ ڏئي اچو تہ ڪائي دعا ڪن. بورچيءَ ماني وڏائي قورما ڪباب برياني مٿان رکي هڪڙي ماڻهوءَ جي مٿي تي پاٽ رکي.

جڏهن هو هلڻ وارو ٿيو تہ وتايي ڏنو تہ ڪاڏو تہ هاڻ هٿن مان ٿو وڃي. سو مٿان وڻ تي ڪنگهڪارون ڪرڻ لڳو. ماڻهن ڏنو تہ هڪڙو غريب مٿي وينو آهي، هنن سمجهيو تہ ڪو ڪانير آهي. سو سڏي چيائونس تہ فقير هيٺ لهي اچي کاءُ. وتايو هيٺ لهي آيو سڃاتائونس تہ هيءُ تہ وتايو فقير آهي. چيائونس فقير اتي ڇا وينو ڪرين؟ چيائين تہ الله جو آزمودو تي ڪيم تہ روزي ڪيئن ٿو رسائي؟ ڏي تو پر ڪنگهائي تو ڏي. جي نہ ڪنگهان ها تہ شايد اها پاٽ ٻئي هنڌ هلي وڃي ها، ائين چئي کائڻ کي لڳي ويو.

## 16. رپئي کي سڃاتائين پر توکي نہ ڇاتائين!

درياءَ جي پتڻ ڇنڻ تي وتايو پري کان ئي رڙيون ڪندو ڊوڙندو آيو. ڇي،

مهاڻا بيڙي جهلجو. مون فقير کي خدا جي واسطي ڪٽيو هلو. قسم اٿو خدا جو ترسجو. آءُ اچي پهتو آهيان. الله کي مڃو نه وڃو. پر مهاڻن پڳهه ڪنيا. بيڙي هلڻ لڳي. فقير جي ڏانهن ڪابہ توجهه نه ڪيائون. جڏهن ته هن جون رڙيون ڇتيون پئي ٻڌائون. ڪنارو ڇڏي بيڙي اڳيري ٿي ته وتايو بہ اچي پهتو. وتايي ڪيسي مان رٻيو ڪڍي چيو ته ٻيلي هيءُ سڄو سارو رپيو ونو. پر مون کي چاڙهيو هلو. ڏاڍا ٿيو. نہ ته سڄو ڏينهن هتي دربدر ٿي ويندس. مهاڻن ڏنو ته ٻين ڪان رڳو ٻہ آنا مليا آهن. فقير رپيو ٻيو آڇي. سو ٻيڙيءَ کي موٽائي ڪپر تي آندائون. رپيو ونئي. فقير کي ٻيڙيءَ تي ويهاريائون. جڏهن فقير جو هانبارو ڊرو ٿيو. تڏهن چيائين: تہ "اي منهنجا مولا. رٻئي کي جيترو سڃاتو ٿو وڃي. اوترو توکي ڪير ڪونہ ڄاڻي!"

## 17. ٻنهي پارين وتايو مُنو!

وتايو سدائين هوندو هو سفر تي. ڪڏهن ڪڏهن تہ مهينا بہ گذري ويندا هئس. سو ماڻس سندس ڳاراڻي ۾ پئي ڳرندي هئي. نيث خيال آيس تہ فلاڻي ڳوٺ ۾ مرشد تا رهن. چونہ انهن وٽ وڃي رهان؟ اهو خيال ڪري جيڪي بہ - ٽي ٽيڙ هئس. سي ڪڇ ۾ ڪري ان ڳوٺ ۾ وڃي مرشدن ڪان ڪا ڪوٺي اجهي لاءِ ونئي ويهي رهي. وتايو جو ڳوٺ اچي تہ ماڻس نهي ٽي ڪانہ. پڇا ڪيائين. ماڻهن چيو تہ فلاڻي ڳوٺ ۽ پاڙي ۾ سيدن وٽ وڃي رهي آهي. فقير مُنيون پيڙي ونئي پڳو. اچي ماءُ کي ڳولي لڌائين. پڇيائينس: امان! تون هت ڇو هلي آئي آهين؟ ماڻس چيو تہ ابا! حياتيءَ تي اعتبار ڪونهي. تون ڪڏهن آهين تہ ڪڏهن ناهين. چيم تہ مرشدن وٽ وڃي رهان جي ٻنهي جهانن جا وسيلا آهن. وتايي چيو امان. تو تہ قهر ڪري ڇڏيو. سيدن جي ذات ڏاڍي. جي ڪنهن خسيس ڳالهہ تان تپي ڪٽي پٽ پاراتو ڪن تہ بہ وتايو مُنو. جي وتايو جذب ۾ اچي سيدن کي ڪجهہ چئي وجهي. تڏهن بہ وتايو مُنو. ماڻس چيو سو ڪيئن؟ وتايي چيو تہ انهن ماڻهن کي اڳئين جهان ۾ هلي ڇڏائڻ جي اهڙي پَتي پڙهائي ڇڏي آهي. جو پاڻ کهڙا بہ ڪم ڪندا وتن. پر جي ڪنهن جي واتان سندن گلا جو ڪو گفتو

نڪتو تہ هي سندن خليفا ۽ ماڻهو انهيءَ تي چڙهي ويندا ۽ هٿي ڪونڌي ڳيرو ناهي ڇڏيندا. تنهن ڪري تہ چوان ٿو تہ: ٻنهي پارين وتايو مُنو.

## 18. ٻُڌو سهسايو پر ڏنو نہ سهسايو!

ڪنهن واهہ جي گهيڙ وٽ ڪن زالن ڪپڙا پئي ڌوتا ۽ ڪي وهنتيون پئي، جو تہ اتان ڪنهن جي مَتْڙَ جو گس ڪونہ هو. اهو انهن زالن جو خاص گهيڙ هو. وتايو فقير اوچتو انهيءَ واهہ جي ٻيءَ پر تان گهيڙ سامهون اچي نڪتو. زالن کي تہ ڪا اون ڪانہ هئي، سو بنا ڪنهن ڪٽڪي جي گهيڙ تي ڪپڙا ڌوئڻ ۽ شنان ڪري رهيون هيون. اوچتو جو هنن جي نگاهہ فقير تي پين تہ مُنهن لڪائڻ لاءِ ڪٽي مڙني پاڻيءَ ۾ ٽٻي ڏني. فقير انهن جو اهو لقاءُ ڏسي چيو شابس هجيو، ڏنو نہ سهسايوَ پر ٻڌو سهسايوَ!"

باب ٽيون

# اُتر سنڌ ۽ ڏکڻ سنڌ ۾ ڦير گهير سان چيل چُٽڪا

## الف: 19. ڪُتو هجين تہ صحيِ ڏي!

هڪ ڏينهن وتايي جي گهر ۾ اَن کپي ويو. ماڻس چيو ان خيرڪو وڃي رهيو آهي، اُتي ڪو حيلو ڪر. فقير پَنو مس ۽ قلم کڻي مسيت ۾ منبر تي چڙهي ويٺو ۽ چيائين، جهانن کي روزي ڏيندڙ. وتايي جي گهر ۾ اَنُ صفا ڪونهي تو چيو آهي تہ آءٌ روزي ڏيندڙ آهيان، هاڻ پنهنجي وعدي کي پاري ڏي، يا هن پَني تي صحي ڪر ۽ لک تہ آءٌ ڪُتي پيو آهيان تہ ماڻهن کي ڏيکاري ڪين پڪ ڏياريان تہ پنهنجي مڙسي پاڻ ڪن. هن اجا ايترو چئي بس ڪيو تہ مسجد ٻاهران سڏ ٿيس تہ وتايا، ٻاهر نڪري آءُ. ٻاهر نڪتو تہ هڪڙو ماڻهو گڏهہ تي اَنَ جي ڳوڻ رکيو بيٺو هو، جنهن چيس تہ هيءُ خدا ڪارڻ جو اَنُ آهي، وٺي پنهنجي حوالي ڪر. وتايي مٿي ڏنو ۽ چيو تہ: ڏاڍو سياڻو آهين! صحي نہ ڏنئہ پر اَن موڪلي ڏنئہ.

## ب: 20. گهر ۾ اَنُ ڪونهي!

هڪڙي ڏينهن وتايي فقير کي سندس ماءُ سڏي چيو تہ ابا، گهر ۾ ڪاڏي لاءِ اَنُ ماڳهين نہ آهي. سو ڏٺي سڳوري جي نالي تي پني ڪي داڻا آڻي ڏي. فقير ٻڌڻ سان سڌو مسجد ۾ اندر آيو، اچي مسجد ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڏسي منبر تي چڙهي اکيون مٿي ڪري چوڻ لڳو: اي مولا سائين! تون پاڪ آهين، ڪائڻ جي اسان کي بک ڏني اٿئي. سو جيئن تنهنجو هيءُ گهر مسجد ويران

---

الف: ڏاکڻي سنڌ ۾ ان طرح ٽوٽڪو چيو وڃي ٿو.
ب: اتر سنڌ ۾ هن طرح ٽوٽڪو چيو وڃي ٿو.

## الف: 23. ڪتي سُجائي ٻہ ڪم اچيو وڃي!

هڪ سال درياءَ ۾ چاڙهہ ٿيو. سانوڻ جا ٻہ ٻَـرهڙا هجن، مينهن پوريون ڪري ڇڏيون هجن. ڊورا ڊنيون قاڙ پيا ڦاڙين. ڳوٺ ٻڏڻ جو خطرو ويجهو ٿيندو ويو. ڳوٺن جا ماڻهو ٿيڙن ڊوئڻ، مال کي ڪاهڻ ۽ ٻچن کي ڳهلڻ ۾ لڳي ويا. سڀ ڪنهن کي ساهہ جي اچي لڳي. وتايي ڏٺو تہ منهنجو گهر بہ ٻڏي ويندو،سو بہ رليون، پاٹ ۽ وَنو ڪٽي، ماءُ کي ٻانهن کان وٺي اچي بند تي چڙهي ويٺو. ماڻهن جي ڀڄ ڊوڙ کي ڏسي، ماڻس کي چوڻ لڳو تہ: ڏس ڪتي ڪتي اها سُجائي بہ ڪم ڏيو وڃي!

## ب: 24. آسودن کي درياءَ لذائي ڇڏيو.

ڳالهہ تا ڪن تہ هڪڙي اونهاري جي موسم ۾ برسات گهٽي پوڻ ڪري ۽ درياءَ اُٿلي پون ڪري ملڪ ۾ بوڙ بوڙان لڳي وئي. ماڻهو جهڳا ڇڏي سامان سڙو ڪٽي ڀڄڻ لڳا. وتايي فقير وٽ ڪو ايڏو سامان هو ئي ڪونہ ۽ ڪيس ٻُڏڻ جي پرواهہ ڪانہ هئي. جن ٿيڙ پٺي ڊويا تن کي چوڻ لڳو:

اڳ يـــا پـــوءِ، لـــڏي هلبـــو لـــوءِ،
ٿيڙ اهي ڊوءِ، جيڪي اچن ڪم اڳيان.

اسان کـــي ســـُجائي ڇـڏائي ڇـڏيو،
آســـودن کـــي دريـــاءَ لـــڏائي ڇـــڏيو.

## الف: 25. عشق ڪرڻ بدران ڏند شيڪيو پٺي آهي!

وتايو فقير ڪنهن واقفڪار وٽ ويٺو هو. اوياريون لهواريون ڪندي اچي عشق جي ڳالهہ نڪتي. فقير ان سنگتيءَ کان پڇيو تہ عشق ڇا آهي؟ هن چيو عشق دل جي وندر ۽ روح جي راحت آهي. جنهن کي عشق اندر ۾ ناهي، اهو انسان ئي

---

ب: اتر سنڌ ۾ چون.
الف: ڏاکڻي سنڌ ۾ چون.

ناهي. تنهن تي فقير چيو تڏهن آءُ بہ عشق پلي ڪريان؟ هن چيو ضرور توکي بہ ڪرڻ گهرجي. فقير چيو عشق ڪنهن سان ڪبو ۽ ڪيئن ڪبو؟ هن چيو فقير اها ڳالهہ ظاهر پئي آهي تہ مرد جو عشق هميشہ زال سان ٿيندو آهي. ان سان پيچ اڙائڻ جا طريقا آهن: پهرين ان کي سنهو پٽر اچلائي هٽبو، پوءِ ڏسبو تہ ڇا تي ڪري ۽ ڇا تي چوي؟ ان موجب ان سان پير ڪٽبو. اهي خبرون ڪري ٻئي هڪ ٻئي کان موڪلائي توڪلائي هليا ويا. ٻئي ڏينهن فقير گس ونيو پئي آيو تہ هڪ عورت پاٽيءَ جا گهڙا پريو مٿي تي رکيو پئي ويئي ۽ هٿي بہ موچاري، سو فقير کي عشق جي يادگيري اچي ويئي، ڪٺندي ٿي هڪڙو زنبوتو نڪاءُ ڪرايائينس. زنبوتي جو لڳڻ هن جا دلا پيچي اچي پٽ تي ڪريا ۽ مائيءَ جو وتجي پَٽ تي ڪرڻ. ڪرڻ سان ڊڪرجي ويئي. فقير مٿان اهو لقاءُ ڏسي وني پڳو ۽ گس تي ڪنهن جي پڇڻ تي چيائين: وڃ عشق ڪرڻ بدران ڏند شيڪيو پئي آهي!

## ب: 26. پورڙي کي کهڙي خبر عشق جي!

هڪڙي رات وتايو ڪنهن دوست وٽ وڃي ٽِڪيو. زماني جون ڳالهيون ڪندي، دوست پڇيس، وتايا، پنهنجي حياتيءَ ۾ ضرور عشق بہ ڪيو هوندءِ؟ پڇيائينس ڪنهن سان؟ هن چيو ڪنهن زال ذات سان. فقير چيو

ننــــديڻ ۾ عشـــــق مجــــازي ڪياســــــي،
پـــوءِ حقيقـــي عشـــق ۾ ٿپـــــي پياســــي،

لڳـــــو عشـــــق حقـــــاني ڇـــــڻ مـــــصري،
پـــوءِ ويـــو مجـــاز بـــــ مـــون کـــان وســـري.

تون پنهنجي عشق جي ڪا سُڌ سڻاءِ. دوست چيو تہ اول ۾ مرد عورت مٿان عاشق ٿيندو آهي، انهيءَ کي اکيون پيچي اشارا ڏيندو آهي. پوءِ اک سان اڙجي ويندي آهي، ۽

دل قــــرب ۾ ڪڙجــــي وينــــدي آهــــي
محبــــت جــــي مــــاڙي آڏائـــــي،

---

ب: اتر سنڌ ۾ چون.

قــــرب جـــو كـــوٺ ٺـــاهي
جـــان ســـان جڙجـــي وينـــدي آهـــي.

جڏهن وتـايو رهي ٽڪي موڪلائي ويـو هليـو تـه واٽ ۾ فقير کـي هـڪ نهايت سهڻي من موهڻي عورت ڏسڻ ۾ آئي، سو وڏي اچـي ويجهـو ٿـي کـانئس پڇڻ لڳو: مائي، توکي ڪا عشق جي حقيقت معلوم آهي تـه مون کي بـه سمجها ۽ تو بـه ڪڏهن نـه ڪڏهن ڪنهن سان عشق ڪيو هوندو؟ عورت ڪلي ڇيو:

تڪـــي تيـــز آهـــي نظـــر عشـــق جـــي.
تـــو پـــوري ڪـــي ڪهـــڙي خبـــر عشـــق جـــي؟

## الف: 27. جيڪي ڪرائي تـه ويرم ئي ڪانهي!

ڳالهـ ڪندا آهن تـه وتـايي فقيـر کي سَيون ڏاڍيون وڻنديون هيـون. ڪنهـن پڇيس تـه فقير! ايڏو سيئن تي چاھ اٿئي، تون غريب پينڙيات پوءِ پـانئين تـو ڪيئن کائي ڏءِ ڪندين؟ چيائين تـه الله سائين جي جڪ ڪرائي تـه وٽس ويرم ئي ڪانهي.

## ب: 28. ملان نـه سيون کائي وڃن.

ڳالهـ ٿا ڪن تـه وتايو فقير ٻين کاڌن کـان وڌيـڪ سَـيون پسـند ڪنـدو هو. رمضان جو مهينو اچـي ويـو. مـاڻس سـيون نـاهڻ شـروع ڪيـون. مـاءُ کـي سڏي چيائين تـه امان. خيال اٿم تـه رمضان جي ڇهويهين تاريخ جـو روزو آءُ بـه رکان جيئن ستاويهين جي رات جـو جيڪي سيون مسجد ۾ ايندـيون سي بـه وڃي کاوان ۽ اهو روئنشو بـه ڏسان تـه روزائتا ڪيئن ٿا سَـئين تـي مريـو مَـٽ ٿين ۽ پيٽ ۾ ٿا سَـٽين! ماڻس چيو ابا. پنهنجي مـاني بـه ڪٽي وڃ. ائيـن نـه وڃ، جو متان ماٺهو چون تـه وتايو رڳـو سيون کـائڻ لاءِ آيـو آهـي. مـاڻس اُتـي ماني پچائڻ لڳي، وتايو وينو هو. اجا هٿ ۾ چاٽو اٿي جـو ڪنيـائين تـه متـان بانگ آئي. مـاڻس دل ۾ چيـو تـه بـانگ پـوري ٿـئي تـه ڪلمـو پـري پـوءِ مـاني تقيان. هڪڙي بانگ پوري ٿي، هـن مـاني اجا تقـي تـه ٻـي شـروع ٿـي، ان لاءِ ترسي تـه ٿي بانگ آئي. ماڻس جي ڍيلهـ ڪرڻ تي وتايي ماءُ کـي چيـو، انهـن

---

الف: ڏاڪڻي سنڌ ۾ چون.
ب: اتر سنڌ ۾ چون.

ٻانگن پاڻ ۾ ٻَڌي ڪئي آهي تہ جيئن تون ماني پچائي نہ سگهين! تون انهن کي هڻ ڊنڊ ۾ ماني پچائي ڏي نہ تہ سيون ٻُٽ ڪائي ويندا . پر مائي ٻانگن ڏانهن تانگهيندي رهي. وتايو ڊوڙندو مسجد ۾ آيو. جماعتين سان روزو کولي سَئين کي لڳي ويو. چيائين جي امان جي چوڻ تي لڳان ها تہ: مُلان سيون ڪائي وڃن ها ۽ آئون رڳو ڏوتل تانءَ اچي ڏسان ها .

## الف: 29. لُچن کي تہ نہ لڪائي!

هڪڙي ڏينهن ڪو لُچ وتايي فقير جي گهران پاٽيءَ جو گهڙو ڪٽي ويو. ماڻس چيس تہ ابا، اڄ تہ ڪو گهڙو بہ ڪٽي ويو آهي، پاٽي ڪيئن پيئنَديس. وتايو اهو ٻڌي، سڌو مسجد ۾ آيو. اتي رکيل دلن مان هڪڙو نوڪي وڃائي ڪٽي هلڻ تي هو تہ مُلن چيس تہ فقير هي ڇا تو ڪرين؟ الله سائين جي گهر جو دلو ڪٽيو تو وڃين؟ فقير چيو، اسان جو گهڙو ڪڇي ويو آهي. جي ٻي هنڌان ڪٽندس تہ چور ڪري ٻَڌندم، سوچيو اتم تہ هن يار کي خبر ڪانہ پوندي، ٻي ڊپو هليو ويندس. مُلي چيو تون ڀُليو آهين. هو عالم الغيب آهي، سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو. فقير چيو تہ: اهو تہ صحيح آهي پر: لُچن کي تہ نہ لڪائي!

## ب: 30. وٿ پنهنجا ٿانءَ!

ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪ سال تمام سخت برسات پئي. وتايي جو گهر ڪکن جو اڏيل جهوپو هو، سو مينهن ۾ ڪري پيو. ماءُ سوڌو اڱڻ ۾ ٻاهر ستل هو. گهر جي ڇت ڪرڻ جو ڦهڪو ٻُڌي، ماڻس چيو تہ ابا، پاڻ ۽ ڊڳي ٻاهر آهيون، پر ڀَت رڌڻ وارو ڪُنو ۽ دلا ضرور ڇت جي ڪرڻ سان ڀڄي ٽڪرا ٿيا هوندا! ماءُ کي چيائين ڳڻتي نہ ڪر، صبح جو توکي سلامت ملندا. صبح ٿيو تہ فقير مسجد ۾ آيو. ملان کي چيائين تہ ٻہ دلا ۽ هڪڙو ڪُنو ڪٽندس. ملي چيو تہ اهي خدا جا آهن، جي خدا جي گهر ۾ رکيا آهن ۽ اهي نہ کڻ. وتائي چيو تہ رات منهنجو وڏو نقصان ڪيو اٿس. سو سندس ئي ٽپڙ ڪٽندس. جي توکي ڏکي

الف: ڏاڪٽي سنڌ ۾ چون.
ب: اتر سنڌ ۾ چون.

ڳالهہ تي لڳي تہ تون پنهنجي گهران پري ڏي يا مات ڪري ويهہ. وتائي ڪي اڳ پوءِ ڪيس ئي ڏيٺو آهي، ٻين جي چوري مون ڪي ڪرڻي ڪانهي. جيڪو رحيم آهي، ڪريم آهي، حليم آهي تہ باقي ڇا ڪپي! مولا مهربان، سخي سلطان، باري بُردبار جيڪو ڏئي نہ پڇاري!

وتايو بہ ان وٽ لنگهي آيو آهي ۽ سندس تيل زبان جو بدلو ڪنيو ٿو وڃي. مُلي ڪٽي مات ڪئي. هو گهر آيو ۽ چيائين امان، اچي وٺ پنهنجا ٿانءَ.

## الف: 31. هاڻ پل سچو جبل تورين!

ملان وعظ ڪندي چيو تہ وٽ چينڻ وڏي ثواب جو ڪم آهي. هميشہ وڏو پتر ڪٽي، ان سان وٽ چينجي، چو تہ اهو وٽ وارو پتر ملائڪ نيڪ اعمالن سان گڏ توريندا. ان جو ثواب ملندو. وتائي اها ڳالهہ ٻُڌي دل ۾ رکي. جڏهن پيشاب لڳس تہ جبل جي پاڙ ۾ پيشاب ڪري، وٽ چينڻ واسطي سڄي جبل کي چوڌاري ڦرندو بہ رهيو ۽ وٽ بہ چينيندو رهيو. پوءِ چيائين تہ هاڻ ملائڪ پَل سچو جبل تورين ۽ ثواب داخل ڪن.

## ب: 32. وتائي جا وَٽ بہ ياد ڪن.

جمعي ڏينهن مسجد ۾ ڪنهن مولويءَ وعظ ڪندي چيو. هر انسان جا گناهہ ۽ ثواب، حشر ۾ حساب ڪتاب ۾ ايندا. مثلا ڪنهن شخص خدا جي واٽ ۾ هڪ رپيو ڏنو تہ ان کي ڏهہ دنيا ۾ ۽ ستر آخرت ۾ ملندا. رات جو عبادت ڪيائين، ڏينهن جو سمهي رهيو تہ اها ننڊ بہ عبادت ۾ شامل ٿيندي. اهڙيءَ طرح نماز پڙهڻ ۽ پاڪائي جي خيال سان پيشاب ڪرڻ بعد پتر سان وٽ چينيائين تہ اهي پتر بہ، جن سان وٽ پڇايائين، سندس ثواب ۾ ترندا. اتي وتايي پڇيو تہ جيڏا بہ وٽ هجن، جيترا بہ وٽ هجن، سي سيئي ترندا؟ مولوي چيو هائو، هائو، مڙئي ترندا! وتايو هڪڙي ڳوٺ ۾ آيو، جو جبل جي دامن ۾ هو. هو اُتي پيشاب ڪري چڙ ساري جبل سان وٽ چينڻ لڳو. ماڻهن پڇيس تہ

---

الف: ڏاڪٽي سنڌ ۾ چون.

فقير اهو ڇا پيو ڪرين؟ چيائين تہ وٽ پيو چينيان. مولوي صاحب ثواب جو ڏس ڏنو اٿم. هاڻ پلي ملائڪ تور ڪندا رهن ۽ هيءُ وٽ وتايي جا بہ ياد رکن.

## الف: 33. خدائي ورچ.

هڪ ڏينهن مسيت ۾ ڪنهن جماعتيءَ باسيل منائي آندي. وتايو بہ موجود هو. مڙني جماعتين وتايي کي چيو تہ درويش، اٿي منائي ورهاءِ! وتايي منائي واري هڙ هنج ۾ ڪڻي چيو تہ "خدائي ورچ ڪريان يا ماڻهن واري؟" سڀني چيو تہ تون الله جو خاص بانهو آهين، خدائي ورچ ڪر. بيو ماڻهو ڇاجا! فقير چيو ڇڱو. ونندا وڃو. پوءِ ڪنهن کي ٻُڪ، ڪنهن کي اڌ ٻڪ، ڪنهن کي جواب، ڪنهن کي اڌ جهول، تہ ڪنهن کي ڪَڻو. ائين ڪري پوتي ڇنڊي وڃي پريان وينو. ماڻهن چيس تہ واهہ جي خدائي ورچ ڪئي اٿئي. ڪن کي نپٽ جواب تہ ڪن جا پلاند پري ڇڏيئہ. چيائين آءٌ ڇا ڪريان؟ توهان خود چيو تہ ماڻهن واري ورچ نہ ڪر. باقي خدا، سو تہ ڪن کي ڏٽيو ڇڏي، ڪي تہ داڻي ڪاڻ پيا ڊوڙن. ڪن کي ٻک تہ ڪن کي سڪ!

## ب: 34. الله واري ورهاست!

ڳالهہ ٿا ڪن تہ هڪ ڏينهن هڪ شخص وتايي فقير وٽ آيو. ڪيس چيائين تہ اڄ رات اسان جي شادي آهي. منهنجو خيال آهي تہ توهان بہ هلي دعوت ۾ شريڪ ٿيو ۽ پتاشا بہ پنهجن هٿن سان ورهايو. فقير هائو ڪئي. هن سان گڏجي اٿي پهتو. دعوت ڏيندڙ هڪ وڏي پتاشن جي هڙ فقير کي ڏني ۽ چيو تہ اها ماڻهن ۾ ورهايو. فقير چيو تہ، ڏاڏي آدم واري ورهاست ڪريان يا الله واري؟" دعوت ڏيندڙ چيو تہ پلي ڪڻي الله واري ورهاست ڪر! وتايي ڇا ڪيو جو پتاشن واري هڙ مان ڪنهن کي چار پتاشا تہ ڪنهن کي وري ٻـُـڪ پري ٿي ڏنائين ۽ ڪن کي وري مايوس موٽايائين. ان تي ڏٽين ڪائنس پڇيو، تہ اهو ڇا ٿو ڪرين؟ تنهن تي وتائي وراڻيو تہ الله واري ورهاست ٿو ڪريان. الله بہ ڪنهن کي ٿورو تہ ڪنهن کي گهڻو ڏيندو آهي.

---

الف: ڏاڪڻي سنڌ ۾ چون.
ب: اتر سنڌ ۾ چون.

## الف: 35. ڪائو ڪپڙا ڪائو!

وتايي فقير جي ڳوٺ پرسان ٻئي هڪڙي ڳوٺ ۾ شادي هئي. دهلن شرناين جون ڌمون ۽ پَتن جون الوليون لڳيون پيون هيون. وتايو فقير بہ پنهنجي غريباڻي پوشاڪ ۾ سڌو شاديءَ واري چَنني ۾ هليو ويو. هيڏانهن هوڏانهن گهڻو ئي نهاريائين، پر ڪنهن رکي صلاح بہ ڪان ڪيس. ٻيا جيڪي لٽي ڪپڙي ۾ نهيل ماڻهو پئي آيا، تن کي ڪم وارن عزت سان وني پئي ويهاريو ۽ کين ڪارايو پئياريو. هي ويهي ويهي تکو ۽ اُتي هڪڙي ڪَنيءَ وٽ آيو. اُن کي ڏٺارٽيءَ جا پئسا اڳواٽ ڏئي، مسواڙ تي ڪپڙا وني، پائي، ڏاڍي رعب سان اچي چَنيءَ ۾ گهڙيو. ماڻهو ڊوڙي آيا، وني آڻي عزت سان گلم تي ويهاريائونس. يڪدم ٻوڙ پلاءَ اچي ويا، جيڪي فقير اڳيان رکندا ويا. فقير، انهن پاڻين مان ٻُڪ پريندو ڪُلهن متان اڇليندو ويو ۽ چيائين تہ "ڪائو ڪپڙا ڪائو" ماڻهن چيس تہ فقير، هي ڇا پيو ڪرين، ڇريو ٿيو آهين ڇا؟ ورندي ڏنائين تہ اڳهرو پنهنجن ميرن ۽ سادن ڪپڙن ۾ هئس تہ ڪنهن ڪون سجاتو، هاڻ جڏهن اچا اُجرا پراوا ڪپڙا پائي آيو آهيان، تہ عزت بہ ٿي آهي ۽ ماني بہ خاص ملي آهي. مطلب تہ مون کي ڪنهن ڪون سُڃاتو پر ڪپڙن کي هڙني سڃاتو آهي. تڏهن تہ چوان ٿو تہ ڪائو ڪپڙا ڪائو!

## ب: 36. پهرين برادري ڪائيندي پوءِ ٻيا!

هڪڙي ڏينهن وتايي فقير کي ڪنهن شاديءَ جي ڪاڄ ۾ شريڪ ٿيڻو هو. سو ڇا ڪيائين جو تمام سوير اُتي آيو. هڪ ماڻهو ڪاڏي وٽ بيٺل نظرداري ڪري رهيو هو. ان کي چيائين پهرين مون فقير کي ڪارايو تہ هليو وڃان. انهن چيس تہ پهرين براڌر وارا ڪائيندا، پوءِ جيڪو اوبر سوير طعام بچندو سو فقيرن کي ڏبو. ان تي هُن کي مَنيان لڳي. اچڻ سان هڪ پاڙيواري کان ڏوتل ڪپڙا منٿون ڪري وني، ڪپڙا ڍڪي، گهوڙي تي چڙهي شاديءَ ۾ آيو. پوءِ ساڳئي ماڻهوءَ گهوڙو ڪائنس وني بڌو ۽ باعزت ويهاري ماني ڪارائي روانو ڪيائينس.

---

الف: ڏاڪڻي سنڌ ۾ چون.
ب: اتر سنڌ ۾ چون.

باب چوٿون

# ڏاڪٽي سنڌ ۾ وڏيڪ هلندڙ لطيفا

## 37. ماٺ ڪر ته ڏوڏ نه پرين!

وتايي فقير وٽ هڪ ڍڳي هوندي هئي. ماڻس جو اُن سان گهڻو پيار هو. هڪ سال مال ۾ اچي موڙو پيو. گهڻن ياڳين جا وٿاڻ خالي ٿي ويا. چوڌاري مال جي مرڻ جي دانهن لڳي وئي. وتايو به ان ڏک کان بچي نه سگهيو، جو سندس ڍڳي به مري وئي. ماڻس روئڻ پٽڻ ڪُٽڻ لڳي. وتايي چيس ته امان، ايتري ڪاوڙ نه ڪر. الله سائين ڪروڏ ۾ اچي مرڳو ڏوڏ نه پرائي وٺۂ!

## 38. ٽانڊو دوزخ ۾ ڪونهي!

هڪ ڏينهن وتايو ۽ ماڻس سفر تي نڪتا. واٽ تي سج لهي وين. رات پئجي ويئي. ماڻس چيو ته ابا، جهوت ڏيئي ڪتان ٽانڊو ته هٿ ڪري وٺ ته ماني پچائي ڪائون. فقير ٿورو هيڏانهن هوڏانهن چڪر هڻي، موٽي آيو ۽ چيائين، امان ٽاندو ڪٿي ڪونهي!

ماڻس چيو ته پوءِ پل دوزخ مان ئي ڪٽي اچ. وتايو ڪلي پيو. چيائين ته اتي به ويو هوس. پڇا ڪير، چيائون هت ٽاندو ڪونهي. سڀ گنهگار پاڻ سان گناهه جي باهه ڪٺي ايندا آهن. ان باهه تي دوزخ مچندو، بس!

## 39. اهو به نه قُرائين!

فقير کي ماڻس چيو ته سگهو ڪپڙو ڪونهي، روڪڙ جي گهرج آهي. اٿي ڪا پورت ڪر. وتايي رب پاڪ کي سوال ڪيو. جواب مليس ته اهو ٻير جو وڻ

ڏوڻ. وتايي بير کي ڏوٿيو تہ پَن پَٽ تي ڪرندا رهيا ٿيندا ويا. ڇڻ رهيـن جـو مينهن پئي وٺو. انهن مان هڪڙو رهيو ڪٽي اچي ماءُ کي ڏنائين. چي، هـن مـان ڪو ڪپڙو وٺي ڍڪ. ماڻس چيـس تـہ هيٺ تـہ گهڻـائي رهيـا پيـا آهـن، تـو رڳـو هڪڙو رهيو ڪنيو آهي؟ جواب ڏنائين تہ هيڃ نہ ڪر، وري جي اچي ويس ريڇڪ تہ رهئي کان بہ سڪائيندو ۽ اهو رهيو بہ ڦـرائي ويهنديسُ.

## 40. آءُ ڪتان ڪائيندس!

وتايي کي شوق ٿيو تہ ٻني پوکجي، ماڻهن کي منت ڪيائين تہ مون سـان اچي آبت وهو. ڪيترائي ماڻهو فقير جي سڏ تي جوڙا ڪاهي آيا. اچي جو لڳا تہ اٺ ڏهہ جريب زمين کيڙي ويا ۽ پوءِ ڏاند ڇوڙي ويٺا. سـني پَـٽ جو انتظار ڪرڻ، ڇوتہ آبت پوري ٿيڻ تي ونگارين کي هر ڪو منـو پٽ ڪارائيندو هو. گهڻي دير گذري تہ وتايي کي چيائون تہ فقير، پلاڇا وينو ڪرين، اُٽي پَـٽ آڻ! فقير چيـو تـہ انهيءَ ويچار ۾ وينـو آهيـان، تــہ توهيـن تـہ گهـر بـہ وجـي ڪائيندؤ، پر آءُ ڪتان ڪائيندس.

## 41 ڇگُو ٿيو جو اُچلي ڇڏيم نہ تہ منهنجا بہ لاهہ نڪري وڃن ها!

وتايو پر واري ڳوٺ ڏانهن تـي ويـو. واٽ تـي سج لهـي ويـس. مٿـان رات پئي. هن وٽ ڪيسي ۾ هڪ رپيو پيل هو. هن کي ڊپ لڳو تہ مٿان هن رپئي لاءِ ڪو هلاڪ نہ ڪري وجهيم. سو اهڙي ڊپ واري شيءِ کان جند ڇڏائجي. پوءِ رپيو ڪڍي هڪڙي ڪرڙ جي پاڙ ۾ اڇلائي هليو ويو. صبح جو ڪي ڏنار اتان اچي لنگهيا. چمڪندڙ رپئي تي نظر پين. مال ڇڏي اچي رپيو ڪنيـائون. پـوءِ دل ۾ چيائون تہ لاشڪ هتي ڪا ملڪيت پوريل آهي. بس پوءِ تہ اچي ڪهـاڙين جا وارو وار ڪٽي ڪيائون. آس پاس جا وڻ سيئي پاڙئون پٽي بـاهر ڪيـائون، پـر بيو ٿيو مڙئي خير. هوئي اهڙو هڪـڙو رپيـو. ٻي ڏينهـن جڏهن فقيـر اتـان اچي مَـٿيو ۽ وڻن سان ويل ٿيل ڏسي، ڇوڻ لڳو، "ڇگُو جو اُن ڪُـتڪي کي اڇلي ڇڏيم، نہ تہ هنن وڻن وانگر منهنجا بہ لاهہ نڪري وڃن ها!"

## 42. مئل نہ هجان ها تہ گاڏي نڪتل ڏسين ها!

هڪ ڏينهن وتايو ماءُ کان ڪاوڙجي نڪتو. چيائين هن گهر ۾ وري نہ ايندس وجيو تو ڪٿي مران. ائين چئي اچي مقام ۾ ڪڏڙي ڪوٺي سمهي رهيو تہ جيستائين ساهہ نڪري وڃي، تيستائين اتي سُتو پيو هوندس. مقام جي پر ۾ ڪا بني هئي، جنهن جو پاڻي پچي وڃي واٽ ۾ پيو هو. اتان ڪو بيل گاڏيءَ وارو مال سان پريل گاڏي ڪاهي اچي لنگهيو. گپ هئڻ سبب گاڏي گپجي پئي. هوڪا ڪرڻ لڳو تہ بيلي ڪو اوري پري همراهہ هجي تہ اچي مون کي مدد ڪرائي جو گاڏي گتي پئي اٿم. اهو هوڪو ٻڌي وتايي چيو تہ يار، سڌ تنهنجو ٻُڌو اٿم، دل بہ پئي چئي تہ تنهنجي مدد ڪريان. پر مئو پيو آهيان. مئل نہ هجان ها تہ گاڏي هن کان اڳ ٻاهر نڪتل ڏسين ه ا!

## 43. هي ڊڳو منهنجو آهي!

وتايي فقير بني آبت تي ڪيڙائي پر هرلي ۾ ڊڳو واهڻ لاءِ ڪپندو هوس، سو لڳو ڳوٺن م لوهون ڏيڻ. آخر هڪڙي ڳوٺ مان چاليهن رپين ۾ ڊڳو خريد ڪيائين ۽ پئسا ڪتيءَ لئي ڏيڻ جو واعدو ڪيائين. پوءِ ڊڳو ڪاهي، ڳوٺ ڏانهن ٿي آيو تہ جيڪو ماڻهو مليس، سو پڇيس تہ فقير ڊڳو ڪنهن جو آهي؟ جي چوي تہ منهنجو آهي تہ وري پڇيس گهڻي ۾رتو اٿئي ۽ ڪتان ورنو اٿئي ۽ ڪنهن کان ورتو اٿئي؟ اهڙن سوالن جا جواب ڏيندي، بنهين خفي ٿي پيو. سو چا ڪيائين جو ڳوٺ ٻاهران اچي، ڊڳو وڻ سان ٻڌي پاڻ مٿي وڻ تي چڙهي. گهوڙا گهوڙا ڪرڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو. ڳوٺ وارا سيئي سِگها سِگها اچو نہ تہ وتايي جو حال ڪونهي. ماڻهو رڙين تي ڊوڙندا آيا. پڇيائونس، فقير تو سان ڪهڙي ويڌن آهي، جو سڄو ڳوٺ ڪٺي گڏ ڪيو اٿئي؟ چيائين تہ هي ڊڳو جيڪو وڻ سان ٻڌو پيو آهي، سو مون چاليهن رپين ۾ خريد ڪيو آهي. منهنجو ئي آهي، چوريءَ جو ڪونهي، نڪي خدا ڪارڻ مليو اٿم. توهان سيني کي سُڌ تو ڏيان، جنهن کي خبر نہ هجي، تنهن کي ٻُڌائي ڇڏجو. ائين چئي وڻ تان لهي ڊڳو ڪاهي ويو هليو.

## 44. جيڪي چوانءِ سو تہ اڳئي آهين!

وتايو فقير ڪٿي پري وڃڻ لاءِ سنبريو. خيال ڪيائين تہ ڪنهن ڪان وهٽ ڇڏائي چڙهي وڃان. پوءِ سيني واقف ڪارن وٽ لنگهي ويو، جنهن وٽ وڃي سو ڪُتو جواب ڏيو ڇڏيس.

چوٽي آهي تہ سپ ڪو سائي جو، غريب کي ڪير پڇي بہ ڪونہ. رُلي رُلي واپس ٿي آيو تہ هڪ سونهون منهن ۾ مليس، دل ۾ آيس تہ هن کي صدا هڻي ڏسان، من مولا من ۾ وجهيس. پنڌ ڪان پوءِ بہ ڪُتي جي وات ۾ چڳو. گڏهہ هڪي تڪي اٿس من ڪٿي ڏيڻ جي هام هڻي! سو هن کي چيائين مون کي فلاڻي شهر وڃڻو آهي، پيادو وڃي رسڻ ۾ دير لڳنديم. صبح کان وني وهٽ لاءِ قريو آهيان، هرڪو ڪياڙي ڪٽيو ڏيکاري. جي تون مهرباني ڪرين تہ الله ڪندو تہ خوش هوندين. هن چيو فقير منهنجو وهٽ هي گڏهہ اٿئي، سا قبول پوي تہ حاضر اٿئي، جيڪو حال حبيبان، سو پيش پريان. وتايو خوش ٿيو. گڏهہ جي ان ڪان واڳ ورتائين. مٿس چڙهي اتي هليو. گڏهہ ڍرڙي پئي هلي، فقير وني سوئنتا پيڙيس. ڏندن جي باهہ ڪان گڏهہ وني فقير کي ڪُڏائي پَٽ سان هنيو. سڄو ڏوڙ ۾ يَپُوت ٿي ويو. گڏهہ کي ڏسي چوڻ لڳو، ”جيڪي چوانءِ سا تہ اڳئي آهين.“ ڪپڙا ڇنڊي گڏهہ ڌڻيءَ کي ڏئي، پيادو وڃي ان شهر ڪان نڪتو.

## 45. مرنداسين اُتي، جتي ڪو سڃاڻو نہ هوندو!

وتايو سير ڪندو هڪڙي وڏي شهر ۾ آيو. قسمت سان بيمار ٿي پيو. سو شهر جي مسافر خاني ۾ هڪڙي ڪنڊ ۾ گودڙي وڇائي ليٽي پيو. بيماري وڌي وئي ۽ مٿس غشي طاري ٿي ويئي. سڄو ڏينهن بيهوش پيو هو. ماڻهو اچي گڏ ٿيا. تن چيو هن جو ڪو هتي مٽ مائٽ، ڄاڻ سڃاڻ هجي تہ انهن کي ٻڌايو. خبر ناهي هندو آهي يا مسلمان آهي! وتايي اهي لفظ ٻڌي چيو، هتي هندڪي مسلمانڪي پئي هلي، آءُ اُتي مرندس جتي ڪو سڃاڻو نہ هوندو. ان جولان ۾ گودڙي ڪڇي رمندو رهيو.

## 46. ڇڏ انهيءَ کي جنهن الله بہ وسار ايو!

هڪڙيءَ پيري فقير وڏي سڏ. لا الہ الاالله جو ذڪر ڪندو پئي ويو تہ واٽ تي ڪنهن سخي مرد، هن کي خدا ڪارڻ هڪ رپيو ڏيڻ ڏنو. فقير رپيو وٺي اتي هليو تہ دل ۾ هورا ڪورا تيس تہ رپئي جو اَن وٺان يا امان جا ڪپڙا وٺان، يا رکي ڇڏيان. انهي رد بدل ۾ ذڪر وسري ويس. پوءِ اوچتو ڇرڪ ڀري چيائين، هيءُ ڇا!؟ هڪڙي رپئي خدا جو نالو وسارائي ڇڏيو آهي، جي گهڻا هجن ها تہ الائجي ڪهڙو حال ٿئي ها!؟ ڇڏ ڪٽي ان کي جنهن الله وسارائي ڇڏيو آهي! اهو سوچي رپئي کي اُڇلائي ڇڏيائين.

## 47. ماريو تہ انهيءَ تڪڙ آهي!

هڪڙي سال وتايي کي خيال آيو تہ ڪنهن سان ڀائيواريءَ تي گڏجي ٻني پوکيان. سو هڪڙي ڪڙميءَ کي چيائين تہ مون کي ڀاڱ سان ڀائيوار ڪر. هن قبول ڪيو. ٻئي ڏينهن گڏجي زمين تي آيا ۽ جهنگ وڍڻ شروع ڪيائون. پوءِ هاريءَ چيس تہ تون وڃي اُماڙي ڪٽي آءُ تہ ڪوهڙ ساڙيون. وتايو نوہر ڪٽي ويندو رهيو. ويو تہ وڃڻ کي ويو. هاريءَ هَرَ ڏنا، سانور گهمايو، ٻج ڇٽيو، پاڻي ڏنو، پر وتايي جي وتاڳ بہ ڪانہ سُڻائين. آخر تہ پوک پچي تيار ٿي، لابارو پيو، اَنُ ڳاهيو، وائريو ۽ رانهہ ٿي. جڏهن ٻنئي ٽيڻ جو ڏينهن آيو، تہ وتايي کي خبر پئجي ويئي ۽ نڪر ۾ ٽاندو ڪٽي ڊوڙندو ڪري تي آيو. اچا ويجهو ٿيو ئي ڪونہ هو، تہ ٽابڙجي ڪري پيو. ڀائيوار هاري پڇيس، هيترا ڏينهن ڪٽي هئين؟ جو اچڻ سان ڪري پيو آهين؟ فقير چيو تہ ٽاندو هٿ ڪرڻ، وري جلد ورڻ ڪري ڪريو آهيان. هاريءَ چيو ڇهن مهينن کان پوءِ ظاهر ٿيو آهين، وري چوين ٿو تہ جلد وريو آهيان؟ وتايي چيو، تڏهن تہ چوان ٿو تہ: ماريو تہ انهيءَ تڪڙ آهي.

## 48. دعا پلي نہ سُڻ، پر ڪڏ ۾ تہ نہ هٽي مار!

هڪڙي ڏينهن وتايو ڳاٽ مٿي ڪريو الله کي ستائيندو پئي ويو. ڪنڌ مٿي هوس ۽ چيائين پئي وتايي تي پنهنجو رحم ڪر، وتايي جو حال ڪونهي،

بُڌاءِ تہ وتايو ڇا ڪري؟ جنهن کي پروس ڪٺي ڇڏيو اٿئي. ايترو چوندي اڳيان ڪا ڪڏ هئي، تنهن ۾ وجي ڦهڪو ڪيائين. ڪرڻ سان چوڻ لڳو تہ دعا پلي نہ سُڻ، پر ڪڏ ۾ هٿي تہ نہ مار!

## 49. چار جي پاڙ تائين دپ اٿئي!

وتايي وٽ هڪ ربيو پٽڪي جي پلاند ۾ ٻڌل هو. رات رستي ۾ پئجي ويس. دپ ۾ تہ متان ڪو ڦورو ملي ۽ رات وڳڙي ۾ ماري وجهي يا چوي تہ ڪڍ ناڻو ٻاهر. نہ تہ ماريائين تو. اهي پور پچائي ربيو پلاند مان چوڙي هڪڙي چار جي وڻ جي پاڙ ۾ پوري ڇڏيائين. پوءِ بي ڊپو ٿي اڳتي هلڻ لڳو. تہ هڪ ڇڙو ماڻهو مليس، جنهن چيو تہ يار هن جوءِ ۾ چورن ۽ رهزنن جو پوُ آهي، توکي تہ ڪونہ مليا؟ ڪهڙي هنڌ انهن جو گهڻو خوف آهي؟ وتايي چيو گهڻو خوف البت انهيءَ چار جي پاڙ تائين آهي، پوءِ ڪوبہ پوُ پولو ڪونهي.

## 50. چُتي پيو سو مهٽي جي سورن ڪان!

وتايو جنهن مسجد ۾ نماز پڙهندو هو، تنهن جو مولوي سومهٽيءَ جي نماز تمام ڊگهي ڪري پڙهائيندو هو. هڪ ڀيري ڳوٺ جي ڪن ماڻهن وتايي کي چيائون رات فلاڻو گذر ڪري ويو. وتايي پڇيو ڪير هو؟ سندس ڪو نشان پتو ٻڌايو. هنن چيو جيڪو تنهنجي پر ۾ ويهي نماز پڙهندو هو. فقير چيو، چڱو ٿيو. ڇُٽي پيو سومهٽي جي سورن ڪان.

## 51. پوءِ پَڌن تي سينڊون هٽندو وتندو!

ڳوٺ ۾ مهامري اچي پئي. ڳوٺن جا ڳوٺ ماڻهن کان خالي ٿيڻ لڳا. ڪي ماڻهو گڏجي وتايي وٽ آيا ۽ چيائونس تہ فقير، دعا گهر تہ الله سائين رحم ڪري، بُڇڙي (وبا / بيماري)، ملڪ مان نڪري وڃي. چيائين ڇڏي ڏيوس، ماڻهو مري ٽيندا پينگ. سندس نالي ونڻ وارو بہ ڪو ڪونہ رهندو، پاڻ اڪيلي سر پوءِ پڌن تي سينڊون هٽندو وتندو!

## 52. آسمان وارو معصومن جي جهٽ ٻُڌي ٿو!

هڪ ڏينهن وتايي وٽ ڪي سنگتي اچي ڪَـنا ٿيا. چياٿونس تہ ڏاڍي بک لڳي آهي، ڪجهہ کاراءِ. فقير ويچار ۾ پئجي ويو تہ هڪ ڇوڪر ڪوهر ڪٽي هوڪو ڏيندو اچي پرسان لنگهيو. فقير امالڪ ان کي سڏي چيو تہ بابا، هنن همراهن کي ڪجهہ کاراءِ. پوءِ بالڪ سپيون پريندو هر ڪنهن کي چڱا خاصا ڪوهر ڏيندو ويو. تان جو سڄو پاٽوڙو خالي ٿي ويس. پوءِ وتايي کي چيائين تہ ڏي پئسا. وتايي چيو مات ڪر جيسين پئسا اچن. ڇوڪر وٽي گوڙ گهمسان ڪيو. چي: مون مسڪين جا ڪوهر مفت ۾ وتايي کارائي ڇڏيا آهن. پئسا بہ نٿو ڏي، چوي ٿو تہ مات ڪر، پـَـهر گذري ويو آهي. وتايي چيو تہ مون توکي چيو مات ڪر، گهوڙاگهوڙا نہ ڪر! ائين چئي بہ تي ٿڦون وهائي ڪڍيائينس. ٿڦون لڳڻ سان وڏيڪ ڇوڪر آسمان متي تي ڪٽي ڏنو. ماڻهو اچي ميڙ ٿيا. ڇوڪر کان پڇيائون تہ ابا ڇا آهي؟ ڇوڪر سڄي ڳالهہ ڪري ٻڌائي. ان تي هڪڙي ماڻهوءَ چيو وتايي وٽ ڪٿان آيا پئسا؟ اچي وٽ جيترا تنهنجا پئسا تين سي ڪڻ. پوءِ ڇوڪر ڏوڪڙ وٺي ويندو رهيو. سنگتين پڇيس تہ اهو ڇا ڪيئي؟ چيائين مون وٽ هڙ ۾ ڪي ڪين هو، سمجهيم تہ تڪڙو سوال خدا بہ ڪين سٹندو. سو هن معصوم کي ٿڦڙ هڻي، دانهون ڪرايم، جو ٻڌو اٿم تہ: آسمان وارو معصومن جي جهٽ ٻڌي ٿو.

## 53. لِـڪڻ جو لـَـڪ ناهي.

وتايي فقير کي ڪنهن همراهہ ڏسي، زور ڪري چيو تہ فقير مرڻ برحق آهي؟ فقير چيو تڏهن ٿو چوين موت برحق آهي جو لڪڻ جو لڪَ ناهي.

## 54. هڪڙو ڏيان نہ، ٻيو لکايان بہ نہ؟

هڪڙي شاديءَ جي دعوت وتايي فقير کي بہ مليل هئي. سيئي ماڻهو پت ڪائي پوئو لکائيندا ٿي ويا. ڪنهن ڪيترو تہ ڪنهن ڪيترو ٿي لکايو. وتايو اهي واڪ ٻڌي، لکندڙ جي ويجهو آيو ۽ چيائين منهنجا بہ پنج رپيا پوئو لکي ڇڏ. لکندڙ چيو رپيا هٿ ۾ ڏي تہ پوءِ لکان. فقير چيو، چڱو تو چئين. اهڙو گنهگار مون کي ٿيٹو ڪونهي. هڪڙو رپيا ڏيان بہ نہ، ٻيو لکايان بہ نہ!

## 55. تنهن ۾ توهان جو ڇا؟

وتايي فقير کي ڇيائون تہ اڄ ديڳ پٽ جي توهان جي پاڙي ۾ همراهہ ڪٽيو پئي ويا. وتايي چيو تہ تنهن ۾ منهنجو ڇا؟ ماڻهن چيو فقير اهو سمورو پٽ تنهنجي ماءُ کي پئي ڏنائون. تڏهن وري ڇيائين، تنهن ۾ توهان جو ڇا؟

## 56. ڇوتي مڙس کي هائيءَ ۾ هٽين؟

هڪڙي ڏينهن وتايو پاڙي مان ڪنهن مائيءَ کان ڏڌ ونڻ ويو. گهر جي ڏياڻيءَ مڙس کي پئي چيو تہ ميان تون بہ ڪنهن اولياءَ تي باس وجي باس، مجتا مج تہ الله سائين ڪا مني مراد پسائينئي. اولاد سان جهولي پرينئي. وتايي اهي حرف ٻڌي مائيءَ کي ٻاهر اچڻ لاءِ سڏ ڪيو. جڏهن مائي ٻاهر آئي تہ هن کي ڇيائين تہ هوءَ اروڙيءَ تي ٻارنهن ٻچن سان ڪُڪڙ پئي چڳي، ڏسين تي؟ ڇيائين هائو. تہ پوءِ تون ڪٿي ٻڌاءِ تہ ان ڪهڙي اولياءَ تي سُکا باسي، جي ٻارنهن ٻچا ونيو پئي هلي ۽ ڪهڙي پير تي پٽڙ وڌائين؟ ٻڌاءِ؟ ڇري ڏيڻ وارو ڏيي تہ ويرم ٿي ڪانهي. ڇو تي غريب مڙس کي هائيءَ ۾ هٽين.

## 57. گابي کان رنپ ڪرائين ها!

هڪڙي پيري وتايي ڏڳي پئي ڏڏي. گابي کي ونگ سان ونگي ڇڏيو هٿائين. ڪير ڏهندي ڪيس گابي ڌارائڻ جو خيال لهي ويو. چارٿي تڻ ڏهندو رهيو تہ گابي گُسو هنيو تہ ونگ ڊرو تي ويو. ونگ ڊري تيڻ تي ڳئونءَ جو وني لت هنئي تہ لوٽي اونڌي تي پئي. اتي خدا کي چوڻ لڳو تہ مولا سائين، جي مون کي گابو ڌارائڻ وسري ويو هو تہ توکي تہ ياد هو، تو ڏڳيءَ کان لت هٽائي سيني کي بڪ مارايو. ڪٿي گابي کان رنپ ڪرائين ها.

## 58. ڳنڌڻ تہ ڪونہ مليو، پر مانيءَ کان بہ نراس!

هڪ ڏينهن وتايي جي اڳيان ماڻس ماني آڻي رکي. ڇيائينس تہ رُکي ماني آهي ڇا؟ ماڻس چيو، ها. وتايي چيو رُکيون مانيون ڪائي بيزار ٿي پيو آهيان. ماني کڻ، مون کي نہ کپي، ڪو ڳنڏڻ مليو تہ کائيندس، نہ تہ نہ. ماڻس چيو تہ الله سائين

ڪان دعا گهر تہ ڪو ڪتان در پٽي ڏي، باقي آهي ڏڏ لپ بہ ڪانہ. تہ چڱو. آءُ ڪتان لسيءَ لپ ڇڏائي ٿو اچان. ائين چئي اٿيو. ڇونہ سندس ڪتو بہ چڙيل پنيان بيٺو هو. وتايي جو اُٿڻ ۽ ڪُتي جو مانيءَ ۾ چڪ وجهڻ. اتي فقير دانهن ڪئي تہ ڳنڍڻ تہ ڪونہ ڏيارئي پر اُن ڪان اڳي ماني بہ ڪٽائي ڇڏيئي!

## 59. نماز لاءِ وڏيري جهڙو بندوبست هجي ها!

وتايي جي مهندان هڪڙو ماڻهو لُر پڳو ويو. وتايي ڊوڙي وجي جهليس، پڇيائينس تہ ادا، آهي تہ خير. هيئنئن ٿاپين ۾ ٿنو وجين؟ ماڻهوءَ چيو تہ ڳوٺ جي وڏيري جو حڪم آهي تہ جيڪو نماز نہ پڙهي، ان کي ٻڌي مون وٽ وٺي اچو تہ ڪُتن جي ٻچ ڪرايانس. صبح واري نماز مون پڙهي ڪانهي. ٻڌم تہ وڏيري جا ماڻهو رسا ڪٽيو منهنجي ٻڌڻ لاءِ پيا اچن. هاڻ پڳو وڃان تہ هنن کي هٿ نہ اچان، نہ تہ وڏيرو پنيءَ تي موچڙا هڻائيندو. اهو سڻي وتايي منهن مٿي ڪري چيو ڏس يلا ڪتي تا ماڻهو شرافت سان نماز پڙهن؟ ماڻهو سڀ نماز پڙهن ها، جيڪر وڏيري جهڙو نماز پڙهائڻ جو بندوبست هجي ها.

## 60. پانئين ٿو تہ رخ ڪهڙو هوس؟

هڪ سانجهيءَ جو وتايو فقير گدائيءَ شفائيءَ جي خيال سان پر واري ڳوٺڙي ۾ ٿي ويو. هُڙيءَ وٽ پهتو تہ ڪيس ڪنهن ماڻهوءَ سڏ ڪيو. فقير مُڙي ڏٺو تہ همراهہ ويجهو اچڻ جو اشارو ڪيس. هيءُ ويجهو ٿيو تہ ڏسي تہ هڪڙو ماڻهو وڻن جي اوٽ ۾ بيٺو آهي. هن ڪان پڇيائين ڇا ٿو چئين؟ هن چيو تہ سامهون ٿي ڳوٺ ۾ شايد پنڻ ٿو وڃين؟ فقير چيو هائو. تہ چڱو ڪَن ڪولي ٻڌ. ڳوٺ جي منڍ ۾ نم وارو گهر اٿئي، اتي وڃي صدا هڻج. هڪڙي زائفان چِٽي ڳوري، ڳچي ڊگهي، قداور ۽ بہ چوٽيون تيل خيرات ڏيڻ لاءِ ٻاهر ايندي، هن کي چئج تہ سامهون هُڙيءَ ۾ تو وارو سينڌو بيٺو آهي، چيو اٿس سِگهي اچي مون وٽان ٿي وڃ. پهرين اهو نياپو پهچائي، پوءِ بيا گهر پنجانءِ، جي نياپو نہ ڏنئي ۽ وري هتان ٿو مٿين تہ هيءُ ڪهاڙيءَ ڏسين ٿو. ڳيا ڳيا ڪري ڇڏيندوسانءِ. فقير آنهن ڪري ڳوٺ ۾ ان گهر وٽ اچي سنئين هنئي. ساڳين پارن واري

عورت ٻاهر آئي. هن کي سربستو نياپو ڏنائين. اها زال پيغام سڻي اچرج ۾ پئجي ويئي. فقير کي چيائين منهنجو تہ کو سينڌو يا کو چڳ ڪونهي، توکي غلط پارانيو مليو آهي. فقير چيو مون توکي سڃاتو. هاڻ تون چاڻ ۽ هو ڄاڻي. تنهن تي عورت چيس تہ ڀلا ڪجهہ هن جا پار پتا ڏينم. فقير چيو ڏاپ تي پتڪو، متي تي ٻڌل، هيٺان ڪاري ڳوڏ ٻڌل ۽ ٻت تي صدري پيل هيس ۽ هٿ ۾ ڪهاڙي هيس. پير اگهاڙا ۽ جهنڊ هٺيو بينو هو. عورت چيو تہ اهي پار تہ مون کي دل سان ئي نتا لڳن. وتايي چيو تہ نتا لڳن تہ نهيو. تڏهن هن زال اُبهري تي پڇيو تہ فقير، ڀلا رخ ڪهڙو هئس؟ فقير چيو تہ رخ اهو هئس، جي ويندينءَ تہ اُمالڪ پليت ڪندئي.

## 61. ٻنا اجوري ڪٽيو پيا هلون!

وتايي جا ڪپڙا ميرا ۽ ڦاٽل هئا، سو هڪڙي تڙ وٽان اچي مَتيو. ڪن زالن تڙ تي ڪپڙا پئي ڌوتا. هڪ پوڙهي عورت وتايي کي ڏسي چيو تہ تون تہ ڪو مت جو وڙهو آهين، پوءِ هن زالن جي تڙ وٽان ڇو اچي لنگهيو آهين؟ ڏس تہ ڪپڙا ڦاٽا پيا اٿئي، وَسلا پيا ڏسجنئي. فقير چيو تہ سچ ٿي چوين. اهي وسلا آهن اوهان جا، ڇو تہ ٻار توهين ٿيون ڄڻيو، اسان تہ ٻنان اجوري ڪٽيو پيا هلون!

## 62. ڏادو تکو گهوڙو هو، جيڪو هڪ ئي رات ۾ جهان ڇڏي ويو.

هڪ دفعي ڳوٺ جي هڪڙي زميندار گهوڙو خريد ڪيو. ان کي ڏسڻ جي لاءِ ڪيترائي ماڻهو زميندار جي گهر پهتا، انهن ۾ وتايو فقير بہ موجود هو - زميندار چيو تہ ”مون هيءُ گهوڙو هڪ سؤ روپين ۾ خريد ڪيو آهي، ان لاءِ تہ هي تيز رفتار آهي.“ ماڻهن چيس تہ ”اوهان هن تي سواري ڪريو تہ اسين ڏسون.“ زميندار جواب ڏنو تہ ”اڄ هن کي آرام ڪرڻ ڏيو، سڀاڻي صبح جو سوير آئون هن تي سواري ڪندس اوهان ان وقت ڏسجو!“ اهو ٻڌي ماڻهو پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن موٽي ويا.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ڳوٺ جا ڪيترا ماڻهو ۽ وتايو فقير زميندار جي جاءِ تي پهچي ويا. زميندار کي جڏهن ماڻهن جي اچڻ جي خبر پئي تہ ٻاهر

نڪري آيو، ان وقت سندس اڪيـن مـان لڙڪ وهي رهيا هئا. هـن گنڀيـر آواز ۾ چيو تہ، "منهنجو گهوڙو رات مري ويو."

وتائي فقير چيو "ڏاڍو تڪو گهوڙو هو، جيڪو هڪ ئي رات ۾ هـن جهـان ڪان هن جهان ۾ پهچي ويو!"

## 63. گڏھ جي تصوير.

هڪ ڏينهن وتايو فقير ڪنهن تلاءَ ۾ وهنجي رهيو هو. هن جا ڪپڙا تـلاءَ جي ڪپ تي رکيل هئا. هڪڙي حرڪتي ڇوڪر ڇا ڪيو جو هن جي قميص تي ڪوئلي سان گڏھ جي تصوير ناهي ڇڏي. فقير جڏهن وهنجي ٻاهر نڪتو تہ ڪپڙا پاتـائين ۽ هن کي سندس ڪپڙن تي گڏھ جي تصوير نظر آئي، ويجهڙائي ۾ ڪيترائي مـاڻهو ويٺل هئا - وتائي فقير وڏي واڪي چيو تہ "ڪهڙي گڏھ منهنجي قميص سان منهن اگهيو آهي." اهو ٻڌي پر ۾ ويٺل ماڻهو ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳا.

## 64. ماڻ ڪري هليو وڃان ها!

هڪ ڀيري وتايو فقير ڪنهن ڳـوٺ ۾ پهتـو ۽ اتـان جي مـاڻهن کي سڏي چيائين تہ "مون لاءِ هڪدم مانيءَ جو بندوبست ڪريو نہ تہ اوهـان سـان اهـو ئـي سلوڪ ڪندس جيڪو اڳئين ڳوٺ وارن سان ڪيو اٿم!"

وتـائي جي اهڙي ڌمڪـي ٻڌي مـاڻهو ڊپ کـان هـن لاءِ عمـدا کـاڌا تيـار ڪرائي آيا. جڏهن کائي خوش ٿيو تہ ڳوٺ وارن پڇيس تہ سـائين اوهـان اڳئيـن ڳـوٺ وارن سـان ڪهڙو سلوڪ ڪيـو هـو؟" وتـائي چيـو "مـون انهـن کـان مـاني گهري، پر هنن نہ ڏني ۽ آءٌ ماڻ ڪري هليو آيس. جيڪڏهن اوهيـن بہ مـاني نـہ کارايو ها تہ آءٌ هتان بہ ماڻ ڪري هليو وڃان ها، ٻيو ڇا ڪريان ها!"

## 65. اُبتو ڪري ٽنگڻ بہ مسخري آهي.

هڪڙي ماڻهوءَ چيو، فقير الله سائين بي نياز آهي، تون سـاڻس مسـخريون ۽ حُجتون ٿو ڪرين. ڏينهن قيام ابتو ڪري ٽنگيندءِ. فقير چيـو هڪ سنئين سڌي ماڻهوءَ کي ابتو ڪري ٽنگڻ بہ مسخري آهي.

## 66. سمنڊ کي مينهن جي ڪهڙي ضرورت؟

هڪ ڏينهن وتايو لاڙ پاسي ۾، سمنڊ جي ڪِناري تي ويٺو هو. ڏسي ڪٿي ته سمنڊ مٿان مينهن پيو وسي، سُڪيءَ تي هڪ ڦڙي به نٿي ڪري. سو اکيون مٿي ڪري چيائين: ڏاڍو زور وارو آهين! پاڻيءَ کي پاڻيءَ جي ڪهڙي ضرورت؟ هن ائين چيو ته مينهن بند ٿي ويو. پوءِ ڪيترائي پاڻيءَ جا جيت جنّيا ۽ جانور ڳاٽ اپا ڪري ٻاهر نڪري آيا. ايتري ساري مخلوق ڏسي، فقير چيو مون کي اها خبر ڪانه هئي، آءٌ ڀلا ٿو ڄيترو ڪيئن ڄاڻي سگهندس!

## 67. هُو ڪِني عادت نٿو ڇڏي، آئون سٺي عادت ڪيئن ڇڏيان.

هڪ ڀيري فقير درياءَ جو ڪپ ڏيو پئي ويو ته هڪ پٿونءَ کي پاڻيءَ ۾ ٻُڏندو ڏٺائين. سو تري هيٺان ڏٺي، ٻاهر ٿي ڪڍيائينس ته وڇونءَ نڪاءُ ڪرايس ڏنگ. ان جي سور کان تري ڪڍي ورتائين. ته وري ٻڏڻ لڳو. هن وري به تريءَ مٿان ڪنيس ته ڏنگ هنيائين. ته تري ڇنڊڻ لڳو. ڪنهن ماڻهوءَ اهو تماشو پئي ڏٺو. تنهن چيس فقير، ڇڏ دشمن کي ته ٻڏي مري. ڏسين نٿو ته هو پنهنجي ڏنگ هڻڻ جي ٻجڙي عادت ماڳهين نٿو ڇڏي؟ فقير چيو ته هو پنهنجي ڪِني عادت نٿو ڇڏي ۽ آءٌ پنهنجي سُٺي عادت، توري تڪليف ڪري، ڇو ڇڏي ڏيان.

## 68. چڱو چار آنا ڏيو.

وتايي کي ڪنهن ماڻهوءَ خدا ڪارڻ رڍ ڏني هئي. پئسن جي ضرورت هيس، سو رڍ وڃي شهر ۾ وڪڻڻ لاءِ ويٺو. ماڻهن ڪانئس پڇيو ته فقير رڍ گهٽو ٿي لهي. چيائين ته پنج رپيا. هڪڙي چرچو ڪري چيس ته فقير، لهي ته گهٽئي ٿي پر تون فقير تن آهين، ڪا ڇوٽ به ڪر جو دنيا ۾ تنهنجو ڪو مثال نه ٿئي. فقير چيو ته اهو آزمودو ٿا ونو ته چڱو رڍ جا چار آنا ڏيو ته آءٌ ماني وٺي وڃي کاوان، ڪالهونڪر بکيو آهيان.

## 69. الائجي ڇا آهي؟

هڪ لڱا رستي تان ويندي فقير چانديءَ جي دٻلي لڌي، ڪوليائين ته

خوشبوءِ پکڙجي ويئي، چاڪاڻ تہ اُن ۾ ڪتوري پيل هئي. وتايي ڪڏهن بہ اهڙي خوشبوءِ ڪانہ سونگهي هئي، منجهي پيو تہ الائجي ڇا آهي؟ جي ڪنهن ڪان ڦجندس تہ متان چور ڪري ٻڌائيم. پوءِ پور پڇائيندو گهر آيو ۽ ماءُ کي چيائين ماني پچائي ڏنيم. جڏهن هن اٽو ڳوهيو تہ دٻلي ڪٽي ان ۾ اُلٽايائين. ماڻس پڇيو اهو ڇا آهي؟ جنهن ۾ ڏاڍي سُرهاڻ آهي؟ وتايي سوچيو وٽندڙ شيءِ آهي، جوڪو ڪونہ پهچائيندي. پوءِ ڪتوريءَ پڪل ماني کائيندي ماڻس پڇيو ڇا آهي، وتائي سادگيءَ سا وراڻيو تہ الائجي ڇا آهي؟

## 70. چڱو جو وڻ ۾ ڇانهين نٿي ٿئي!

هڪڙي ڏينهن وتايو ٽڪجي ڪنهن ٻير جي وڻ هينان اچي سُتو. متي ٻيرن کي ڏسي چوڻ لڳو تہ هي وڻ بہ انبن جي وڻ جيڏو آهي. ان جو ڦر- ٻير ننڍو خلقيو اٿس پر انبن جي وڻن ۾ انب هن ڪان گهڻو ڳؤرو آهي. تنهن ڪان بہ عجب جي هيءَ ڳالهہ آهي، جو ڇانهين وري ول ۾ پيدا ٿو ڪري، جيڪا وڻن ۾ پيدا ٿيڻ گهربي هئي. ايتري ۾ هڪڙو ٻير اچي ڪٽڻ تي ڪريس تہ متو ڪنهڻ لڳو. چوڻ لڳو تہ آءٌ ڀُليو آهيان، متان ڏک هٿڻ ۾ هي ننڍڙو ٻير بہ ڦهري ٿو ڏسجي، چڱو جو انهيءَ وڻ ۾ ڇانهين نٿي ٿئي! نہ تہ وتايو ڪنهن ڪان موڪلائي بہ ڪين سگهي ها.

## 71. هر هر جواب ڏيڻ ٻيحيائي آهي!

وتايو گهر ۾ ڪن گهرن ويچارن ۾ وينو هو. ماڻس چيو تہ ابا، ٻاهران ڪانيون ڦانگا ڳولي آءٌ تہ چلهہ دکايان. وتايي چيو تہ مون کي هينئر ڇڏي ڏي. ماڻس ويئي، چيٽا ڪانيون ميڙي اچي ٻاهہ ٻاريائين. پوءِ وري وتايي کي سڏ ڪري چيائين، ابا، هي گهڙو پري اچ تہ اٽو ڳوهيان، ماني پچايان. فقير چيو، امان چيو ماڻ ڪين تہ مون کي ڪجهہ بہ نہ چئو. مائي وئي، گهڙو پري آئي. ماني پچايائين. پوءِ چيائينس تہ پلا، ڏڌ لپ پاڙي مان وٺي اچي ماني کاءُ. وري بہ ساڳي ڳالهہ. اصل ڪجهہ نہ چوينم. پوڙهي ويئي، ڏڌ وٺي آئي، چڱو پلا راتوڪو بکيو آهين، ماني ڏڌ رکيو آهي ڪو تہ گرانهہ ڪڻ.

الا الا! ماءِ الائجي ڇا تيندي آهي؟ جيئن تو جهليانس تيئن تي نئون حڪم ڏينم. امان، هر هر جواب ڏيڻ بيحيائي آهي. اجهو تنهنجو حڪم مڃيان تو. ماني ڪائي ڍؤ ڪريان تو.

## 72. مون ڪي نماز پانءِ نتي پوي!

پاڙي جي ملان تمام چڱيءَ ريت وتايي کي هدايت ڪئي. مسلمانن کي نماز پڙهڻ گهرجي، جيڪو نماز نٿو پڙهي، سو مسلمان ئي ناهي. اُٿي هلي نماز پڙهه. وتايو ساڻس گڏجي نماز پڙهڻ ويو. اجا فرض جوتيائون تہ پنيان واڪو ٿيو تہ "وتايا ڪٿي آهين؟ ڊوڙي آءُ تنهنجي گهر جي لوڙهي کي باهہ لڳي ويئي آهي!" اهو آواز ٻڌي، نماز کي اڌ ۾ ڇڏي، فقير گهر ڏانهن ڀڄندو ويو ۽ چوندو ويو تہ هن ملن کي گهٽئي پيرا چيو اٿم تہ ادا، توهان واري مون کي نماز پانءِ نتي پوي، تڏهن بہ پچر نٿا ڇڏين. هاڻ خوش ٿيا هوندا جو وتايي جو گهر پيو سڙي.

## 73. جيڪا گهٽن جي صلاح!

هڪ دفعي فقير پاڻ سان ڪتو ونيو پئي ويو. جڏهن شهر ۾ گهڙيو تہ سندس ڪُتي کي ٻيا ڪتا ڦري آيا ۽ چڪ هڻڻ لڳس. وتايي وٽ لٺ هئي، سا پنهنجي ڪتي کي نڪاءُ ڪرايائين. ماڻهن پڇيس تہ فقير، هيءُ ڪتو تنهنجو ڪونہ آهي ڇا؟ وتايي چيو هائو، منهنجو آهي، پوءِ تون ڇوتو مارينس؟ ان ڪري جو ٻيا ڪُتا ڦري آيا اٿس، هاڻ ڪبو ائين، جيئن گهٽن جي صلاح هوندي!

## 74. اسين بہ مڙس آهيون!

وتايي جي پاڙي ۾ ڪي بہ زال مڙس اچي پاڻ ۾ وڙهيا. مڙس زال کي موچڙي تي موچڙو پئي هنيو. گوڙ تي فقير هنن جي گهر اندر ويو ۽ موچڙو لاهي هن عورت کي بہ ٽي پادر هٽي ڪڍيا. مائيءَ جي مڙس پڇيو، "فقير تون ڇوتو موچڙا هڻينس؟" وتايي چيو "پلا تون ڇو تو ڪُٽينس؟" هن چيو "آءُ تہ مڙس آهيان." وتايي چيو، "اسين بہ مڙس آهيون. ٻيو اسين وري ڪدڙا آهيون ڇا؟" مڙس، زال کي مارڻ ڇڏي ڏنو ۽ چيو فقير تون نڪري وڃ، اسين ڄاڻون پاڻ ۾.

## 75. هينگ تہ منهنجي گڏھ جي آهي!

وتايي مسافريءَ تي وڃڻ لاءِ گڏھ ڏاري هئي. سا ڳوٺ ۾ پئي ڦرندي هئي. وتايي جي هئي سو ڪير بہ نالو ڪونہ وٺندو هوس. هڪڙيءَ شام جو وتايو پنهنجي گڏھ ڳولڻ لڳو. خيال ڪيائين تہ هينئر ٻڌي ڇڏيانس، اسر جو چڙهي فلاڻي ڳوٺ ويندس. پاڙي ۾ هڪڙي ماڻهوءَ کي پري ڪٿي وهاڻءَ تي وڃڻو هو. پيو ڪو وهٽ هٿ ڪونہ لڳس، سو وتايي جي گڏھ جهلي ٻڌي ڇڏيائين تہ آڏيءَ مانجهيءَ انهيءَ تي چڙهي روانو ٿيندس. وتايي کي ڪنهن ٻڌايو تہ تنهنجي گڏھ فلاڻو تنهنجي پاڙي وارو ڪاهيو پئي ويو. وتايو هن جي در تي آيو. سڏ ڪيائينس. پڇيائين تہ ادا، ٻڌو اٿم تہ منهنجي گڏھ تنهنجي گهر اندر آهي. مون کي سياڻي پري وڃڻو آهي، مهرباني ڪري ڇوڙي ڏينم. هُن کي بہ پري وڃڻو هو. تنهن وڏا وڏا قسم کڻي چيو فقير ڪنهن تو سان چرچو ڪيو آهي، مون کي مرشد جو سُنهن آهي تہ گڏھ مون وٽ ڪانهي. وتايي جو آواز سڃاڻي گڏھ اندران هينگ ڪئي. وتايي چيو تہ اهو آواز منهنجي گڏھ جو آهي، تو هرو ڀرو ڪوڙا قسم کنيا آهن. هن چيو فقير تون مون مسلمان جي ڳالهہ تي اعتبار نٿو ڪرين، پر هن گڱدام جي زبان تي مون تي شڪ ٿو ڪرين؟ سچ پچ ڪو چرپٽ آهين! هن چيو هائو هائو، ڏٺم تنهنجي مسلماني! هاڻي مسلماني رڳو ڪوڙن قسمن تي وڃي رهي آهي. ائين چئي اندر گهڙي گڏھ ڇوڙي هليو ويو. هو ڪوڙو قسمي ڦڪو ٿيو.

## 76. مون کي خدا ڏيندو تہ واپس ڏئي ويندس!

وتايي سان ماڻس گلا ڪئي تہ ابا، تنهنجي ماني پچائي ٿي رکان تہ ڪتا ڪڻيو وڃن، جي ڪوٺيءَ کي دروازو هجي تہ ڪڙو ڏئي سانڍي رکي ڇڏيان، پوءِ اويل سويل ڪيڏي مهل بہ گهر اچين تہ پنهنجي ماني کائين. هن چيو اجهو در ڪٿي ٿو اچان. پوءِ ويو، مسيت جو در پٽي گهر کڻي آيو، پنهنجي ٻارٽ تي چاڙهي ڇڏيائين. مسيت جو مُلان آيو، ڏسي تہ در نهي ئي ڪونہ. سو پيرو کڻي سڌو وتايي جي گهر وٽ آيو. سڏ ڪري چيائين تہ "ميان، تون تہ هاڻ ماڳهين ارڪانن مان نڪرندو ٿو وڃين. توکي شرم ڪونہ آيو جو خدا جي گهر

جو دروازو لاهي ڪٽي اچي پنهنجي گهر تي چاڙهيو اٿئي؟” وتايي چيو شرم تہ گهٽو ئي آيم پر ماني ڪتا ڪٽيو تي ويا. سوچيم تہ جڏهن مون کي دروازي جيتري توفيق ڏيندي، تڏهن دروازو واپس وجي رکندس، ڇوتہ مون کي ڏيڻ وارو بہ اهو ئي آهي، ڪيس خبر آهي تہ وتايي وٽ در ڪونهي، هنن کي تڪليف آهي. ملان چيو آءُ در لاهيو تو وجان. وتايي چيو در اهو لاهيندو جنهن جو آهي. باقي تون ٻڌاءِ تنهنجو ساٿس ڪهڙو لاڳاپو آهي. ڪهڙي متي ماڻٽي آهي يا توکي خود پاڻ چيو اٿس تہ مون ۾ سگهہ ڪانهي، تون وڃي وتايي کان دروازو وٺي اچ. ٻڌاءِ، تہ توکي ڇا چيو اٿس؟ ماڻهو اچي گڏ ٿيا. ملان خار ۾ گاريون ڏيڻ ۽ وڙهڻ لڳو. وتايي چيو هن کي جهليو، مون هن جو ڪو بہ ڏوهہ ڪونہ ڪيو آهي. هي پاڻ کي سرخرو ڪرڻ لاءِ خدا جو عيوضي ٿيو آهي. مون کي خدا ڏيندو تہ واپس (در) ڏئي ويندس.

## 77. اِجها توهان جي مُرشد جي جُتي!

ڳوٺ ۾ هُل هلاچو هُليو تہ فلاڻو بزرگ، فلاڻي ذات وارن جو مرشد اچي لٿو آهي، ڏاڍو خدا جو پهتل ماڻهو ۽ ڪاني ڪرامت وارو آهي. وتايي کي دل ۾ خيال آيو تہ آءُ بہ ڇونہ وڃي سندس زيارت ڪريان. سو فقير جُتي پريري لاهي مرشد جي ڪٽ پرسان ويهي، انهيءَ جون ڳالهيون ٻڌڻ لڳو. هن کي مرشد جي ڪابہ ڳالهہ ڪانہ آئڙي، سو ڪچهري مان اٿي وڃڻ وارو ٿيو. پر ڇا ڏسي تہ جُتي هجيئي ڪانہ. موٽي وري اچي ساڳيءَ جاءِ تي وينو. اتي مرشد جي چانديءَ سان مڙهيل جُتي رکي هئي. فقير ان مٿان پاتول ماري وينو. ٿوري دير کان پوءِ، مرشد کم سانگي اٿيو ۽ جُتي ڳولڻ لڳو. وتايو ماٺ ڪيو ڪنڌ هيٺ ڪريو وينو هو. چوڌاري ڇوُ پڇوءَ هلي تہ مرشد جي جُتي نئي ليپي، ڪنهن کنئي آهي؟ جنهن ماڻهو وتايي جي جُتي کنئي هئي، تنهن سمجهيو تہ شايد پُل ۾ مون مرشد واري جُتي کنئي آهي، سو ڇوڻ لڳو تہ اِجها اِجها، هيڏانهن پئي آهي مرشد سائين جي جُتي. هو جڏهن جتي کڻي ڪٽ جي ويجهو آيو، تہ فقير چيو ادا، اها منهنجي جُتي آهي ۽ جوٺ هينان جُتي ڪڍي چيائين هيءَ توهان جي مرشد جي جُتي آهي. جنهن کي جُتيءَ جو سماءُ نہ ٿو پوي، سو ڪهڙي ڪاني ڪرامت ڪندو هوندو!؟

## 78. هڪڙي جي اُوس اُونائيندو!

وتايو ڪنهن ڏُن ۾ منگن مست ٿيو وينو هو. تہ هڪڙو هاري هر ڪُلهي تي ڪٽي اچي مَٿيو. فقير کي ڏسي چيائين وتايا فقير، مون نياٽي فلاٽي هنڌ پرڻائي ڏني آهي. چوڪريءَ جو مڙس بہ مون وانگر هاري آهي. ہ سال ٿيا آهن تہ مينهن وسي ئي ڪونہ ٿو. ڏاڍا ڏکيا ويلا پيا واريون. تون درويش آهين. دعا گهر تہ الله سائين ڪو پنهنجي رحمت وسائي. هو اتي ئي بينو هو تہ متان هڪڙو ڪنيار اچي لنگهيو. هاريءَ کان پڇيائين ڇا پيو درويش کي چئين؟ هن چيو دعا پيو گهرانس تہ ڪنيار بہ اچي متان بينو ۽ چيائين فقير مون بہ نياٽي فلاٽي هنڌ پرڻائي ڏني آهي. ہ سال لاڳيتو برسات بند ڪانہ ٿي ٿئي. چوڪريءَ جوائي موڪليو آهي تہ بابا، ڏاڍا ڏکيا آهيون. آوي چڙهي ڪانہ ٿي، ڏنڊو هلي ڪونہ ٿو. ڪجهہ تہ موڪليو تہ کائون. تون الله جو خاص ٻانهو آهين، ڪا دعا گهر تہ الله سائين سڪارج ڪري. وتايو ڪِلي پيو، چيائين توهين ٻئي هليا وڃو. ٻنهي مان هڪڙي جي اوس اُونائيندو. باقي منهنجي ٻڌي ڪونہ ٿو. مرضيءَ جو مالڪ آهي.

## 79. اها ڳالهہ تہ وري ڪرين ها!

ٻاڙيوارين ماين جو وتايي جي ماءُ سان قرب هو. اويل سويل وٽس پيون ايندئيون هيون. هڪ ڏينهن وتايو لوڙهي وٽ بينو هو تہ هڪ ٻاڙي واري ماٽس سان ملڻ آئي. لهواريون اوياريون ڪندي چيائين تہ وتايو تہ اڳئي مڱا ئي ڇڏيو هو، هاٽي وري گهري ڏسو تہ ڇا ٿا چون؟ ويچارو سَٽون کائيندو گهمي. ماٽس چيو، پٽس هندو هو تڏهن مڱايو هٽائين. پوءِ مسلمان ٿياسين، هاٽي اسان کي سگَ ڪيئن ڏيندا جو چوان؟ وتايي ۾ ڪو ڪمائيءَ جو ڪِرُ ڪونهي، جو ٻئي ڪنهن کان سگَ گهران ڪٽي ۽ پوءِ وري ٻيون ڳاليهون ڪرڻ لڳيون. جڏهن مائي اُٿي وڃڻ واري ٿي تہ وتايي وڏي اچي چييس تہ ماسي، اڳين سيٽن کان سگَ گهرڻ واري ڳالهہ تہ وري امان سان ڪرين ها. مَن مُڙي بہ پون!

## 80. چريا ڪَريا آهيون پر ننگَ سُڄاڻون ٿا!

قسمت سانگي وتايو عمر ڪوٽ ڪان وڃي نڪتو. وري بہ اتي انهيءَ کوه * تي جتي زالن گهاگهرا ۽ چوئنرا پئي پريا. هڪ پوڙهيءَ وتايي کي افعالن مان سهي ڪري ورتو تہ لاشڪ وَتو اهو آهي. سو ڇوڪرين کي چيائين تہ هن کي ڪيڪاريو تہ سُڌ پوي تہ سچ پچ درويش وَتو آهي يا ڪو ٻيو. ڇوڪرين مان هڪڙي چيو تہ سندس مگيندي ڪيڪاريس تہ مزو ايندو! پوءِ سيني انهيءَ تي زور ڀريو تہ: هُو مسلمان، پاڻ هندو، ٿورئي سگَ مائٽ هن کي ڏيندا. ڏسون تہ ڇا ٿو چئي؟ نيٺ لڄ ڪندي هوءَ وتايي جي پر ۾ آئي. چيائين ادا وتو، پلي ڪري آئين. هٿ تہ ڏي؟ وتايي هٿ ڪونہ ڏنس. چيائين چريا ڪريا آهيون، تڏهن بہ نَنگ سڃاڻون ٿا!

## 81. لبَ تي ليٽي هوندي!

وتايي کي چيائون اڄ ماڻهين بازار ۾ ليٽڙيون پئي ڪاڏيون ڇو؟ فقير چيو امان اهڙي آهي ئي ڪانہ. البت ڪتي لَبَ تي ليٽي هوندي! پوءِ جڏهن ماڻس گهر آئي تہ پڇيائينس تہ، اڄ تو بازار ۾ ليٽڙيون پئي ڪاڏيون، ماڻهو ٿا چون؟ هن چيو ابا، ڏنم تہ پئسو پٽ تي پيو هو. چيم تہ جي نمي ڪڍيس تہ هرڪو چوندو تہ هيڏانهن ڏي، منهنجو ڪريو آهي. سو ڇا ڪيم ٿورو پريان وڃي، ليٽڙندي ليٽڙندي، پئسي مٿان اچي پيس ۽ ائين، پئسي کي ڪٽي ورتم.(1) "ها، مون اڳئي ائين سمجهيو هو. امان! ڪنهن لب تي ليٽي هوندي."

## 82. خدا کي خواب ۾ ڏٺم!

هڪ ڏينهن، هر گهٽيءَ ڪوچي ۾ وتايو چوندو وتيو تہ "خدا کي ڏٺم، خدا کي ڏٺم." ماڻهو ڦري آيس تہ چوڻ لڳو تہ خدا کي خواب ۾ ڏٺم. پڇيائونس ڪيئن ڏٺئہ. ڪهڙو نمونو هوس؟ چيائين ڪپڙا ميرا ۽ قاتل پيا هئس. اڳيان پاروتيون مانيون ۽ پٽ جا اُرڙ لڳا پيا هئس پاڻ ڪليو پئي. مون پڇيس تہ درويش

* مينگهي مالهيءَ ڳالهہ ڪئي. تہ اهو کوه اڃا تائين عمر ڪوٽ ۾ موجود آهي.
(1) سانگي طرز جي هنديءَ ۾ مثال آهي تہ: "بنيئي ڪان بيٺا ڪجھ ديکھ کر هي گرتا هي"

اوهان وٽ ڪانهي؟ هن چيو آءٌ تنهنجن انهن گردولين سان ٻڌل ناهيان، تون هاٿي جيڪي چوين اُهين ڪريان؟ بس، تون ٻيو ڪجهه به نه ڪر، هيءَ ٻيري مون کي متي تي ڪٽائي هليو وڃ.

## 84. مُڙسي ڪئي سون، ته هڪ جون ٻه مليون!

وتايو فقير واٽ وٺيو پئي ويو ته ڪنهن شخص سڏ ڪري هڪڙي ڇيلڙي، الله جي نالي تي ڏنيس. فقير سان گڏ ڇيلڙي هلي ٿي نه. فقير تاٽي تاٽي ڪَڪ ٿي پيو. ٻريان ڪي اِسم ٻينل ڏنائين، سڌو اتي آيو. ڏسي ته همراهه گاڏيءَ تي وينو ڏاند پيو هڪلي. ان کي منٿ ڪري چيائين ته هيءَ منهنجي ڇيلڙي پاڻ وٽ رک، آءٌ جڏهن موٽندس ته ڪاهي ويندس." هن چيو فقير اتي ٿوڙهو وجهي، مُنيءَ سان ٻڌي ڇڏينس. پوءِ فقير هليو ويو. ڏيڍ سال کن کان پوءِ اتان اچي لنگهيو. ياد آيس ته هتي مون هاريءَ کي ڇيلڙي بيهارٽي ڏني هئي. سو سڌو هُرلي تي آيو. اچڻ ساڻ هاريءَ کان ڇيلڙي جي گهر ڪيائين. هاريءَ چيس درويش، تون ڇيلڙي اتي ٻڌي هليو وئين. آءٌ به پويان پاٽيءَ جي نگهبانيءَ تي ويس. ورندي ڏسان ته بگهڙ ڇيلڙي کنيو پيو وڃي. ڇيلڙي جا ٻيڪاٽ پئي پيا ججهوئي، ڊوڙيس، هڪلون ڪيم، پر بگهڙ جو وات هو ڇيلڙي ڪٿي ٿو ڇڏي؟

ففير چيو تون پويان ڪونه پئينس؟ چيائين پنيان پئي ڇا ڪريان؟ بگهڙ لڙ پگو ويو. فقير چيو ڪهڙي پاسي ويو پئي؟ هن چيو اولهائون پگو ويو. فقير چيو ڪا ها هوئڙ ڪرينس ها؟ چيائين ماٺ ڪريو وينو هج. پنهنجي وس ۾ مون به ڪونه گهٽايو هو. فقير چيو ته پيلا اتي مون کي اهو پاسو ۽ پير ڏيکار ته ڪا پيچا ڳاچا ڪريون. هُو اٿيو، ڪلندو فقير کي ٻڌائيندو هليو ته هتان آيو. هيڏانهن ويو. وتايي چيلهه سان سندرو ڪٽي ٻڌو. اتان ڪان وٺي هڪلون ڏيڻ لڳو: متان ويو آهين، ڪلا ٿئي، نه ويندين. اِهو اِهو، وٺجوس، اڳ ڦروس، پَٺ کنيو وڃي. ڦري اچوس. ائين چوندي هڪڙي ڳوٺڙي وٽان اچي گذريا. ڳوٺ جا ماڻهو گوڙ تي ٻاهر نڪري آيا. وتايي کان پڇيائون فقير ڇاهي؟ ڪنهن تي بچ ڪئي اٿئي؟ چيائين هن جوان کان بگهڙ ڇيلي ڪٽي ويو آهي، ان جو پيرو کنيون تا وڃون. هنن پڇيس ڪيڏي مهل ڪڍهن؟ هن چيو پر سال. ماڻهو ڪِليا. چي،

پر سال واري ڇيلي هن سال ڪيئن هٿ ايندي ۽ بگهڙ ڪيئن سُڃاپندو؟ اتي هڪڙي ڳوناٺي ڇيو بروبر! پر سال اسان ميلي تي ٿي وياسين ته بگهڙ هڪڙي ڇيلي تاڙيندو آيو ۽ اچي اسان جي منهن پيو. پوءِ ته گهوباٽن جا ڪرڪا لائي ڏناسينس. ڇيلي ڇڏي ڀڄي ويو. پٺ کي ڏنوسين ته منجهس اجا ساهه جا داڻا هئا. پوءِ ڪٽي ڪُدن وٽ ڇڏيوسينس. ٻن ڇئن ڏينهن کان پوءِ خوف لٿس، ڏک جهلي ويئي. پوءِ ٻئي ڄڻائين. وري لڳي ٻه جهٽ. مادي ڦر ڏنائين. اهو ڦر به اڃي وڏو ٿيو آهي. هلو ڪُدن کان ونون. پوءِ ڪُدن وٽ آيا، اڃي اها ٻڪري سڃاتائون ۽ ڦر سوڏي وتايي کي ڏنائون. وتايي هاريءَ کي چيو ته ڏنئه؟ مڙسي ڪئي سون ته: هڪ جون ٻه مليون!

## 85. اُوستا، اڄ ته واندڪائي اٿئي؟

هڪڙي ڏينهن وتايو هڪڙي واڍي جي دُڪان وٽان اچي مَتيو. ڏنائين واڍو ڪٽ پيو جوڙي. سو پاڻ به ڪيس منٿ ڪيائين ته پٽ تي سمهي سمهي پاسا پيا سُور ڪن، مهرباني ڪري مون کي به ڪا ڪٽ جوڙي ڏي. واڍي چيو واهه جي جوڙي ڏيندس، پر هينئر واندڪائي ڪانه اٿم، ٻئي گهمري اچ ته ناهي ڏيندو ساڻ. قصو پئي هليو. وتايو پنڌ ڪري ڪري آخر تنگ ٿي بس ڪري ريهي رهيو. هڪ ڏينهن، وتايو پئي آيو ته ماڻهو جنازو ڪٽي پئي مقام ڏي ويا. پڇيائين ته ڪير گذريو آهي؟ چيائون ته فلاڻو واڍو، جيڪو ڪٽون جوڙيندو هو. تڏهن چيائين ته ٿورو ترسجو. جنازي کي ويجهو اچي چيائين، اُوستا، اڄ ته (ڄڃهي) واندڪائي اٿئي، ڇئن ماڻهن جي ڪلهن تي ستو پيو آهين، اتي ڪا ڪٽ اسان کي به جوڙي ڏي!

## 86. هاڻ ڏنيم الله جي وات ۾!

وتايي ماءُ کي چيو ته امان ٻڪ ڏاڍي لڳي اٿم. ماني پچائي ڏينم. آءٌ اجهو ٿو اچان. ماڻس ٻاجهر جي ماني گهڙي دانگيءَ تي وڌي. جڏهن پچي سوڪ تي ته پت پران اُپي ڪري رکيائين. وري ٻي پنهنجي ڪاڻ گهڙڻ لڳي. جهڙو ماني دانگي تي وجهي تڦيائين تي ته پنيان ڪُتو وتايي واري پڪل

ماني ڪٺي وني پڳو. مائي ڪتي پويان ڊوڙي، پر ڪُتي ماني نہ ڇڏي. بُت پڇي ويو. لاچار ٿي، ماٺس ڪيس چيو تہ "ابا هاڻ اها ڏنيم الله جي واٽ ۾."
موٽي اچي ڏسي تہ دانگي تي پيل ماني بہ سڙي ويئي. پوءِ چيائين وتايي جو ڪو نصيب ئي اهڙو آهي!

## 87 رب پاڪ تنهنجي تہ ساهيڙيءَ جيتري بہ هلندي ڪانهي!

ڪي لاباريا، سارين جي پچڻ تي لاڙ ويا. اتي لابارو ڪري وَلهہ (پلال) گڏ ڪيائون. وتايو بہ اتان اچي لنگهيو. ڏنائين تہ ڪي فقير وَلهہ جا پاڪر پريو پيا وجن. پڇيائين ڪٿان آندي اٿوَ؟ چيائون تہ چوندو ڪيو اٿئون. فقير دل ۾ چيو تہ آءٌ بہ چوندو ڪري ڪجهہ پلال امان ڪاڻ ڪٺي وجان. پر آسپاس جون بنيون چوندجي ويون هيون. فقير لابارين ڪان الله جي نالي تي پلال پنڻ لڳو. ڪنهن ڏنس تي تہ ڪنهن نٿي ڏنس. جڏهن پنهنجي ڳوٺائي لابارين ڪان گهريائين تہ هڪ مرد وتايي کي بہ مُنيون پلال جون ڪٺي ڏنيون. اوچتو ان مرد جي زال پُٺ ورائي ڏنو تہ وتايي کي مڙس پيو وَلهہ ڏي. ٿوري ولهہ ڏسي مڙس کي چيائين سُڃاڻين نٿو تہ اهو وتايو منهنجي ساهيڙيءَ جو پٽ آهي. ڏنو ڇا اٿئيس!؟ ماءُ سان ڳالهہ ڪونہ ڪندو تہ ماسيءَ هوندي مُٺ پلال جي مليم. ان تي مڙس ڪيس چيو مون کي ڪل ڪانہ هئي تہ هيءَ وتايو آهي. پوءِ وڏو پاڪر پلال جو پري ڏنائينس. فقير ڳات ڪٺي چيو هاءِ هاءِ! رب پاڪ ساهيڙيءَ جيتري بہ تنهنجي هلندي ڪانهي! الائجي ڪيئن پيو جهان هلائين؟

## 88 جيڪو هر ڪنهن سندو آهي، سو ڪو ڍڳيءَ جي سنيار ڪندو!

وتايو هفتي ڏيڍ لاءِ ڳوٺ ڇڏي تي ويو. وٽس هڪ ڍڳي هئي، ماءُ کي چيائين تہ رات جو ڍڳيءَ جي پارت بادشاهہ پير کي ڪري پوءِ سمهج. ماٺس ڳچ ڏينهن تہ بادشاهہ پير کي پارت ڪري پوءِ سمهندي هئي، پر هڪڙي رات اُٺ اچي مغز ۾ وينس. تہ بادشاهہ پير ڪير ٿيندو آهي، جنهن کي پارت ڪريان؟ پارت ڪريان تہ پنهنجي رب پاڪ کي، جيڪو بادشاهہ پير جو بہ خالق مالڪ آهي. سو

جو ڪپڙي جو دڪان هو. ان جي پچا ڪيائين. اهو وياج ڪائڻ ۾ مشهور هو. ان کي ڳولي لڌائين، پوءِ مرچن مسالن ۾ تَرِ تيل ڪڪڙ ڪيس اڳيان رکي چيائين تہ ابا، هي ڪڪڙ کائي ان جو سواد وٺ. حاجيءَ سڳوري کي مسالي جي بوءِ مغز ۾ وئي تہ ان جو وات پاڻي تي پيو. ڍڪ لاهي، ٻوٽيون پٽي پٽي کائڻ لڳو. دل ۾ خيال ڪيائين تہ هن مائي ڪڪڙ انهيءَ ڪري آندو آهي، جو پاڻئي تي تہ آءٌ ڪو کاڌن جو خوراڪي پارکو آهيان. ڪيس هميشہ اهڙن مالن تيار ڪرڻ لاءِ پيو اپاريندس. وري ڏيان تي آيس پڇي تہ ڏسانس تہ سڄي شهر ۾ هن مون کي ئي ههڙو لذيذ مال کائڻ واسطي ڇو آڇيو آهي؟ سو کائيندو بہ پيو وجي ۽ پڇڻ بہ لڳو. وتايي جي ماءُ، اڄ هيءُ مون تي مهرباني ڇو ڪئي اٿئي؟ هُن چيو مهرباني بهرباني ڪجهہ بہ ناهي. هيءُ منهنجو تاتيل پاليل ڪڪڙ هئو. تنهن کي رات ٻلو ماري ويو. آءٌ مٽس گهٽئي رنيس ۽ اجلڻ بجاءِ خرچ ڪري مرچ مسالا ۽ گيهہ ڦوٽا وجهي رڌي تنهنجي کائڻ لاءِ کڻي آيس، چيم تہ ڪتن ٻلن جي پيٽ ۾ پوڻ عيوض جي ماڻهوءَ جي، سوبہ حاجي سڳورو هجي، هن جي پيٽ ۾ پوي تہ پڪ بهشت ۾ مون سان اچي ملاقات ڪندو. اهو سوسو آيم تڏهن توکي کائڻ ڪاڻ ڏني اٿم. حاجيءَ چيو بيا ڪي حاجي هت ڪين آهن ڇا؟ چيائين آهن، پر اهي وياج خور نہ آهن. توکي خدا جي مار پوي تو مون مسلمان ۽ حاجيءَ کي مئل ڪڪڙ جو حرام گوشت کارايو آهي؟ مري خدا کي ڪهڙو جواب ڏينديءَ؟ الله سائين کي چونديس تہ تو ۽ تنهنجي رسول ڪريم وياج کي حرام نهرايو هو. چيو هو تہ جيڪو ماڻهو وياج تو کائي سو گويا پنهنجي مئل پاءُ جو گوشت تو کائي. تہ ڇا منهنجو ڪڪڙ وياج کائڻ کان بہ خراب آهي؟ هاڻ مون کي ڏي تانءُ، پاڻهي هضم تي ويندئي. حاجي اُبڙڪا ڏيندو رهيو، مائي تانءَ کڻي اهو چوندي هلي وئي تہ: منهنجو ڪڪڙ وياج کائڻ کان بہ خراب آهي ڇا؟

## 90. تڪڙ. اڌ مئو ڪري ڇڏيو آهي!

وتايي جي ماءُ پيرسن هئي، بيمار تي پئي، ٽئين ڏينهن لڏي پرلوڪ وئي. وتايي ماءُ واسطي ڏاڍو ٻاڪاريو. ماڻهو اچي ميڙ ٿيا. چيائونس فقير روئڻ کي ڇڏ، اٿي ڪو ڪفن دفن جو بندوبست ڪر. فقير روئندو گهر مان نڪري هليو ويو. ٻئي ڳوٺ ڦِريو پر روئڻ کان ڪنهن کي ڪين چيائين تہ ڪا ماءُ مئي اٿم. هڪڙي

ٻوڙي واري ڪانئس روئڻ جو ڪارڻ پڇيو. فقير چيو ماءُ مري ويئي اٿم، ان جي ڪفن دفن لاءِ هيڏانهن هوڏانهن پيو لُوهون ڏيان ۽ ڦران. هڪ شخص چيو تہ اچي، هيءُ جوڙي مون پاڻ لاءِ رکائي ڇڏي هئي، تون وڃي مرهيات جي پورت ڪر. پوءِ اها جوڙي کڻي ٻوٽ آيو. ماڻس ڪي مُئي اهو ٽيون ڏينهن هو. جيئن گهر ۾ اندر آيو تہ ڦان تي پٽ تي ڪري پيو. ماڻهن چيو بنهين جهٽ جوڙي وٺي آيو آهين؟ چيائين پلا چا ڪريان!؟ مون ڪي امان جي ڪفن دفن جي تڪڙ اڌ مئو ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن جيڪي جتان مليو اٿم، تڏهن سو کڻي ڊُڪندو پيو اچان. هاڻ اتي سينگاريوس. ماڻهن چيو تہ ايترو وقت ڪير تو لاش ڪي گهر ۾ سهي. وتائي وراڻيو جي سنو نتي ٿيوَ تہ پوءِ مون ڪي ڇوتي ڊوڙائي ڊوڙائي اڌ مئو ڪيو.

## باب پنجون

# اُترئينءَ سنڌ ۾ مشهور وڏيڪ چُٽڪا

### 91. آخرت ۾ توهان جو بار ڪير کڻندو؟

ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ ڏينهن وتايي فقير کي هڪ سپاهيءَ سڏ ڪيو ۽ چيو فقير، هيءَ صندوق تاڻي تائين کڻائي هل. وتايي صندوق ۾ هٿ وڌو ته هلڪڙي لڳس. سپاهيءَ کي چيائين ته تون مون کان وڏيڪ تلهو متارو لڳو پيو آهين، هيترو بار نٿو کنيو تيئي؟ سپاهي چيو ته آءٌ سرڪاري ماڻهو آهيان. پاڻ بار نه کڻندو آهيان. پر بيو ڪو ماڻهو هٿ ڪري، ان کان کڻائيندو آهيان، جي ڪو اشرافت سان ڪونه کڻندو آهي ته ڏنڊي جي زور تي کڻائيندو آهيانس. وتايي چيو ته هت ته ڏنڊي جي زور تي کڻائي سگهو ٿا، پوءِ پلا آخرت ۾ توهان جو بار ڪير کڻندو؟ جتي توهين ۽ اسين سڀئي هڪڙي ئي حالت ۾ هونداسين.

### 92. خوشيءَ سان نه ڏنئي ته زوريءَ وٺي ويئي!

ڳالهه ٿا ڪن ته وتايي فقير کي خيال آيو ته سواري ڪرڻ لاءِ وڏيري کان الله واڻ ۾ گهوڙو گهران ۽ پوءِ چڙهيو پيو گهمان. وڏيري وٽ اوطاق تي آيو. چيائينس ته وڏيرا. ڏاڏي آدم مال ڪونه ورهايو هو. مون کي پنهنجو غريب پاءُ ڄاڻي، هڪڙو گهوڙو ڏيارينم. چيائين ڏاڏهين آدم ايترا ته ٻچا ڄڻي ڇڏي ويو آهي. جو منهنجا گهوڙا ته ڇا پر ساري دنيا جا گهوڙا به انهن کي پورا ئي ڪونه سگهندا. لاچار تي چيائينس ته پنڌ ڪندي بيزار ٿي پيو آهيان. خدا جي نالي تي ڪو گهوڙو ڏيارينم. وڏيري چيو ته سچ پچين ته مون وٽ اهو هڪڙو گهوڙو

آهي، جنهن تي چڙهي اندر ٻاهر نڪرندو آهيان. فقير چيس تو وٽ تہ گهل گهوڙن جي هئي؟ چيائين درياءَ جي ليٽ ۾ هڙئي هلاڪ ٿي ويا. تڏهن تہ تمام چڱو ٿيو! وتائي چيو: خوشيءَ سان نہ ڏنئي تہ زوري ورتي ويئي! چوندا آهن تہ خدائي خير، جي ڪو حُب سان نہ ڪيندو آهي تہ الله سائين انهيءَ کان موچڙو هڻي بہ ورتي ڇڏيندو آهي.

## 93. ڏٺي صبر وارن سان ساڻ آهي!

ڳالهہ ڪندا آهن تہ هڪ ڏينهن ڪنهن ڳوٺ جا ماڻهو گڏجي وتايي فقير وٽ آيا. دانهن ڏنائونس تہ اسان ڪي ڳوٺ جي ٺاڪيدار ڏاڍو تپايو آهي.روز بيگار ۾ ٿو وٺي، بيگناهہ ماڻهن کي ٿاڻي تي گهرائي ڪُٽي ٿو، پنهنجا ڦڏا ناهي ڦاسائي رشوت وٺي پوءِ ڇڏي ٿو. تون الله جو نيڪ ٻانهو آهين، الله کي ستاءِ اسان تان هيءَ مصيبت دفع ڪراءِ. فقير چيو منهنجي الله سائين صفا ڪونہ ٿو سڻي. ڪيترن آدمين لاءِ التماس ڪيامانس تہ فلاڻي کي پٽ ڏي، فلاڻي کي ڌن ڏي، فلاڻي کي مال ڏي، پر هڪ بہ نہ ٻڌائين. مون ان ڏينهن کان وٺي دل ۾ فيصلو ڪيو آهي تہ جيڪو هو پيو ڪندو. تنهن تي آءٌ بہ راضي پيو رهندس. باقي توهان کي خبر ٻڌايان ٿو تہ ايترو چئي ڇڏيو اٿس تہ آءٌ صبر وارن ساڻ آهيان. ان تي اعتبار ڪري صبر ڪري ويهو رهو. آزمايو تہ برابر اها ڳالهہ سچي آهي يا نہ؟ ماڻهن صبر ڪيو ۽ پوءِ اوچتو هڪ وڏيري جي دعوت کائي موٽندي اهو ٺاڪيدار آڦرجي مري ويو. هن ماڻهن وتائي کي اچي سچو قصو ٻڌايو تہ وتائي چيو: ڏٺي صبر وارن ساڻ آهي.

## 94. من مُنڊووڻ مسلمان هو

هڪڙيءَ مجلس ۾ ڪجھ ماڻهو وينا هئا. وتايو بہ انهن جي ڪچهريءَ ۾ وينو هو. هڪڙي ڄڻي پوڳ ڪندي پڇيس فقير ڪهڙيءَ رمز کان هندو پٽي کان جند ڇڏائي مسلمان ٿئين. تو ۾ ڪيتريون خصلتون اجا هندن جهڙيون موجود آهن. سُنت تہ صفا وينل ڪونہ آهين؟ چيائين هندو مسلمان سڀ الله جا آهن، گمراهيءَ مان ڪڍڻ وارو بہ الله ئي آهي. مون کي دل مسلماني ڏني هٿائين جا

سدائين قائم اٿم. باقي پوشاڪ، اٺڻ ويهڻ، کائڻ پيئڻ جنهن ۾ توهان کي هندڪو شڪ ٿو جاڳي، سي هرو ڀرو مسلماني ڏيکاءَ لاءِ ڪين اٿم. من تہ منهنجو مُنديُون مسلمان هو. باقي: اوهان پاران جو ”من نہ ٿيو مسلمان ڪلمو پڙهيو تہ ڇا ٿيو؟“

## 95. مون پاڻ بصر کاڌو هو

هڪڙي مائي وتايي فقير وٽ پنهنجو پُٽ وني آئي. فقير کي چيائين تہ سائين، هي رڳو ڪچا بصر ٿو کائي، ڪو ڦيٺو هٿيس يا دعا جو هٿ گهمائينس تہ منجهائنس اها بڇڙي عادت نڪري وڃي. فقير چيو تہ ٿي ڏينهن رکي پوءِ وني اچجانس. مائي ٽن ڏينهن بعد آئي. فقير نينگر کي چيو ابا، ڪچو بصر نہ کائيندو ڪر، ان جي کائڻ سان وات ۾ بانس ٿي ٿئي، پر ۾ ڪو ويهڻ نٿو ڏي، بعضي پيٽ ۾ سور بہ ٿو پيدا ڪري. بڏاءِ تہ کائڻ ڇڏي ڏيندين يا لڪي ڇپي پيو کائيندين؟ ڇوڪر چيو هاڻ آءٌ ڪونہ کائيندس. فقير چيو تہ هاڻ ڀلي وني وڃينس.

مائيءَ چيو تہ راهہ گناهہ ٽي ڏينهن مون کي ترسايوَ، اها هدايت تہ انهيءَ ڏينهن بہ ڪري ڇڏيوهاس. فقير چيو تہ آءٌ پاڻ ڪچو بصر مانيءَ سان کائيندو هوس. سو ڀهرين پرور کي پنهنجي واسطي التجا ڪيم ۽ ٽي ڏينهن بصر کائڻ ڇڏي ڏنم. تنهن کان پوءِ تنهنجي پٽ کي هدايت ڪئي اٿم، الله ساجهہ ڏيندس. الله وٽ سچي توبهہ هميشہ قبول پوي ٿي.

## 96. جيڪو ڏڻيءَ کي پسند آهي سو مون کي بہ!

هڪڙي ڏينهن وتايي جي پاڙي ۾ ڪو ماڻهو مري ويو. ماڻهن گڏ ٿي روئڻ شروع ڪيو. سڀ ڪو چوڻ لڳو تہ ڏاڍو چڱو هو، گهڻگهرو هو، هر ڪنهن سان سڌو هو، ڪڏهن ڪيولي بہ نہ اورانگهيائين، رڄ اشراف مڙس هو. اهي ڳالهيون ٻڌي وتايو بہ اوچنگارون ڏيئي اتي اچي پنڻ ۾ شامل ٿيو. ماڻهن پڇيس تہ ڇا تنهنجي بہ هن سان ڪا مائٽي هئي ڪيئن؟ جو ايڏو ٿو روئين. چيائين هن جي لڇڻ جو توهين هر هر بيان پيا ڪريو، اهو سڻي مون کي روئڻ

تو اچي تہ هو ڪهڙي دنيا کي ڇڏي، پنهنجي ڏٽيءَ جي قرب ۾ وڃي قابو ٿيو. سندس سڀ ڪو ساراهہ پيو ڪري. الله وٽ بہ ڇگن جي چونڊ آهي. اسين ڪڙهون پنهنجي حال کي نہ هتي جا ٿياسين، نہ هُتي جا. بس جيڪو الله کي پسند آهي، سو مون کي بہ پسند آهي. اها آهي اسان جي مائٽي.

## 97. ڍڳيءَ لاءِ نوڙي تو وٽيان!

هڪڙي ڏينهن وتايو سَر پَٽي آيو. انهن کي سٽي ڪُٽي انهن مان رسو وٽڻ وينو. هن جي ڍڳيءَ جو رسو بنهين ڇڄي ويو هو. سو گهر ٻاهران ويٺي اهو ڪم ڪياٿين. اتان جيڪو ٽي لنگهيو، تنهن ٽي پڇيس تہ فقير، ڪهڙي ڪرتا وينو ڪرين؟ چياٿين ڍڳيءَ ڪاڻ رسو پيو وٽيان. جڏهن هرهڪ کي جواب ڏيندي، ڪڪ ٿيو تہ وٺي ڪوڪريا ڪرڻ لڳو. چي، ڳوٺ جا ماڻهو جلد اچي مڙو، نہ تہ ڇاڻ تہ قيامت آئي. ماڻهو ڊوڙندا آيا. فقير ڇاهي؟ ڪهڙو هُل هنگامو مچايو اٿئي؟ چيئين آءٌ اوهان هڙني کان تو پڇان تہ هينئر ڏينهن آهي يا رات؟ سيني چيو تہ ڏينهن آهي. پوءِ چياٿين ڏينهن ۾ انڌيرو يا اونداهي تہ ڪانهي؟ مڙني چيو نہ. تڏهن چياٿين تہ جيڪو لنگهي ٿو سو ٿو پڇي تہ وتايا ڇا وينو ڪرين؟ جڏهن ڏسن بہ ٿا تہ رسو وينو وٽيان. مهرباني ڪري هن کان پوءِ ڪو بہ مون کان پڇڻ جي تڪليف نہ ڪري.

## 98. انهن تي راضي هجي ها تہ ڳائو مال پيدا ئي نہ ڪري ها!

هڪڙيءَ ڪچهريءَ ۾ وتايو وينو هو تہ قصو نڪتو تہ الله سائين مسلمانن سان سختيون تو ڪري، پر هندن متان راضي آهي. ڏسو تہ اُنهن کي مال دولت سان آڏي ڇڏيو اٿس. سندن سنا گهر، سهٽيون زالون، ججهو وياءُ، نہ تنگي، نہ ڏک. فقير چيو، ائين ڪونهي، هو ڳئون ماتا جي پوڄا تا ڪن تہ جي متن اهڙو راضي هجي ها تہ ماڳهين ڳائو مال نہ خلقي ها. هو سندس نالي ونڻ بجاءِ. نڪر جا ناڪر تہ پتر جا پڳوان ناهيو پيا پوڄين. هنن جو پَرلئي يا قيامت ۾ وِيساهہ ڪونهي. جوڻ ۾ آواگون تي پروسو ڪندڙ آهن. جيڪي آخرت کي نتا مڃين، تن کي هتي ئي بدلو ڏئي ڇڏيو اٿس.

## 99. ڪنهن بہ ڪونہ چيو......

هڪڙي گهمري، وتايي جي ماءُ سخت بيمار ٿي پئي. کائڻ پيئڻ ڇڏي ڏنائين. وتايي کي پڪ ٿي تہ امان مري ويندي. سو ان جي سيرانديءَ کان ويهي پار ڪڍي روئڻ لڳو. وتايي جي جيجل توکان سواءِ هن دنيا ۾ پورڙي ڇريي جو ڪوبہ مائٽ ڪونهي! وتايي کي اڪيلو ڇڏي نہ وڃجانءِ! مون کي پاڻ سان گڏ ونيو هل. هن جي آلاپن تي پاڙي جون ڪيتريون ئي زالون اچي ڪَـٺيون ٿيون. انهن مان هڪ ڪُراڙيءَ وتايي جي مٿي تي هٿ رکي چيو تہ ٻچڙا، هلڻو هر ڪنهن کي آهي. ماءُ مٿان ڪروڌ نہ ڪر. ڪُتيءَ جو نہ ڪو ويچ نہ ڪو طبيب. اسين هيتريون ساريون تنهنجون مائرون وينيون آهيون. پيون تنهنجي سار لهنديون سين. وتايي چيو تہ آءٌ انهن ڳشن تي ڪيئن اعتبار ڪريان؟ جڏهن منهنجي زال مُئي تہ ڪنهن بہ ڪونہ چيو تہ ڳڻتي نہ ڪر، ايري سيري، رَنڙ سَنڙ مڙيئي هڪڙي زال تنهنجي مٿي ۾ هٽي ڇڏينداسين. اها امڙ هئي، جنهن چيو تہ پٽ روءُ نہ. آءٌ تنهنجي ٻي شادي ڪرائيندس. پنهنجي سڪيلڏي جي جهولي پرائيندس. سو امان جهڙا وچن ۽ دلداريون ٻيو ڪير تو ڏئي سگهي؟ انهيءَ گفتگوءَ تي ماڻس اکيون پٽيون، فقير خوش ٿيو.

## 100. آءٌ ڪو حضرت ايوب ڪونہ آهيان!

وتايو ڪنهن ڪجين جي باغ وٽان اچي لنگهيو. دل سُرڪيس تہ اچ ڪارڪون ڪائي ڊِءُ ڪجي. ڳولا ڪيائين باغائي نظر ڪونہ آيس. جنهن ڪان ڪارڪون گهري يا موڪل وٺي ڪائي. پوءِ ماشاءَ الله ڪري هڪڙي وڻ تي چڙهي ويو. اجا ڪارڪن تائين پهتو بہ ڪين تہ پير ترڪي ويس، اچي هيٺ ڦهڪو ڪيائين. ڪرڻ سان هڪڙو ڪجيءَ جو سُوئو پير ۾ گهڙي ويس. جو اتي ڪيترا سوئا پڪڙيا پيا هئا. درد ڪان وٺي دانهون ڪرڻ لڳو. چي، گهوڙا ڙي مران ٿو! ڪو آهي، جو منهنجي واهر ڪري؟ سُور جي سُوٽ ڪان ٻئي هٿ پير ۾ هٽس ۽ پير مٿي اُيو ڪري پئي چيائين، ”الله سائين آءٌ حضرت ايوب ڪونہ آهيان، جو تنهنجي پرڪ ۾ پاس ٿيندس. ويگاڻو وتايو آهيان. مون کي هن مصيبت ۾ مبتلا نہ ڪر.“ هن جي دلسوز دانهن تي باغائي بہ اچي نڪتو.

سُوئو چڪي پير مان ڪڍيائينس. پوءِ وتايي پاڻهي وراڻيو چڱو ٿيو جو مفت جو مال نہ ڪاڏو هئم نہ تہ الائجي ڪهڙي حالت ٿئي ها!؟

## 101. ائين ڦِرندي وئي، جهڙي پـَٽ ۾ ڏوئي!

چون ٿا تہ وتايو ننڍو نينگر هو ۽ پنهنجي مدرسي جي ٻاهران ويچارن ۾ وينو هو تہ هڪ ايراني سپاهي گهوڙيءَ تي سوار ٿي اتي اچي لٿو. هن ڪان پڇيائين تہ مدرسي ۾ ايران ملڪ جو هڪ عالم پڙهائي ٿو، سو اندر آهي؟ وتايي چيو تہ وينو آهي. سپاهيءَ چيو تہ جيسين آءٌ ان سان ملي اچان، تيسين هن گهوڙيءَ کي پاڻي پياري اچ. وتايي کي اها ڳالهہ ٻولهہ وٺي تہ ڪانہ، پر اتي گهوڙيءَ جو لغام ورتائين. سپاهي ترار ۽ ڍال پاڻ سان کڻي اندر ويو. هو گهوڙيءَ کي هڪڙي اُيڪپريءَ تان پاڻي ۾ لاهڻ لاءِ اچي بيٺو ۽ لغام وات مان ڪڍي، پاڻي پيئڻ ڪاڻ پنيان تلهڙ هنيائينس. گهوڙي ٻـُل ڏيئي وڃي پاڻيءَ ۾ پئي ۽ گهوتا کائڻ لڳي. اهو چرخو ڏسي وتايو سپاهي ڏانهن ڊوڙندو آيو، چيائينس تہ گهوڙي ويئي، گهوڙي ويئي! سپاهي هن کي هٿين خالي ڏسي پنهنجي ٻوليءَ ۾ پڇيو تہ "چميگوئي؟" هن چيو ائين ڦرندي ويئي جيئن پـَٽ ۾ ڏوئي. سپاهيءَ وري چيس تہ "براءِ اسپ چہ ڪردئي"؟ وتايي چيو تہ ججها ماڻهو ميڙيندين تہ چونہ نڪرندءِ. سپاهي اتيو هن جي سنڌي ٻولي نہ سمجهي، درياءَ تي آيو ۽ ڪجهہ بہ نہ ڏسي وتايي ڏي منهن ڪري پڇيائين، "اسپ من ڪُجا." وتايي سمجهيو تہ پڇي ٿو تہ ڪهڙي هنڌ ٻڏي. سو ڪانئس تلوار وٺي انهيءَ هنڌ پاڻيءَ ۾ اُڇلي چيائين، او... اُجها، يعني هـُتي ٻڏي اتئي.

## 102. فقير ڊال ڪائي ڊنگ ڪري تہ ڪـَٺو منهنجي ٻوٽ تي همائج!

هڪڙي عورت، جنهن جو وتايي فقير ۾ سچو صدق هو، فقير جي عزت احترام ٻنهہ گهڻو ڪندي هئي، روز وٽس اچي دعائون، دفعائون ۽ ڏاڳا ڦيٿا ڪرائي ويندي هئي. هڪڙي ڏينهن فقير وٽ آئي تہ هن وٽ ٻيو ماڻهو بہ وينو هو. هن پئي چيس تہ وتايا، تون الائجي ڪيڏي مهل تو ماني کائين، مون کي هينئر سان ئي اچي بـُک تپايو آهي. وتايي چيس تہ ڳر نہ، الله روزي آسمان تان

ٻہ موڪلي ڏيندو. اهي حرف ٻڌي هن آيل عورت کي دل ۾ آيو تہ سدائين پئي فقير کان سڳا وٺايان. اڄ هن وٽ مهمان بہ آهي، چونہ کٽي آءُ دعوت جهليانس! پوءِ فقير کي چيائين توهين پئي اٿو، منهنجي گهر هلي خدا ڪارڻ پير ٻہ گهمايو ۽ دعوت بہ کائو. فقير جو سنگتيءَ جيڪو مشهور پوڳائي پڻ هو، کي چيو ڏنئي، مون وٽ رُکي سُڪي ماني ملئي ها، هاڻ الله يا ڳ واريو اٿئي. هن مائي جو مون سان ججهو قرب آهي. دل جان سان دعوت ڪئي اٿس، هل تہ هلون، پوءِ مائي پٺيان پٺيان هنن کي وڻ هيٺان ويهاريو. پاڻ گهر ۾ وڃي سانجهڻ ڪرڻ لڳي. مانيون پچائي دال رڌي ٻاهر نڪتي تہ وتايي جي سنگتيءَ بک کان ٽيهلاڙا پئي ڏنا ۽ در کي ويجهڙو هو. مائيءَ هن کان پڇيو تہ ابا، فقير وتايي کاڻ دال رڌي اٿم، اُهو تہ کائيندو دال، پر تون ڇا کائيندين؟ هن چيو تہ فقير کي سچيءَ سڪ مان دال رڌي تي ڪارائين يا ڇرڇو تي ڪرين؟ چيائين اهو منهنجو مرشد آهي. منهنجو مٿانس ساهہ بہ قربان آهي. تون پنهنجي ڳالهہ ڪر. هن چيو جنهن جي مٿان ساهہ بہ قربان آهي، تنهن کي دال تي ڪارائين تہ پوءِ فقير دال کائي دنگ ڪري تہ اهو ڪُنو. جنهن ۾ دال رڌي اٿئي، منهنجي بوٽ مٿان گهمائي ڇڏج مون کي بہ ڊوڙ تي ويندو.

## 103. ڪو مال کائيندين يا خُورما؟

وتايي جو هڪڙو معتقد ماڻهو ڪيس دعوت ڏيئي، پنهنجي ڳوٺ وٺي ويو. هن کي خيال آيو تہ فقير سادي سودي ماني تہ ائين پيو کائي، اڄ پانئيان تہ ڪيرڪون يعني: ڪير ڪارڪون جن کي خُورما بہ چئون، رڌائي کٽي ڪارايانس. اهڙو طعام کائي خوش ٿيندو ۽ دل سان دعائون ڪندو. سو ماني ناهڻ کان اڳ فقير کان پڇيائين تہ درويش ڪو مال کائيندؤ يا خورما؟ فقير ٽبيءَ ۾ پئجي ويو. جو خُورما نالو اڳ ٻڌل ڪونہ هوس، سو امالڪ چيائين خورما. هن زال کي چيو تہ اڄ فقير پاڻ وٽ مهمان آهي، سو هن لاءِ خورما تيار ڪر. زال مڙس کي حاضر چيو. دل ۾ چيائين ڪير تو اهڙيون تڪليفون ڪري. هن درويش کي کهڙي خُورمن جي خبر. پوءِ دال رڌي وٺو پري فقير ڏي مڙس هٿان موڪليائين. فقير ڏِڪ لاٿو تہ دال رڌل ڏنائين. ان کي ڏسي چوڻ لڳو حيف هجئي! اسان وٽ ڪونجين "ڏاري دال" هتي وري خورما تي، اڃي اڳ ورتو اٿئي. دال ڏسي ميزبان بہ شرمندو ٿيو.

## 104. مردن جي تہ لُچائي آهي!

هڪڙيءَ مجلس ۾ هڪڙو وڏو جيد عالم مقرر واعظ ڪري رهيو هو. جنهن ۾ پردي بابت ماڻهن کي پئي چيائين: پردو بيحيائيءَ کي روڪي ٿو. مسلمان کي پردو اوس ڪرڻ جڳائي، جتي پردو ناهي، اتي خير ناهي. پردو، ادب احترام وڏائي ٿو، سچو موتي بہ سِپ ۾ گويا پردي ۾ آهي، جنهن جي ججهي قيمت ڪٿبي آهي. خاص طرح عورتن جو زيور پردو ئي آهي. اتي وتايو بہ ويٺو هو. ڪنهن پڇيس تہ وتايا پائين ٿو تہ پردو مردن کي ڪرڻ کپي يا زالن کي؟ وتايي چيو تہ سڀ لچائي مردن جي آهي زالن جو ذرو بہ ڏوهہ ڪونهي.

جيڪي ڏاڙهي رکائي بہ، ديدون اڙائن ٿا،
ڏاڙهي پٽائي پنهنجي، خلق خون ڪرائن ٿا.

## 105. غريب چڱو يا شاهوڪار؟

وتايي کان پڇيائون تہ دنيا ۾ غريب ٿي رهڻ چڱو يا شاهوڪار؟ چيائين:

شاهوڪاري آهي وڏي جوابداري،
چورن چڪارن سان غير واسطيداري،
دشمن، بدمعاش ۽ لچن جي پاڻ ۾ طرفداري،
دولت بچائڻ جي رات ڏينهن انتظاري،
آسودگي اها آهي جنهن ۾ پاڻ بہ کائي،
غريبن کي بہ کارائي چوڙائي ڍَڪائي،
شاهوڪار تي جنهن غريب تي نظر نہ ڊوڙائي،
اهڙي بخيل تي هميشہ لعنت خدائي،
غريب انهيءَ ڪري آهي آزاد ۽ زور
جو هن وٽ ڍڳو نڪو ڍور.
هن جو آڱوٺو وڍيندو چور.

## 106. اهڙيءَ حلال شيءِ کان نفرت بڇاءِ!

وتايي کان پڇيائون تہ اهڙي حلال شيءِ سُجهئي، جنهن جي کائڻ سان دل

ڪي نفرت اچي؟ فقير چيو اهو مسئلو عالمن کان پڇو. جيڪي انهيءَ ڪم لاءِ مقرر ڪيل آهن. ماڻهن چيو، عالم دليل سان نٿا سمجهائي سگهن، رڳو ڏکيون ڳالهيون ٿا ڪن. تہ پوءِ ڪٺڪ جي اٽي مان سوئر جو بوتو بنايو. باهہ تي پچائي ڪنهن مسلمان کي کائڻ لاءِ ڏيو. ڏسو ڇا ٿو ڪري؟ هنن چيو تو ٺي صحيح دليل ڏئي سمجهايو آهي. اٽو برابر پاڪ حلال آهي. پر منجهانس جيڪو بُت گهڙيو ويو ۽ جنهن جانور جو اهو پُتلو آهي، تنهن جي صرف نالي ونڻ سان ئي مسلمان وَنئون وجن ٿا. تہ ڀلا اهو اٽي جو سُوئر کائڻ ڪيئن پسند ڪندا! ائين جي اٽي مان ڳئون ناهي، ڪنهن هندوءَ کي کائڻ لاءِ ڏبي تہ اهو بہ ڪونہ کائيندو.

## 107. چورن کي پئسا بہ آءُ پهچايان!

هڪڙي ڏينهن ڪنهن شاهوڪار زميندار کي سندس نوڪر وتايي فقير جي ڪرامتن ۽ ڪرشمن جون ڳالهيون ٻڌائي فقير جو معتقد بنايو. هن چيو تہ جيئرو جاڳندو اولياءَ الله جو آهي، صبر شڪر جو پُتلو آهي. ظاهر مجذوب ۽ درويش آهي، باطن ۾ رُتل واصل بالله آهي. شاهوڪار اها ساراهہ ٻڌي دل ۾ رکي. جڏهن رجب جو مهينو آيو تہ هڪ سؤ اشرفيون ڳوٿريءَ ۾ وجهي، گهوڙي تي چڙهي وتايي جون ڀچائون ڪندو. هڪ هنڌ فقير سان اچي ڀيڙو ٿيو. هن کي اشرفين جي ڳوٿري ڏئي، چيائين هي زڪوات جو مال آهي، تو جهڙو ٻيو ڪو حقدار ڪونهي، جو مون تان بار لاهي، ڳوٿري سوگهي ڪر. زميندار ڳوٿري ڏيئي ويندو رهيو. وتايو رتن ٽڪن جي ڳوٿري وٺي اچي ڀورن ۾ پيو، چي، هيترا ٽڪا ڪيڏانهن ڪندس! ڳوٺ ڪٺي وجي پڪو گهر نهرايان جنهن ۾ امان جُهڙي ڦُڙيءَ کان بچيل رهندي. ڪو ٻڪرين يا ڳئُن جو ڏڻ ڌاريان. ماهيڙ ٿيان، کير ڏڌ پيو وڪڻان. آيو ويو مون وٽان ماني کايو پيو ويندو. نہ نہ، ملڪيت مون جهڙي کان وڌيڪ غريبن کي ورهائي ڏيان تہ جيئن پنهنجيون نياڻيون اتارين. مسافر خانو نهرايان يا مسجد! جتي ماڻهو آرام وٺن ۽ عبادت ڪن. اهي خيال پچائيندي ويني ئي ويني ننڊ اچي ويس. گينين جي ڳوٿري هٿن مان ڊرڪي وڃي جهول ۾ پيس. اتان ڪي چور واٽ وٺيو پئي ويا. وڻ هينيان

فقير کي ستل ڏٺائون. نزديڪ آيا تہ سندس سيني تي هٿ پيل ڏسي، ڪنيائون جا اشرفين سان ڀريل هئي. ڏاڍا خوش ٿيا. وتايو بہ سجاڳ ٿيو. ڳوٿري چورن جي هٿ ۾ ڏٺائين. انهن کي منٿ ڪيائين تہ ڀيلي اها ڳوٿري مون غريب کي خدا ڪارڻ زڪوات ۾ ملي آهي. مون کي موٽائي ڏيو. چورن چيو تہ تون غريب ۽ هيتريون اشرفيون رکيو ويٺو آهين؟ توکي ڪير غريب چوندو. رڳو ڍونگ ڪيو اٿئي؟ ائين چئي هليا ويا. وتايي چيو تہ ايترا پئسا ڏيارئي جو منهنجي خرچڻ ۽ سمجهڻ کان گهٽا هئا. مون سمجهيو هو تہ تو مون تي وڏو وڙ ڪيو آهي، پر ائين ڪونہ هو. پئسا انهن چورن کي ئي ڏيارڻا هوئي. مون کي وچ ڪُتو بنائي، منهنجي هٿان ڏياري ڇڏيئي. هاڻ هنن کي ڪنهن جو بہ ڪو ڊپ ڪونہ رهندو. باقي وتايو هميشہ وانگر سَتون ڏيندو وتندو.

## 108. مون کي پنهنجي شادي ياد پئي!

هڪڙي هنڌ شاديءَ جي دعوت وتايي فقير کي مليل هئي. فقير اتي پهتو. هٿ ذوئاري ماني اڳيان رکيائونس تہ کائڻ جي ڪين ڪيائين. ماڻهن پڇيس تہ جي اهو ڪاڏو نتو وٽيو تہ جيڪو ٻيو طلبيو سو آڻيون؟ فقير ورندي نہ ڏني ۽ اڃي روئڻ ۾ ڇـُـتڪيو. فقير کي حالن حوالن کان ويندو ڏسي، ويتر ماڻهو پريشان ٿيڻ لڳا. ڪانئس پڇيائون، سائين ڇو روڄ راڙي ۾ پئجي ويا آهيو؟ چيائين هن وقت شاديءَ وارن کي خوش ٿيڻ کپي. ڪو وقت هو جو منهنجي بہ شادي ٿي هئي تہ ڏاڍو خوش ٿيو هوس. پر اها خوشي نيَبهہ نہ ٿي. ان تان روئڻ نٿو بيهيم تہ من ڪا وري اهڙي خوشي ڏسان پر نڪي هٿ ۾ اٿم، نڪي هنج ۾ ۽ نڪي ماڻهن ۾ شمار ڪيو ٿو وڃان. الا الا!

سيني ماڻهن فقير کي پرچايو ۽ سرچايو، تہ جي نصيب ۾ خوشي لکيل هوندءِ تہ بلاشڪ ماڻيندين. لکيو لوها ڪوٽ ڀڃي! پوءِ فقير ڳوڙها اُگهي ماني کاڌي.

## 109. هاڻ توهان جي هدايت تي هلندس!

وتايي ماءُ کي چيو تہ سانجهيءَ پندرهين تاريخ شعبان جي ڀلاري عيد رات آهي. چون ٿا تہ انهيءَ رات ماڻهن جا نصيب مقرر ٿيندا آهن، جي سچو

سال هلندا آهن. ماڻهو چڱا موچارا طعام رڌي هن رات جو مسيتن ۾ ڏيندا آهن. آءُ به اتي وجي تو کائي ڇـڙهه ڪريان. فقير بانگ اچڻ کان ٿورو اڳ مسيت جي آڳنڊ ۾ اچي وينو. ڏسي پيو ته ماڻهو ڍڪيل ٿاڪون ملان جي هٿ ۾ پيا ڏيـن. ملان اندر مسجد ۾ گهڙيو خالي ٿانءَ موٽائي ڪنيو پيو اچي. وتايي سمجهيو ته آءُ هرو پرو ٻاهر پيو اُسڙڪان، شايد گهڻا جماعتي اندر آهن، جن کي مُلان سيون ۽ سيرا پيو کارائي. نيٺ رهيو نـه ٿيس. اندر جهاتي پائي ڏٺائين ته ملان حلوو سيرو هڪڙي ڪُنڊ ۾ رکيل ڪوئنرَ ۾ گڏ پيو ڪري. هن آسرو لاٿو ته انهيءَ مان ڦڪ به ڪونه ملندو، ملان وڏو بدنيت آهي، پوءِ ڇُـپڙي ڪري ويهي تماشو ڏسڻ لڳو. بانگ آئي ته ماڻهن جا ڳاهٽ، مسيت ۾ جمع ٿيندا رهيا. نماز پڙهي پوري ڪيائون ته ملان هرهڪ کي ڊڳڙ متان سيري جو ذرڙو رکندو ڏيندو ويو. وتايي کي به ڏنائين. جنهن چيس ته اهو تنهنجو حق آهي، مسيت جو خدمتگار آهين. پلي گهر ڪٺي وجي ٻچن کي کاراءِ. ملان کي اها چاٽڪ ڏکي لڳي، سو اندران سَين جو تالهه پري ڪٺي آيو. چي، فقير هيءُ مال ڪاءُ خالي پيٽ، سـڳوري رات ائيـن نـه وڃ. فقيـر چيـو تـه ايتـرو مـال آءُ ڪيڏانهن ڪندس؟ جيڪي غريب مسجد ۾ آيا، تن کـي تـو کـارائي ڊؤ نـه ڪرايو، انهن کي رڳو نظر ڏنياٽي گرنهه گرنهه ڏنئي ۽ سمورو مال اندر ڇپر ڪري ڇڏيو اٿئي؟ هاڻ پانئين ٿو ته هن فقير کي سَيُن جي تالهي کارائي، اهو پريل ڪونرَ ڪٺارائي گهر وڃان. پاڻ کي اهڙي سٽيي گرانهه جي سَـڌ ڪانهي. مُلي چيو ته فقير، تون منهنجي نيت به سهي ڪري ويو آهين! تو ۾ ته ڪا وڏي مٽيا آهي. هاڻ مال مليدن تان مون هٿ ڪنيو. مون کي ڪا سهڻي صلاح ٻڌاءِ. فقير چيو، تون پاڻ آسودو ماڻهو آهين. تنهنجي گهر ۾ ايترا پاتي بـه ڪيـن آهن. جو رات وچ ۾ اهو طعام کائي پورا ڪندا. ضرور صبح جو ٻاهر ڦٽو ڪندين، جي ڏين ها جماعتين کي ته کائي خـوش ٿيـن ها. تـون ايتـرو رکيـن ها، جيتـرا تنهنجا کائڻ وارا آهن، وڌيڪ حق مسافرن جو آهي. ورهاست بـه ائيـن ڪندو ڪر. اول مسافر، پوءِ جماعتي ۽ آخر ۾ تون پاڻ ۽ تنهنجي گهر وارا. مُـلي چيـو تـه آئيندي آءُ ائين ئي ڪندس، پر درويش مون کي ڪٿي به بدنام نـه ڪج.

## 110. دنيا جا طالب ڪدڙا آهن!

هڪڙي ڪچهريءَ ۾ ٻنهه ڄڄها ماڻهو وتايي کي ڦري آيا. چوڻ لڳس فقير، تون الله سائين کان دعا گهر تہ توکي تونگر ڪري. ڏسون تہ تنهنجي دعا اگهامي ٿي؟ چيائين:

ڪيـر ڏينـدو نـَـرَ منجهــان مــادي،
گُهري ونان ۾ پاڻ سان ڪرايـان تعدي!

چيائونس سو ڪيئن؟ ورنـدي ڏنـائين دنيا جون طالب عورتون آهـن، عقبيٰ جا طالب ڪدڙا آهن، مولا جي ديدار جا طالب مرد آهن. اسان کي تـہ مولا جي ديدار جي طلب آهي، نہ زالن وانگر زر زريورن جي، نڪي ڪدڙن ۾ سڏڙين وانگر حورن جي

اسان کـي الـف جـي اوڙ آهـي ڪـافي،
بيــوس وســيلن ڪــان آ ملــي معــافي!

## 111. اوهان کي مرڻو ڪونهي ڇا؟

ڳالهہ ٿا ڪن تہ وتايي فقير جي ماءُ تمام سخت بيمار ٿي پئي. پاڙيوارن هن کي چيو تہ ڪنهن ڏاهي ويج کان علاج ڪرائينس. جواب ۾ چيائين تہ جي حياتي اٿس تہ مماتي ٿي نٿي سگهي، جي ڏينهن اڄي پورا ٿيا اٿس تہ حيلا حوالا هڙ بيڪار آهن! جي توهان کي مون سان همدردي آهي تہ پلي ڪنهن هاتڪ حڪيم وٽ هلي ڏيکاريوس، باقي منهنجي دل دوائن ڪرائڻ کان ڪٿي ٿي پئي آهي. پاڙيوارا زوريءَ علاج لاءِ مائيءَ کي ڪٺي ويا، پر ڪو افاقو ڪونہ ٿيو. مائي رحلت ڪري ويئي. پاڙيوارن مائيءَ کي ڪفن ڏئي دفن ڪيو. پوءِ ڳوٺ وارا پرڄاڻي ڏيڻ لاءِ آيس. ڪن چيو فقير اُتي ماڻهين جي ڪانڌيي لاءِ سَنو ڪر. جيئن سيئي ڪانڌي هٿ ٻوڙين تہ مائي کي وڏو ثواب ٿيندو. هن چيو تہ حڪم آهي تہ جنهن گهر ۾ قضيو ٿئي، ان گهر جو ٽي ڏينهن ڪاڌو ڪائڻ، پاڻي پيئڻ مڪروهہ آهي. توهان جي چوڻ تي اڄا بہ جمعا، چانداٽا ۽ ٻارها ڪرڻا پوندم، جيڪي مُلن پيٽ پرڻ لاءِ رٿائون رتي ڇڏيون آهن. هڪ امڙ جو غم، ٻيو گهر جو گهاٽو، مون کان سَــنو ڪونہ ٿيندو. جي هن ڏڪئي

وقت ۾ ڪٺي منهنجي مدد ڪيوَ تہ لهي ڪونہ پُڄندوَ. وارا ڇمارا آهن. جڏهن توهان وٽ بہ موت ڪاهي ايندو تہ آءٌ توهان کي ڪک پڇڻ بہ ڪونہ ڏيندس. توهان جي عزيزن کي ثواب پهچائڻ واسطي پاڻ پتوڙيندس. پر جي اوهان ڪُٺل آهيو تہ پوءِ توهان تي ۽ مون تي ميار ڪانهي! رڳو منهنجي ماءُ ڪانہ مئي آهي، جنهن لاءِ خرچ ۾ تا وجهو. اوهان کي مرڻو ڪونهي ڇا؟

## 112. وڏيرو بهشت ۾ ڪيئن ويندو؟

ڳوٺ جو وڏيرو گذاري ويو. سو سڀ ماڻهو اچي ڪانڌي ٿيا. وتايو بہ مقام تائين گڏجي آيو. جنازي نماز بعد، ملان قرآن بخشائڻ لاءِ هڪ عزيز کي ويهاري دعا گهري. وتايي چيو تہ جي بخشائڻي ۾ ملان کي مينهن ڏيندين تہ وڏيرو سڌو بهشت ۾ ويندو. جي گهٽ وڌ ڏيندين تہ تنگيو پيو هوندو. اهو بهشت سنڌ جي رهاڪن لاءِ ملن منٿون ڪري الله کان نهرائي ورتو آهي. عربستان ۾ قرآن بخشائين ڪونہ. چون جهڙا عمل ڪيا هوندائين، اهڙو اَجر ملندس. اسين خدا کي رشوت ڏئي، ڪو بهشت خريد ڪري ڪونہ سگهنداسين، پر هت جا ملان حرام ڪائڻ لاءِ اهڙي هام هڻيو بيٺا آهن. جڏهن سموري سُڌ اٿن تہ پاڻ بہ بهشت ۾ ڪونہ ويندا. جو افعال اهڙا اٿن، سو سندن هٿان وڏيرو وري بهشت ۾ ڪيئن ويندو؟

## 113. پاڻ دال تي بہ خوش آهيون!

رمضان شريف جي آخري جمعي تي، وتايو فقير بہ ڪپڙا ڌوئاري مسجد ۾ نماز پڙهي، سانجهيءَ جو روزي کولڻ لاءِ اچي مسجد ۾ ويهي رهيو. مُلي هن جي اڳيان جوئر جي ماني ۽ دال جي بوڙ جي جمني رکي، بين آسودن ۽ ڪپڙي لٽي ۾ نهيلن مهندان گوشت، مڇي وغيره ڪٽڪ جي قُلڪن سان گڏ رکي. ڪن جي اڳيان ميوات ۽ شربت تہ ڪن کي ڇڙي لسي، افطاريءَ لاءِ ڏنائين. اتي ٻن شخصن جو پاڻ ۾ جهيڙو ٿي پيو. هڪ چيو گهران آندا اٿئي پٽاٽا، هت وري گوشت جو وٽو تو اڳيان رکين. روزي کولڻ لاءِ ڪونہ ٿو اچين، رڳو چشڪا وٺڻ ٿو اچين. هن چيو تہ ان جي معنيٰ تہ تون پلي گوشت کاءُ، ٻيو ڪونہ کائي؟

روزو رکيو اٿئي تہ ڪو مون تي تورو يا احسان ڪونہ ڪيو اٿئي. آءُ بيشڪ گوشت، پلاءُ، قورمو جيڪو سٺيو مال هوندو سو چڪي ڪٽي ڪائيندس. هن چيو اسين مٺا آهيون، جو تون ڪٽي ڪائي ويندين. هن چيو چڱو آءُ ڪٽان ٿو، ڏسان تہ تون ڇا ٿو ڪرين؟ پوءِ هن پلاءُ جي پاٽ ڏي هٿ وڌايو تہ سندس سامهون واري نڪاءُ نوئنشو ڪرايس. پوءِ تہ جماعتي هڪڙا هڪڙي جي پاسي، ٻيا ٻئي جي پاسي ٿيا. مارا ماري شروع ٿي ويئي. پوڙ ۾ مانيون اتي پئي تڏيون ٿيون. جڏهن نهپر ٿي تہ وتايي ملان کي چيو، چڱو جو مون کي دال ڏنئي اسين دال ۾ ئي خوش آهيون، نہ تہ اڄ مسيت مان نينديون رت جون وهائيند' وجون ها!

## 114. سچو فقير سچو ملا پاڻ ۾ ويري ناهن!

وتايي کان پڇيائون تہ مُلا ۽ فقير جو جهيڙو شروع کان هلندو اچي، ان جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ فقير چيو تہ سچو فقير ۽ سچو ملان پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا ويري هرگز نہ هوندا آهن. باقي جيڪي پاڻ ۾ وڙهن ٿا، سي گمراهہ آهن. حرام جي هڏي جي هٿ ڪرڻ واسطي دست درازي ڪن ٿا.

هـڏي تـي هـوڏ، ڪـُـتن آهـي مـَـچائي،
اهـا ڪنـي ڪـوڏ، ڪيترائـي ڪـري ويـا!

## 115. تنهنجي پيءُ جي صدقي ڪپڙا لڌا!

هڪڙي ماڻهوءَ پوڳ ڪرائيندي، وتايي کي چيو تہ ڪپڙا تہ ائين زماني جي بزرگن وارا پاتا اٿئي؟ وتايي چيو تہ منهنجي ڏاڏي مرڻ مهل وصيت ڪئي هئي تہ سندس اوڊيل ڪپڙا، ڪنهن صندوق ۾ وجهي منهنجيءَ قبر جي پرسان دفن ڪري ڇڏجو، سو ڪيترائي ورهيہ اهي ڪپڙا مقام ۾ پوريا پيا هئا. بابي مون کي اها ڳالهہ ٻڌائي هئي، پر صندوق واري جاءِ ڪانہ ڏيکاري هئي. پر سال پٺهين گذريو تہ ان جي قبر کوٽڻ لاءِ قابرن پئي زمين ڳولي. صندوق واري جاءِ تي اڃو پَٽ ڏسي ڪڏ ڪوٽيائون. جيئن کڙڪو ٿيو، ڪڏ ڪنيائون تہ صندوق پڌري ٿي پئي. آءُ جو اتي بيٺو هوس، تہ بابي واري ٻڌايل ڳالهہ دل تي تري آيم. هنن کي چيم تہ اها صندوق منهنجي ڏاڏي مون ڪاڻ اتي پورائي ڇڏي

هئي. اها مون کي ڏيو. هن ۾ ڪابہ دولت يا مال ملڪيت ڪانهي، رڳو پراڻا ڪپڙا آهن، پوءِ انهن پيتي کولي ڏني تہ برابر منجهس پراڻا ڪپڙا پيا هئا. اهي ڏسي ڪٽي منهنجي حوالي ڪيائون. ڪي ڏينهن تہ سانديي رڪيومان، پر هينئر گهرج پيم تہ ڪٽي ڍڪيا اٿم. آءٌ انهيءَ ڪري پٺهين جو شڪر گذار آهيان، جنهن جي موت ڪري اسان کي امانت ملي آهي. چرچو ڪندڙ ڪنڌ ڪٽي مُونن ۾ هنيو.

## 116. لامن ۾ لڙڪڻ چڏي، تُڙ کي ونيو وينا آهيون!

ڪنهن هندوءَ وتايي سان رهاڻ ويني ڪئي. رهاڻ ڪندي، ڪانئس سوال پڇيائين تہ پائي وَتُو، توهان کهڙي اهنج کان هندو ڌرم ڇڏي مسلمانن جو مذهب اختيار ڪيو؟ وتايي چيو تہ مسلمانن جو رڳو هڪ خدا آهي. هو ان کي مڃيندا آهن. سندن خيال ۾ خدا واحد، لا شريڪ آهي. هن کي نہ ڪنهن ڄڻيو آهي نہ هن جو ڪو ڄاول آهي. هن سان ڪنهن جي بہ بروبري ڪانهي، هو پنهنجي ذات ۾ يگانو ۽ نيارو آهي. اهڙيون تعريفون ٻڌي اسان جي دل هڪ ڏٺيءَ ڏانهن موڙ ڪاڏي. هڪ لک چوراسي هزار جُوڻيون ونڻ، پيرر ۾ پرميشور ۽ پتر جو نهيل پڳوان پوڄڻ ڇڏي ڏنوسين. لامن ۾ لڙڪڻ چڏي، تُڙ کي ونيو وينا آهيون. اهو پنهنجو ڪرم ڪري، اُڪاري پار ڪندو!

## 117. امامن ڪاڻ دلي ڏک ڪجي!

وتايي کي ڪنهن چيو تہ فقير، سڀاڻي محرم مهيني جي ڏهين تاريخ آهي. ماٺهو روئندا، پٽيندا، تعزيہ ڪيندا، ڪي نذر نياز ڪندا، امامن جي نالي تي سبيلون ۽ شربت پيارينڊا. فقير چيو امامن جو ڏک ڪرڻ برحق آهي. جي قرآن شريف پڙهي ختمو ڏجي، نفل پڙهجن، ڪربلا جي ڪيس تي افسوس ڪري، گونگا ڳوڙها ڳاڙجن تہ ثواب آهي. امامن سان ڪربلا ۾ جيڪو قهر تي چڪو هو. ڏيکاءُ لاءِ ڪارا ڪپڙا ڍڪڻ، سَٽڻ ڪُٽڻ، بهانو بنائي سُنا ۽ لذيذ طعام، سندن نالي تي کائڻ ۽ کارائڻ کان ڇگو آهي تہ امامن ڪاڻ دلي ڏک ڪجي.

## 118. وتايا! شادي ڇو نہ ٿو ڪرين؟

وتايي کي هڪڙي ڏينهن بہ ٽي ڄڻا ڦري آيا. چون، وتايا. شادي ڇو نہ ٿو ڪرين؟ اجا سُوٽ بدن آهين.

ڇيائين زباني همدردي توهان جهڙا ماڻهو گهڻائي ڪندا آهن. پر جي ڪانئن سگ گهربو تہ سُور وني ويندُن. مکڻ پونَدي پلا ڪنهن جو متو ڏڪندو؟ جي توهان کي مون سان سچي همدردي ۽ حب آهي، تہ اُتي ووڙ وجهو. ڳوليو ڦوليو. پوءِ جي آءٌ انڪار ڪريان تہ جيڪي وٺيوَ سو ڪجو! ميان. مک هميشہ سٺيي شيءِ تي ويهندي آهي. چوندا آهن "شاهوڪار جا سالا گهڻا. غريب جو پيٽويو ٿيڻ بہ ڪو قبول ڪونہ ڪري." ڪير ٿو ڪُتل وتايي کي پنهنجو ناني بڻائي.....؟

## 119. گهوڙي جي ڏُک جا پئسا ڏي!

هڪڙي ماڻهوءَ وتايي فقير کي منٿ ڪئي تہ فلاڻي ماڻهوءَ وٽ تمام پلو ۽ سنو گهوڙو آهي. آءٌ پنهنجي گهوڙيءَ کي ان گهوڙي سان ميڙائڻ گهران ٿو. پر هو گهوڙي ڏيڻ جي نٿو ڪري. تنهنجو معتقد آهي. مون تي پلاٽي ڪر هن کان گهوڙو آڻي ڏينم. وتايو هن وٽ ويو. هن پنهنجي ماڻهوءَ هٿ گهوڙو موڪلي ڏنو. جنهن گهوڙيءَ کي سائو ڪيو، پوءِ وچ واري گهوڙي آڻيندڙ پنهنجي لالچ ڪري، گهوڙيءَ جي مالک کي چيو تہ گهوڙي کي مالک گيهہ جي ڏُک ڏيندو، تنهن ڪري ڏُک جا پئسا ڏيو. هن کي اها خبر ڪانہ هئي تہ گهوڙي جي مالک وتايي جي نالي تي مفت گهوڙو ڏياريو آهي. سو پئسن لاءِ تڙ پيڙ ڪرڻ لڳو. گهوڙيءَ واري چيو تہ بابا. مون کي گهوڙو وتايي فقير ونرائي ڏنو آهي. اهو سامهون بينو اٿئي، ڏُک جا پئسا فقير کان وٺ. وتايي چيو مون هُن کان ڪيترا پيرا گهوڙو ميڙائڻ لاءِ پئي ورتو آهي. هن ڪڏهن بہ مون کان ڏُک جي گهر نہ ڪئي آهي. اڄ تون ئي اهو نئون اصول ڪڍي رهيو آهين. تہ تون گهران پيري ڏي. هيءُ خدائي جوڙ آهي، نر ۽ مادي ملي ڦر پيدا ٿا ڪن. انهيءَ لاءِ رب سائين پئسن ڏيڻ جو حڪم ڪونہ ڪيو آهي. جي پئسن ڏيڻ وٺڻ سان اهو ڪم جاري رهيو تہ ناظرو سپ وِهٽ نظري ماري ڇڏيندا.

## 120. ڪي جوانڻ جمانڻ جاچ!

هڪ دفعي، وتايو ڪنهن ڪاچيتي جي چَني وٽان اچي مَٽيو. ڏسي تہ ماڻهن جا ميڙا لڳا پيا آهن. وتايو وڏي ميڙ ۾ اندر آيو، ڏسي تہ هڪڙي طوائف پئي ڳائي ۽ نچي. اکين جا اشارا ۽ جسم جا غمزا پئي ڏيکاري. وتايي ڪي نئون آيل ماڻهو ڏسي، انهيءَ ڏانهن جهڪڻ لڳي. وتايي چيس تہ مان ڪُتل ماڻهو آهيان. مون مان ڪجهہ نہ ورندءِ. اهي شهپرن وارا ۽ ڳاڙهن ڳلن وارا جوان گهڻا بيٺا آهن، انهن کي پنهنجون ادائون ڏيکار تہ اهي مائل تي پوندا. پوءِ اهڙن دل ڦَٽينڪ جوانن مان تنهنجا سب سڪارج تي ويندا. پوءِ ڳائڻي هڙن جا ڳِل پٽيندي، ڪوئنس ڪندي رهي. تان جو ربين سان جهولي پرجي ويس. وتايي چيو تڏهن تہ چيو مانءِ تہ ڪي جوان جمانڻ جاچ.

## 121. پاڙي وارن جو بہ ڌيان رکبو آهي!

هڪ عورت، جنهن جو گهر وتايي جي گهر سان لڳ هو. سا پئي ڏسندي هئي تہ ماڻهو وتايي لاءِ منايون، ميوات ۽ طرحين طرحين جا طعام ڪٽي سڏ ڪري اچي ڏيندا هئا. وتايو وري ننڍڙن ٻارن کي سڏي، سمورو ڪاڏو ۽ شيون انهن کي ورهائي ڏيندو هو. ٻار ميڙاڪو ڪيو، سندس پويان پيا هلندا هئا. اها عورت ٻارن ۾ شيون ورهائجندي ڏسي، چَپَ بيني چٽيندي هئي. ارادو هوس تہ ڪيس بہ فقير ڪجهہ کائڻ لاءِ ڏي. هڪڙي ڏينهن ڪو ماڻهو ڊاڪون ڊِڪي ڪٽي آيو، جنهن مان سُڳند پئي آئي. هن عورت وتايي سان جهيڙو شروع ڪيو. جيئن طعام آڏيندڙن تي اثر تئي. مائي چوڻ لڳي، فقير تي پِٽبين. چانگ چوڪرن جي پاڻ سان گڏ ڪٽيو گهمندو تو وتين. پراوا ٻار تو ڪارين. سنا سنا مال پاڻ ڪايو ڏندو تيو پيو هلين. ٻاهر ڏيکاءُ اهڙو تو ڪرين جو ماڻهو سمجهن تہ فقير جو نُور سان پيٽ پريو پيو آهي. ان سان ذرو بہ دل نہ اٿس. چوڪرن بجاءِ بين پاڙيوارن کي اهي مال ورهائي ڏيڻ جي نٿو ڪرين؟ انهيءَ لاءِ متان ڦڪڙ نہ ڦاٽي پوي، نہ تہ پاڙيوارن جو ڌيان

رکبو آهي، تـو ۾ اهـا مريـادا ڪـانهي. تنهـن ڪـري پـاڙيوارن ڪـان هميشـہ نفرت تـو رکيـن. پـاڙو تـہ پيغمبرن کي بـہ پيـارو آهـي. آءٌ جـي سـچ تـي چـوان تـہ مرچ تـا لڳنئي. اهڙي بڪـواس سڻي فقيـر منهـن متـي ڪيـو. چيـو تـہ اي مـولا پـاڪ، تـون دانـا بينـا آهيـن، هـن عـورت مـون کـي ڏاڍو تنـگ ڪيـو آهـي. مـون کـي هـن جـي سـُـهمن ۽ طعنـن کـان امـن ۾ رک! فقيـر جـون اهڙيون آزيـون ٻڌي، ٻيـن پـاڙيوارين عورتـن هـن ڇتـي عـورت کـي سمجهـايو تـہ نياڳي ڇوتـي پنهنجـون پـاڙون پـَـٽائين. ڪانـہ مهـل ڪنهـن جهـڙي، فقيـر جـي دعـا اگهـاڻي تـہ ڏسنديـءَ ۽ پسنديـءَ. تنهـن ڪـان پـوءِ، هـن عـورت فقيـر جـي پچر ڇـڏي.

## 122. گگدام رتوچاڻ ٽيندا، توهان واهہ واهہ ڪندا!

هڪڙي وڏيري دل ۾ خيال ڪيو تہ ماڻهو تڏهن درويش ۽ فقيرتن تا ٿيـن، جڏهن دنيا جا مزا ڪونہ تا ڏسن. وتايو بہ فقير تڏهن آهي، جڏهن هن ڪابہ لئي ڪانہ ڏٺي ۽ ورتي آهي. اڄ سوئر تي ڪتن جي ٻچ تو ڪرايان، جي فقير ڏسندو تہ دين جي دشمن کي ڪتن هٿي ڇيري ڦاڙي رکيو آهي، جنهن جي تباهہ ڪرڻ جو مسلمانن کي حڪم آهي، فقير اهو تماشو ڏسندو تہ ڏاڍو خوش ٿيندو. سو ڪمدار موڪلي وتايي کي گهرائي ورتائين. وتايو آيو، ڇا تـو ڏسي تـہ مـاڻهن جا حشام اُيا ٿيا، گهيرو ڪيو بيٺا آهن. وڏيرو ۽ سندس ساٿي ڪتن تي وينا آهن، وچ تي سوئر ٻڌو پيو آهي. پنجن ڇهن ڪتن جون، ڪُتائي رسيون جهليـو بيٺا آهن. ڪتا نرا ڪٽي پوئنڪون بہ پيا ڪن تہ سوئر تي اُلرون بہ پيا ڪن. وڏيري فقير کي عزت ڏئي پاڻ سان گڏ ويهاريو. فقير پڇيو تہ مون کي ڇو گهرايو اَٿو؟ هن چيو تہ ڏٽي تعاليٰ سڀ تماشا پنهنجن بندن جي ڏسڻ لاءِ پيدا ڪيا آهن. توهين رڳو عالمن ۽ درويشن جي صحبت ۾ تا گذاريو. مون اوهان کي گهرايو آهي تہ اڄ هت مرون ۽ ڪتن جي ويڙهہ ۽ سوئر متان ڪتن جي بـَـچ ڏسي توهين خوش ٿيندا. وتايي چيو "مروان موت ملوڪان شڪار" واري چوٽي بيشڪ توهان قائم رکي آهي. ميان صاحب، ساهہ هر ڪنهن کي منو آهي. ويچارا گگدام رتو ڇاڻ ٿيندا، توهين واهہ واهہ ڪندا رهندا. پوءِ الله ۽ رسول

جي يادگيري ڇڏي ڪتن جي ساراهه جا ڏُڪ پرينديا رهندا. خدا نه ڪري جي، ڪو توهان جو پيارو ڪتو چيرجي مري ويو ته ڇڻ توهان جي گهر ۾ قضيو ٿيو. پوءِ نڪي ماني وڻندوَ. نڪي ڳالهه ٻولهه. پوءِ وري خوشامدڙيا ايندا، سي توهان کي دلاسا ۽ دلبريون ڏيندا، پرواهه نه ڪريو، اهڙو ڪتو فلاڻي وٽ بينو آهي، جيتري ۾ ڏيندو، وٺنداسونس. پوءِ سوين هزارين رپيا انهن لوفرن جي ڇوڻ تي ڪڍي ٻاهر ڪندا. هوڏانهن ڏٺيءَ جي نالي تي خيرات يا زڪوات ڏيڻ ڪان ٻرو پيو ٿيندوَ. هنن جو ڏوهه توتي پوندو، جو ڇگن ڪمن بدران ٻڇڙا ڪم تو ڇوندي ڪنيا آهن. يانئين تو ته ان ۾ عزت به ٿيندي ۽ خدا به خوش ٿيندو. پُـليو آهين، مري سيني ڪمن جو قصاص ڏيندين. فقير جي هدايت ٻڌي وڏيري جا طاق لڳي ويا!

## 123. وڏن کي ڏسي ننڍا به ڪرندا آهن.

ڳالهه ٽا ڪن ته شهر ۾ هڪڙو مشهور وياج خور رهندو هو. هڪڙي ڏينهن وتايو فقير هاسيڪار هن وٽ هلي ويو. چيائينس ته تون حاجي تي وياج تو کائين، جو بلڪل حرام آهي. تون سمجهين ٿو ته مون حج ڪيو آهي، هاڻي منهنجا پاپ سڀ ڌوپجي ويا. جيئن وڻندم، تيئن پيو ڪندس. تڏهن وياج پيو کائين ۽ دولت پيو ڪني ڪرين. چون ٿا ته ڪيترائي حاجي حج ڪرڻ بعد ايمان وڃائي ايندا آهن. جيڪو پليءَ راهه ۾ خرچ ڪندا آهن، انهيءَ رقم کي حاصل ڪرڻ لاءِ اجوڳ رستا اختيار ڪرڻ ڪان به ڪين ڊڄندا آهن. مون ٻڌو آهي ته حاجي جڏهن حج ڪرڻ لاءِ سنبري نڪرندو آهي تــ اُن سان بـه شيون بيون بـه هونديون آهن. انهن مان هڪ هوندو آهي شيطان ۽ ٻيو هوندو آهي ايمان. جڏهن حاجي اوائلي بندر تي پهچندو آهي ته شيطان چوندو اتس ته هاڻي پنهنجي سنگت ٽٽي. ڇوته تون پلي پار وڃي رهيو آهين. اتي توکي منهنجي گهرج نه رهندي. پوءِ حاجي ۽ ايمان اچي حجاز جي ڪنهن بندر تي لهندا آهن. جڏهن حج جا سڀ رُڪن ادا ٿي ويندا آهن ۽ حاجي پنهنجي وطن ورڻ لاءِ جهاز تي چڙهڻ وارو هوندو آهي ته ڪيس ايمان چوندو آهي ته هن پليءَ ولايت کي ڇڏي، آءُ توسان هلڻ پسند نٿو ڪريان. هاڻ تون حاجي آهين، نيڪي بدي سڀ ڄاڻين ٿو. ڇگي جي ڄاڻڻ ڇمي

اٿئي، بس توڪل برخدا هليو وڃ. جڏهن اهو حاجي پنهنجي وطن واري بندر تي اچي لهندو آهي تہ شيطان، ان سان گڏ ايمان کي نہ ڏسي، ڏند ڪيندو، حاجيءَ کي اچي بغل گير ٿيندو آهي، چوندو آهي تہ مون الله کان اهو پئي گهريو تہ شل ايمان کي اتي ڇڏي ڇڙو موٽي اچين، هاڻي ڪوبہ فڪر نہ ڪر، بندو هر طرح حاضر آهي. اميد تہ اُهي ڪم توڪان ڪرائيندس جو دنيا کي ڏندين آڱريون اچي وينديون. نيڪ آهي نہ؟ اهڙي پڪائيءَ سان شيطان حاجي کي ڪاريندو رهندو آهي. تون ڏس تہ تنهنجا پُٽ شرابي آهن، رنون پيا نچائين، جوا ۽ رنڊي بازي سندن شيوو آهي. اهي سڀ ڪنا ڪم تنهنجي حرام جي ڪمائيءَ ورياج مان پيا ٿين، جيڪو تون ماڻهن کي لُٽي، هُنن جو پيٽ ڀرين ٿو. انسان جي بڇڙن ڪمن کي الله ڊگهي ڏور ڏيندو آهي، پر پوءِ اهڙو تہ چوڪنيو هن کي خدا جو غضب پڪڙي ٻڌندو آهي، جو ڇٽڻ جي ڪابہ واهہ نہ رهندي اٿس. پائنجي ٿو تہ جوانيءَ ۾ تون بہ ڪريل هئين! ننڍا وڏن کي ڏسي ڪرندا آهن. ٿنوءَ کي ٿارو، تازي کي اشارو ڪافي آهي.

## 124. ڪانا تيري ڪيا بات ڪهون؟

هڪڙيءَ مجلس ۾ ڪنهن ڪڃريءَ پئي ڳاتو. ماڻهن جو انبوهہ اچي گڏ ٿيو. اول ڏوڪڙيءَ وڃت ڪئي، ان سان گڏ سارنگيءَ واري سُر ملايو، پوءِ ڪڃري اٿي بتائڻ، ناز ۽ نخرا ڪرڻ لڳي. هڪڙي ماڻهوءَ وتايي کان پڇيو، جيڪو پنهنجي سر مگن ٿيو ويٺو هو. فقير ڇا ٿو سمجهين؟ چيائين تہ ڏوڪڙي چوي پيو ٿٿ لعنت، ٿٿ لعنت." سارنگيءَ مان آواز پيو اچي "ڪِسڪون، ڪِسڪون،" ڪڃري هٿن جي اشارن سان ڇئي پئي "اِسڪون، اُسڪون اور سِيڪون" هن چيو فقير تو هن ڳالهہ کي ڇڳيءَ طرح پروڙيو آهي. ٿوري مهل کان پوءِ ڪڃري ءَ ڳانو چيو تہ "ڪانا مين تيري ڪيا بات ڪهون" ڇوتہ هڪڙو ڪاڻو بہ ان مجلس ۾ ويٺو هو. هن "ڪانا" حرف ٻڌي خيال ڪيو تہ ڪجهہ مڙئي مون کي چوڻ ٿي گهري. متان ڪا نـلائي ڪري! سو امالڪ رڙيو ڪڏي ڏنائينس. طوائف سمجهيو تہ هن کي راڳ وڻيو آهي، سا ڦيرو ڏيو اچي هن جي متان چوي ڪانا مين تيري ڪيا بات ڪهون. بس همراهہ رڙيي متان رپيو ڏيندو رهيو، وتايو بہ اهو لقاءُ ڏسندو رهيو. جڏهن ڪاڻي جا رپيا کُتا تہ خفي

تي رن کي چيائين، جيڪي چوڻو هجئي سو چئو! مون حاجت ڪندي رکو هڪڙو بير پـَـٽ تان ڪٽي ڪاڏو آهي، جو تو ڏسي ورتو آهي. ڊڪ ڊَڪڻ واسطي ڪيسو تہ خالي ڪيو اٿم، تڏهن بہ تنهنجو اهو رينگٽ نہ تو بند ٿئي؟ بس هاڻ تہ ٻڌءِ؟ تون هيو چا چوندينءَ؟ سـر ڪٽي ڪپايو اٿئي. وتايي اها ڳالهہ ٻڌي ڪجري ڪي منت ڪئي تہ اسين بي دليا اڇي ڦاٽا آهيون، راڳ روپ مـان ڪونہ ڄاڻون. الله توکي ٻئي ڪنهن هنڌان ياڳ پڙائيندو. هن يار کي پئسا واپس ڪـر، جي غلطيءَ سان توکي ڏيئي وينو آهي. توهان ٻنهي هڪ ٻئي کي نہ ڄاتو نہ سڃاتو! پئسا ڏينس تہ غريب ٻچڙيوال وجي ڪا عيال جي اوک پلي. وتايي فقير جي منهن ۾ نهاري. هن رنديءَ رقم موٽائي ڏني. ڪاٽي چيو فقير جي تون نہ هجين ها تہ اڄ آءٌ مور پنڻ کي پهچان ها.

## 125. عبادت خوشبو آهي!

وتايي فقير کان ڪنهن پڇيو تہ فقير! اهو ڪهڙو ڪارڻ آهـي، جو مسـجد ۾ نماز پڙهڻ يا عبادت ڪرڻ واسطي، ماڻهو وڃي ٿو تہ گهڙي ڪن ڪان پوءِ هـن کي اوجهراٽي ۽ اونگهہ اچيو وڃي، ليٽڻ لاءِ اهليو پوي، پر ڪنهن کيـل تماشي، راڳ رنگ ۾ سڄي رات نبريو وڃي، تہ اک نہ ٿي لڳي، سو ڇو؟ فقيـر چيو تـہ عبادت ڪرڻ ۾ سُرهي سڳنڌ ۽ خوشبوءِ ٿي اچي، پر مسخريون تماشا ۽ روئنشا آهن گونهہ گند. تنهن ڪري انهيءَ بدبوءِ بانس تي ننڊ نہ ٿي اچي، رات ويهي، ڏينهن تو ڪجي، حرام جا اک ڇنيجي.

## 126. آڪر ڪٿو ڪونهي!

هڪڙي ڏينهن وتـايي کي ماڻس چيو تـہ ابا، ڏڏ پـنـي پـنـي ڪڪ تـي پيـا آهيون. چونٿو ڪنهن سيد پير کي منت ڪرين تـہ ڪا ڊِگي ڪٽي ڏيار تـہ پاڳيا تـي پئون. هاڻ ٻاڙي پتيءَ مان ڏڏ، لسي ملڻ بہ بند تـي ويو آهي. پاڻ وٽ ڪابہ ڳئون جڻاءِ نتي ڪري. وتايي چيو تہ پيناڪن ڪان پنڻ آهي تہ منهنجي لاءِ ڏکيو آهي، پر تنهنجو چوڻ مجي وجي تو ڪنهن نہ ڪنهن جي لر لڳان. سو هڪڙي مرشد سان گڏجي مسافريءَ تي نڪتو. هن کي چيائين تہ ڪا پلي پٺاري مون کي مُـريدن کان

وٺي ڏيار. امان توهان کي ڏاڍيون دعائون ڪندي. پير چيو هل پلي، جي پاڳ چڱو هونديءَ تہ گهڻو ڪجھہ ملي پونديءَ. اسان جو تہ ٻوجهو آهي ئي مريدن جي مٿي تي.

هڪڙي ڏينهن هڪڙي دل واري مريد جي اڱڻ تي وڃي لٿا. صدق واري مريد هُن کي گهر ۾ رهايو ۽ ڏاڍي سُٺائي صفائي سان گهر کي اڇو اجرو ڪيائين. طرح طرح جا طعام، ڀانت ڀانت جا ڀيڻ موجود ڪيائين. پير صاحب کائي پي جڏهن نڙ ٿيو تہ مٽي کي هٿ ڏيئي ٿڌا ساهہ ڀرڻ لڳو. مريد چيو قربان وڃان! اوچتي ڪهڙي ماجرا پيدا ٿي آهي؟ مرشد چيو بس مٽي جي سور کان مغز ٿو ڦاٽيم. گهر واريءَ کي چئو تہ مٽي کي تيل تري هٽيم تہ من ڪا فرحت ٿئي. مريد، مرشد کي اندر وٺي وڃي، ڪوٺيءَ ۾ ويهاريو ۽ گهر واريءَ کي سندس ٿهل ٽڪور ۾ ڇڏيو. صبح ٿيو تہ وتايي پير کي چيو تہ هيءُ تنهنجو تمام سچو صدق وارو مريد آهي، ۽ هو مالوندو ۽ سرندو پڻ آهي، هن کان ئي مون کي ڪا ڳئون ڏيار تہ ڳوٺ هليو وڃان، جيئن منهنجو پنڌ سجائو ٿئي. هن جڏهن مريد کي ڍڳيءَ ڪاڻ چيو تہ مريد چيو تہ سائين، جيڪا توکي کپي سا ڏُٺي ڪڻ، منهنجي ڪابہ ڳئون ڏهن ٻارهن سيرن کيرن ڏيڻ کان گهٽ ڏهائي ڪانہ ٿي ڪرائي. بلاشڪ توهين منهنجي وتاڻ ۾ دعا جا پير بہ گهمايو ۽ پنهنجو مطلب بہ حاصل ڪريو. جڏهن وتاڻ ۾ پير ويو تہ چوپايو مال ڏسي هبڇي ٿي پيو. وتايي کي چيائين هتان نہ. باقي اڳيان ٻيا مريد رهن ٿا، اتي توکي ڳئون ڏياريندس. وتايو ماٺ ۾ رهيو. سمجهي ويو تہ ڪم ڪونہ ٿيندو. پير صاحب، ڏنُ پٽ وٺي جڏهن هلڻ هارو ٿيو تہ ڪچهريءَ وارن مريدن کي هدايت ۽ نصيحت ڪرڻ لڳو: هي جهان فاني آهي، هتان هر ڪنهن کي هلڻو آهي، هي ماڳ مڪان ڍهي پٽ ٿي ويندا، انهن تي ٻانور ڪرڻ ناداني آهي. هن حياتي جو گهوڙو چارئي پهر سنجيو بيٺو آهي. رڳو لغام ٽٽڪڻ جي دير آهي. تنهن ڪري گناهن کان توبهہ ڪري وٺو. متان ڪو اهڙو وجھہ نہ ملو، چڱاين کي ڇهڻي وڃو. هي وقت قيمتي اٿوَ، هن وقت لاءِ ڏاڍا هٿ هٽڻا پوندو، پر ڏڌو کير ٿڻين ڪين پوندو. لطيف سائين چيو آهي تہ:

عمر آيو اوچتو پکي ۾ پيهي،
سٻرسي سومرا، ڏکي ويا ڏيهي،
نہ ڇاڻا ڪيهي، ڪندو پر ڀنوارن سين

اتي وتايي کي وجهہ لڳي پيو، چوڻ لڳو:

سنجهي ئي شروعات تي ورچ وڏندي وئي،
لڳي تري تيل جي، ٻڏجي ويا ٻيئي،
واقفيت وتايي کي، اها چٽي طرح پئي،
اهڙا ڪم ثواب جا، تيا توهان هتان ڪيئي،
ڪابہ ڏڳي ڏيئي، پير پڇايو پوئتي؟

وتايي جو اشارو ٻڌي، ڪُک ۾ ڪان لڳي ويس. مريدن کي چيائين تہ جيڪا ڏڳي مون پسند ڪئي هئي، سا نذراني ۾ هن فقير کي ڏئي، هڪدم روانو ڪريوس تہ ماڻ منڙي کي وڃي کير پياري. وتايو ٻوءِ ڏڳي ڪاهي ڳوٺ آيو، ماڻس سان حالي حوالي ٿيو. جنهن چيس تہ تون اها ڳالهہ نہ ڪر، هُو پاڻهي پنهنجي پير تي ٻيا ڪهاڙو هڻن. تنهن ۾ پنهنجو ڇا وڃي!؟

## 127. بازار مان ڪنڊ تہ آڻي ڏيڪار؟

هڪڙي ماڻهوءَ کي، وتايي منهن ۾ چتائي پئي ڏٺو. هن پڇيس تہ ڇو فقير مون کي جاچي پيو ڏسين؟ فقير چيو تہ مون ٻڌو آهي تہ تنهنجي گهر ۾ مرشد آيو، تنهن کي تو نيپ ڏيئي گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي. پنهنجا ٻئي جهان وڃائي ڇڏيئہ. هن ماڻهوءَ چيو تہ توکي تہ الائجي ڪيئن پتو پيو آهي؟ اها ڳالهہ مون توڙي ٻين مريدن تہ راز بنائي رکي هئي! وتايي چيو تہ ٻنهي جهانن جي وسيلن سان اهڙي جٺ ڪانہ ٿي نهي! هن چيو تہ فقير مرشد جي گهڻي خدمت ڪيم، غريبي حال سارو وسان ڪين گهٽايم، پر اهڙو بد لڇڻو جو مون کي چيائين تہ آءٌ کنڊ جو شربت هر هر پيئندو آهيان. سا ڳچ جيتري وني اچي رک. دڪاندار ٿورو پريرو هو. آءٌ ويس هڪڙي پاڙيواري چيو تہ اجا دڪان کليو ئي ڪونهي، تنهن ڪري موٽي آيس. گهر اچڻ سان ڇا ٿو ڏسان تہ مرشد گهر ۾ سڙهہ ساڄا پيو ڪري. بدن کي باهہ وني ويم. هڪل ڏنيمانس تہ شرم تہ ڪونہ ٿيس، پر مون کي ديڄارڻ واسطي چوڻ لڳو تہ اچي ئي تي منهنجي ڪاني! مون کي هئي خار، سو ٻياني ڪٽي چيومانس، جيسين تنهنجي ڪاني اچي، تنهن ڪان اڳ اچي ئي تي منهنجي ٻياني!

وتايي چيو تو ڏاڍي زوراوري ڪئي آهي. ائين وهٽ وانگي نازڪ بدن مرشدن کي ماربو آهي؟ مريد چيو وتايا، ٻاهريون ڳالهيون پيو ڪرين، ڪڏهن

مرشد کي گهر ۾ ويهاري. بـازار مان کنڌ آڏي ڏيکار تـ مجئيـن. ٻاهر ٻرندي هرڪو ڏسي اندر ٻرندي کو ڪونـ ڏسي.

## 128. سـَرند ماڻهن جي ڪُتي تي سـُڄين سان سنگت هلي!

هڪڙو سونارو، جنهن سان ناٿي جي هڙ هئي، تنهن وتايي فقير کي شهر ۾ ڏٺو. دل ۾ چيائين تـ منهنجي پيٽ سان ناٿي جو نوڙ ٻڌو پيو آهي. اڄ رات ڳوٺ پهچڻو اٿم. سج بـ لهڻ تي آهي. چونـ هن چورڙي کي گشو هٿي پاڻ سان گڏ ڳوٺ هلڻ لاءِ هرڪايان. هڪڙي ڪان وري بـ بـ چڱا آهيون، چيو ڪين اٿن تـ "بـ تـ ٻارهن" فقير کي چيائين تـ فقير هل تـ ڳوٺ هلون. مون کي اڄ رات خيرات ڪرڻي آهي. هَل، تـ توکي بـ ڪارائي ڍؤ ڪرائيندس. پهرين تـ فقير هلڻ کان پـِڙ ڪدي بيٺو، پر سوناري جي ججهي ستائڻ تي راضي تي ويـو. پنڌ پرانهون هو. هلندي هلندي، مٿان اچي سومهڻي تـي. وتـايي چيو تـ بيلي آءٌ تڪجي پيـو آهيان. هن ڪرڙ هينان سمهي ٿو پوان. تنهنجي مرضي! سوناري ڏٺو فقير نـابري واري آهي، سو هائوڪار ڪين ڪندو. سو ڪچيو ڪي بـ ڪين. دگ کان پريرو هڪڙي چار (ڪبڙ) جي وڻ هينان همياٽي (هڙ) سيراندي کان رکي سمهي پيو، پر ننڊ اچڻ جو خيال ڪونـ هوس، جو ناٿو نينهن ٿوڙ ساٿس گڏ هو. آڌي تي تـ ڪي چور وتـايي جي ڪونگهرن تي بيهي رهيا. ڪيس اٿاري پڇيـائونس تـ ڇا ڇا اٿئي؟ اسان جي حوالي ڪر، نـ تـ سر ٿو وڃئي! هن چيـو تـ آءٌ وتـايو فقيـر آهيـان، مـون وٽ ڪـائڻ ڪاڻ بـ ڪي ڪونهي. هڪڙن چيو ڇڏيوس، ٻئي چيو بدسوٽي نـ ڪريو، فقير جي تلاشي وٺو. ڪجهـ نـ ڪجهـ وٽس پوتي پلاند ۾ هونـدو. اهو ٻڌي وتـايي چيو تـ ڏنڊ وجي بلا پڇي، ڪي بـ ڪين ورندوَ. پر پريان سونارو ستو پيو آهي، پانيان ٿو تـ پري انهيءَ ڪري وڃي سُتو آهي جو جوکم جان سان پيڙو اٿس. پـوءِ تـ چور سوناري مٿان اچي پيا. ماري ڪُـٽي مال ڪٽي پالهو ڪري هليا ويس.

سج اڀرڻ تي سونارو ڳوٺ ڏانهن پنڌ پيو تـ وتـايي بـ پٺ ورتس. چيـائينس تـ سيٺ هاڻ چو هلڻ جي صلاح بـ نٿو ڪرين. ڏُک پڳو وڃين؟ سوناري چيو تـ صلاح وري ڇاجي، تو هٿن سان مون کي ڦرايو آهي، جي چورن کي تـون ڏس نـ ڏين ها تـ ٿورئي منهنجي ڪاڪل پوين ها. تون سنگت جو دشمن آهين، توسـان

ياراڻي نٿي نهي. وتايي چيو تہ ٻئي سنگت رکي نڪتا هئاسين. توئي مون کي هيڪاندو ڪري هلايو. پر رات جو سنگت ٽوڙي، لِڪي پرانهون وڃي سُتين. توکي ڊپ ٿيو تہ متان وتايو نہ ننڊ ۾ ڏسي ڏوڪڙ کڻي وڃي. اهيءَ ڪُپت ڪرڻ ڪري پنهنجي پاڻ پينگ ڪرايءِ. جي ٻئي گڏ هجون ها تہ مجال هئي چورن جي، جو ٻنهي ڪان ڏاڍا ٿي وڃن ها! سنگت ۾ تہ هڪ ٻئي سان سر جون سٽون ڏبيون آهن. پر سَرند ماڻهن جي ڪٽي ٿي بُکين سان دوستي هلي سگهي. هاڻ ٻئي سُڃا آهيون. گڏجي هل تہ ڳوٺ هلون.

## 129. پنجاهہ رپيا مون کي بہ ڏئي ويو!

ڪنهن پير کي دل ۾ آيو تہ وتايو مشهور درويش پيو ليکجي چونہ. هن کي پنهنجو خليفو ڪري مريد پنڻ واسطي ونءِ وڃان. هن جي برڪت سان مال گهڻو ملندو. سو وتايي کي گهرائي پاڻ سان گڏ سير تي هلڻ ڪاڻ چيائين. وتايي چيو مون کي ڪا ڊِڳي ونءِ ڏج تہ امان کير پيئڻ جي سُکي ٿئي، باقي آءٌ هلڻ لاءِ تيار آهيان. پير پڪ ڏنيس، پوءِ ٻئي روانا ٿيا.

هڪڙي ڳوٺ ۾ پير جا ڪي غريب مريد رهندا هئا. سڏو انهن وٽ اچي هڪ مريد کي گهرايائون. مريد آيو، پڇيائين ڇا ٿا چئو؟ پير چيو تہ مون کي سؤ رپيا ڏن ڏي ۽ هن منهنجي خليفي کي هڪڙي پلي ڳئون ڏي. مريد چيو تہ اسان وٽ لولي لاءِ لوڻ بہ ڪونهي. توهان روز روز فرمائشون ٿا ڪريو. اجا هڪڙي گهوڙي جي لِڏ بہ ڪانہ ٿي سُڪي تہ اجهو متان پيو ڊِگ ڊِگ ڪندو تو اچي. توهان اسان کي بہ پاڻ جهڙو پنڻ هارڪو ڪري ڇڏيو آهي. توهان جي دعائن اسان کي ڪهڙو سُڌاريو آهي؟ سدائين قرضن ۾ ڪارا آهيون. ٻچا لنگهڻا سمهيو رهون. توهان جهڙن مرشدن ڪان تہ پينگ پلي آهي. پير ڪاوڙجي پيو ۽ چيائين، اجائي ڇاڙ نہ هڻ. هي مال رزق منهنجن مائٽن جي محابي توکي مليو آهي. ان ۾ اسان جي پتي بہ ڳنڍيل آهي. لنواءِ نہ، يڪدم حڪم جي پيروي ڪر! مريد چيو، اهي حڪم پين تي هلاءِ. مان تنهنجو مريد ئي ٿيڻ نٿو چاهيان. بس هتان هليو وڃ. پير چيو تہ هرگز نہ نڪرندس. تون پنهنجي زال جا ٽيڙ وڪڻي بہ اسان جو پورائو ڪر. زال جي نالي ٻڌڻ سان مريد کي بخيلي ونءِ ويئي، لوڙهہ کڻي آيو ۽ نڪاءُ ڪرايائين مرشد جي مغز ۾. بس رت ڪُتا ئي نہ ڇنين، ريهون ڪندو ونءِ ڀڳو. وتايو تہ ان ڪان بہ اڳ گولي ٿي ويو. پر مُريد وتايي

ڪي بہ ٻوڙي اچي پهتو. هڪڙو بہ بانئو ان ڪي بہ ڪشيائين، پوءِ خليفو ۽ مرشد اچي ٿابين ۾ پيا. پنجن ڪوهن تي پيو مريدن جو ڳوٺ هو اتي پهتا. مريدن پڇيو تہ سائين رت ۾ ڳاڙها ۽ ڪو وهٽ بہ ساڻ ڪونہ اتوَ سهڪندا پيا اچو، آهي تہ خير؟ چيائون تہ اڌ واٽ تي چور مليا، چورن سان ڇڪري بہ ڪاڌي سين پر هـُو ججها ڇٽا هئا، ڏي وٺ ڇڳي ڪئي سون، پر آءٌ ڦٽجي پيس ۽ ٻَڪرجي وجي ڪريس. خليفو انهن سان بـَر اچي نہ سگهيو، گهوڙو ڪاهي ويا پئسا بہ ڦُري ويا. مريدن چيو اسين تيار آهيون، اها جاءِ ڏيکاريو. اسين نہ ڇڏينداسون. مرشد چيو تہ اسان کي اها بہ ساڃهہ ڪانہ رهي آهي تہ ڪٿي جهيڙو ٿيو. ڪٿي ڦرياسين! هاڻ توهين فرائض (فراش) ڏيو تہ ڳوٺ پهچي وجي علاج ڪرايون. مريدن چيو هيل فصل پلو ڪونہ ٿيو آهي. اَن ڪٽا ٻچن ڪاڻ رکيا اتؤن. هي ڏهاڪو رپيا ڪٽي وڃو. الله مالڪ آهي وري ايندؤ تہ توهان کي خوش ڪري روانو ڪنداسون. مرشد چيو ڏسو نٽا تہ اسان کي بيمانن بيدرديءَ سان ڪُـٽيو آهي. مٽا ڦاٽا پيا آهن، ايترا تہ ڏوڪڙ ڏيو جو ڪنهن نڪاٽي تي لڳون. مريدن چيو اسان جو حال اهو آهي، وڌيڪ مرضيءَ جا مالڪ آهيو. وتايي چيو تہ پير صاحب، جيڪي حُب سان ڏين ٿا، سو ڪائنن وٺو. هُن ڳوٺ وارو مريد اهڙو تہ سـَرند ۽ حبدار هو، جو سؤ رپيا توهان کي ڏنائين، پر ڳس ۾ ٻوڙي اچي پنجاهہ رپيا مون کي بہ ڏئي ويو. هن سان هيءَ غريب ٿورو ئي بـَر ميچي سگهندا. ان کان پوءِ وتايو يا چمار ڪنهن پير مرشد سان ڳڏ گـهمڻ نہ ويو.

---

## باب ڇهون

# وتايي جي نالي سان هليل وڏيڪ ڳالهيون

وتايو فقير هڪ عجيب انسان هو. اهڙو انسان ورلي پيدا ٿيندو آهي. هن ۾ تمام گهڻيون خوبيون هيون، پر سڀني کان سنڌس وڏي خوبي هيءَ هئي جو هو ڪنهن جي به دل نه ڏکوئيندو هو. هميشه ماڻهن کي پيو کلائيندو هو. ماڻهن کي جهيڙي جهٽي کان روڪيندو هو ۽ ڏاڍو امن پسند انسان هو.

وتايو فقير نندي هوندي کان ئي اهڙيءَ طرح ڳالهائيندو هو، جو ماڻهو سمجهندا هئا ته هيءُ ته ڪو بنهه سادو ۽ پورو آهي، ائين نه هو. هو وڏو دانا ۽ درويش صفت انسان هو.

هي درويش لکڻ پڙهڻ کان سواءِ بيا به ڪيترا هنر جهڙوڪ درزي، واڍي، ڪوري ۽ موچيءَ جو ڪم به ڄاڻندو هو.

## 130. زهر کاڌو اٿم ته موت نٿو اچي!

ننڍپڻ ۾ وتايي کي ماڻس درزي وٽ ڪم سکڻ ڪاڻ ويهاريو. هڪڙي ڏينهن درزي رومال ۾ ڪا شيءِ ويڙهي اچي جاري تي رکي، وتايي کي چيو ته مون کي ڪو ڪم ڪار آهي، دير سان ايندس. هن جاري تي، هن رومال ۾ ويڙهيل زهر رکيل آهي. متان تون کڻين، نڪي ٻئي ڪنهن کي هٿ لائڻ ڏج.

درزي ويو هليو. وتايي اتي رومال کوليو ته ماکيءَ سان ڀريل پيالو ويڙهيو پيو هو. هن کي خيال ٿيو ته درزي هيڏو سارو ڪوڙ ڇو ڳالهايو. ڪٿي چئي ها ته ابا، هن ۾ ماکي آهي، ڪنهن کي به نه ڏج، ته ڇا ٿي پوي ها. هاڻ استاد کي ڪو سبق سيکارجي. جيئن ڪوڙ هڻڻ جي گت ڇڏي ڏي، سو اتان اُٿيو رومال کڻي اچي بازار ۾ وڪيائين. جيڪي ڏوڪڙ مليس، انهن جي نانوائي کان ماني وٺي، اچي پيالي کي برو ڏنائين. پوءِ ساڳ پاڪ بنجي ويهي رهيو. جڏهن درزي

آيو تہ اڄڻ سان جاري تي نگاھہ ڪيائين. وڏي اڃي ڏسي تہ خالي پيالو رکيو آهي. وتايي کان پڇيائين تہ رومال ڪيڏانهن ويو؟ هن چيو آءُ ڪم ۾ هوس تہ ڪو چور لاهي ڪٽي ويو. پوءِ تو ڪيس ڇو نہ جهليو؟ اُتر ڏنائين، گهٽو ئي پنيان پيو سانس پر جهل نہ ڏنائين! اُمالڪ پڇي ويو. پوءِ توهان جي ڊپ کان اڃي پيالي وارو زهر پي ڇڏيم تہ استاد جي موچڙن کان اڳ موت اچيم تہ چڱو. ڏاڍو ڏک اٿم تہ توهين اڃي ويا آهيو، پر اجا موت ڪونہ آيو آهي! هن کان پوءِ درزي ڪوڙ ڳالهائڻ جي پچر ڇڏي ڏني.

## 131. اهو تنهنجو پاڇولو هو!

صبح سان هڪ ماڻهو وتايي کي اچي سڏ ڪيو. فقير چيو وينو آهيان، هليو اچ. اهو ماڻهو اندر ويو. فقير پڇيس ڏي خبر ڪيئن پنڌ پيو آهين؟ چيائين تہ رات ڏاڍا سٺيا مال ڪائي سُتس. خواب ۾ شيطان ڏسڻ ۾ آيم. سوچيم تہ توهان کان پڇان تہ انهيءَ سُپني جو ويچاڻو ڇا آهي؟ وتايي پڇيس شيطان ڪهڙي شڪل ۾ توکي ڏسڻ ۾ آيو؟ چيائين ڊهہ بدهہ گڏهہ جهڙو هو. وتائي تعبير ٻڌائيندي چيس، ڪوبہ ڊپ نہ ڪر! اهو تنهنجو پاڇولو هو. اهو ٻڌي هو ڦڪو تي هليو ويو.

## 132. گهوڙو چور ڪٽي ويا، سنج ڪير ڪٽي؟

هڪڙا بہ ماڻهو وتايي وٽ آيا، هڪڙي چيو درويش، اڄ تو وٽ هڪ نياءُ ڪٽي آيو آهيان. اسان جو نبيرو ڪر.

وتايي چيو تہ بيان ڪر. هن چيو تہ هيءُ ٻيو ماڻهو جيڪو مون سان گڏ آهي، سو منهنجو نوڪر آهي. مسافريءَ تي نڪتا هئاسين، هتان کان ڪوهہ ٻن پنڌ تي گهوڙو تڪجي پيو ۽ اندارو تي ويو. نوڪر کي چيم تہ گهوڙو ٻنهين نتو چُري، سنج لاهي هت وڻ هيٺ ويهي تا وسرام ونون. صبح تائين گهوڙي جو تڪ پڇي پوندو، پوءِ اتي روانا ٿينداسين. هن چيو نيڪ آهي. پوءِ سنج لاهي وڇائي ويناسون. مون هن کي چيو تہ تون سمهي پؤ آءُ گهوڙي جي نگهداري پيو ڪندس. هن چيو تہ اهو ڪو نہ تو جڳائي جو مالڪ پيو

چوڪيداري ڪري ۽ نوڪر پيو ننڊون ڪري. توهان سمهي پئو، آءٌ پيو جاڳندس. خير هي جاڳندو رهيو، آءٌ ليٽي پيس. توري جُهٽڪي ڪرڻ کان پوءِ هڪل ڪيم تہ جاڳين پيو يا سُتو پيو آهين، ڇُرڪ ورندي ڏنائين تہ جاڳان تہ پيو، پر هڪڙي مسئلي اچي منجهائي ڇڏيو اٿم. پڇيو مانس تہ اهو مسئلو ڪهڙو آهي؟ چيائين، ٻڌو اٿم تہ هي ڌرتي پاڻيءَ مٿان الله سائين بيهاري آهني، جي پاڻي مٿان بيٺل آهي تہ پوءِ ٻڏي ڇو نٿي؟ مون چيو تہ انهن خفقانن کي ڇڏ، گهوڙي جو ڌيان ڪج. چيائين توهان بي فڪر رهو. آءٌ وري چيلهہ سڌي ڪرڻ لڳس، پر ڪُٽڪي ۾ ننڊ بہ نہ ٿي آيم، اڌ ننڊ تہ اڌ سجاڳي هيم. سو پهر ڪن کان پوءِ وري پڇيومانس تہ هوشيار آهين، ڪي ننڊ نهوڙيئي؟ چيائين سجاڳ آهيان، پر وري ٻيو معاملو مغز ۾ کُپ ڪوڙي وينو اٿم. چيومانس تہ اهو وري ڇا آهي؟ چيائين ري ٿنڀين آسمان بيٺو آهي، سو ڪري ڇونٿو؟ چيومانس الله کي مڃ! ڇڏ انهيءَ پُوڪپائيءَ کي. گهوڙو نہ وڃائين. چيائين، گهوڙو اڪين آڏو ٻڌو بيٺو آهي، سو ڪٿي ٿو وڃي. توهان بيپرواهہ رهو.

مون کي ٽيون پيرو جاڳ ٿي هڪل ڪئي مانس، چيائين بلڪل جاڳان پيو، پر هڪڙو نہ ٻيو سوداءُ نٿو ڇڏيم. مون پڇيس تہ الائجي ڪهڙن پورن ۾ آهين؟ الله سائين شل خير ڪري! چيائين تہ ٻيو تہ ڪو پُور ڪونهي، اهو اُلڪو اٿم تہ الله سائين عادل انصاف پسند موليٰ مهربان آهي، پوءِ توکي مالڪ ۽ مون کي نوڪر ڇو بنايو اٿس؟ جي پاڻ ٻئي هڪ جهڙا هجون ها تہ ڪهڙو گهاٽو پوي ها. ان تي مون کي ٻُڇان آئي، سخت تنبيهہ ڪئي مانس. چيو مانس تہ پويون پهر آهي، وڏا دوڏا پَسني ويهہ! اهي ترڪ تال ڇڏي ڏي. پوءِ آءٌ ڇڙ ۽ ڪاوڙ کان سمهي رهيس ۽ سج ايرڻ تي اک پٽيم جان ڪٿي ڏسان تہ گهوڙو نهي ئي ڪونہ. وائڙو ٿي پڇيم تہ اڙي گهوڙو ڪيڏانهن ويو؟ چيائين تہ منهنجي بہ اوچتو اک لڳي وئي، گهوڙو شايد چور ڪاهي ويا. پر هاڻ سمجهان تو تہ خدا برابر انصاف ڪندڙ آهي، شايد منهنجي من جي منشا موجب اهو ڪم ٿيو آهي.

بس گهوڙي جي گم ٿيڻ تي منهنجا طاق لڳي ويا. پانئيان تہ هن کي ڪچو ئي ڪائي ڇڏيان، جنهن ڪوڙا انسنا دل ۾ رتي گهوڙو ڇوڙايو آهي. هاڻ

چيو مانس گهوڙو تہ ويو پر سنج ڪڻ تہ ڪنهن وسيلي پيڙا ٿيون، ڪٿي هلي ڪا دانهن ڪوڪ ڏيون. من ڪو تدارڪ ٿئي تہ سنجن ڪٽڻ کان نابري واريو وينو آهي، پريان هِن ٻُونڙي کي ڏنوسون. چيومانس تہ هل تہ هلي ڪنهن ڏاهي کان آچار ڪرايون. تون نوڪر ٿي سنج چونٽو ڪٽين. چيائين تہ هلو. پوءِ هت آيا آهيون. ماڻهن چيو تہ هت وتايو داناءُ ٿو رهي، ان کان وڃي فيصلو ڪرايو. تڏهن تو وٽ آيا آهيون. وتايي چيو مون سربستي ڳالهہ سمجهي، نوڪر کي تڏهن پُور ٿي پيا، جو تو هن کي پورو پگهار نہ ڏنو آهي. هينئر بہ پگهار جا پئسا ڏينس تہ بلاشڪ سنج ڪٽي هلندو. مالڪ چيو تہ اجهي سندس مهيني جي پگهار جا رپيا. توهين وني ڏيوس ۽ چئوس تہ هلي سنج ڪٽي. وتايي نوڪر کي رپيا ڏنا ۽ چيائينس تہ ابا، پنهنجي مالڪ سان گڏجي وڃي سنج ڪٽي اچ! هُن چيو مون سنج ڪٽڻ کان انڪار بہ انهيءَ ڪري ڪيو هو جو پگهار نٿي ڏنائين. هاڻ وڃان ٿو. ٿوري دير کان پوءِ ٻئي موٽي وتايي وٽ آيا. چيائون سائين سنج بہ اتان ڪو ڪٽي ويو آهي. وتايي چيو تہ مون سوچيو تہ اوهين جو ضد ڪري آيا آهيو، سو پويان سَٽائي ٿي ويئي هوندي. تڏهن تہ نوڪر کي پگهار ڏياريم. جو سنجن ڪٽڻ جي آسري تي توهان ڏنو هو، پر جي سنج نہ ڏسو ها تہ پگهار هرگز نہ ڏيوس ها. هاڻي گهوڙي ۽ سنجن جون پچائون ڪندا وڃي ڳوٺ رسو.

## 133. ڏهيو ڏڪر نيٺ تہ پڄڻو آهي!

فقير کي ڪنهن ڪنيار ڏڪر جا ٿانءَ ڪُنو، دڪي، جمني، ٽِيپي، پاٽ، پاٽوڙو، ڪوندي، طباق، سٽڪ، پيالا، دانگي ۽ ٻيا ڪجهہ دلا، ڪُپا ۽ هڪ مٽ ڏنو ۽ چيو تہ فقير هيءَ خدا ڪارڻ ٻارهن مهينن لاءِ ٿانءَ اٿئي، جي سيئي گهر ۾ ڪم ايندءِ. مون کي دعا ڪج! فقير چيو تہ ايترا ٿانءَ مون ڪان تہ ڪونہ ڪڇندا. ڪنيار اهي ٿانءَ ٽنگڙ ۾ وجهي پنهنجيءَ گڏهہ تي ٽنگڙ رکي ڏنس، چيائينس تہ ٿانءَ گهر ڇڏي پوءِ ٽنگڙ ۽ گڏهہ مون کي موٽائي ڏئي وڃج. فقير جيئن گڏهہ تي ٿانءَ ڪنيو پئي آيو تہ ماڻهو مٿس چٽرون ڪرڻ لڳا. ڪو چوي تہ فقير ڪنيار ٿيو آهين ڇا؟ ڪو چوي فقير ڪنيارن وٽن نوڪر وڃي بيٺو آهين. فقير چيو ڪنيار بہ انسان آهن، نوڪر بہ انسان بيهندا آهن. مون کي تہ الله جي واٽ ۾ ٿانءَ مليا آهن، جي ٻئي ڪنهن کان ڪٺايان ٿو تہ مزوري پرٽي پوندي،

سو ڏوڪڙ ڪين اٿم، پنهنجو ڪم پاڻ ٿو ڪريان. هڪڙي چيو تہ فقير، پيالو پَٽ تي ڪِري پچي پيو اٿئي. تو ان جي خبر ڪانہ لڌي! فقير چيو ويئي جو ارمان ڪرڻ اجايو آهي. جيڪي بچيا، گهر تائين پهتا، سي ئي منهنجا ٿيندا. گهڙيو نڪر آخر پڃڻو آهي.

## 134. شرم ڪان پيٽيءَ ۾ لڪو آهيان!

هڪڙيءَ رات وتايي جي گهر ۾ چور آيا. چورن جي اچڻ جو ڏيکو سڻي، فقير هڪ پراڻي ڪاٺ جي پيٽيءَ ۾ وڃي لڪو. چورن سڄو گهر اُهاڙيو پر ڪجهہ بہ ڪونہ هٿ آين. هڪ چور پيٽي اٿلائي تہ ڳوڙي لڳس، جان ڪٽي مَٽيون ڊڪ ڪٽي تہ وتايو اندر وينو آهي. چور چيس ڪلا ڊِڃٹا! لڪي وينو آهين، تہ متان چور سڃي ڪرائينم يا ماري نہ وجهنم؟ وتايي چيو انهيءَ ڪان ڪونہ لڪو آهيان، البت شرم ڪان اچي پاڻ ڪي بند ڪيو اٿم تہ سڄو گهر ڦولهڻ ڪان پوءِ، چور چوندا تہ بنهين ڪو سُڃو آهين، ناحق هن گهر ۾ آياسين ۽ پوءِ وڃي نلائي ڪندا تہ وتايي جي گهر ۾ پينگ پئي واڪا ڪري. سو انهيءَ لڄ ڪان لڪي وينو آهيان. چور ڏاڍا شرمندا ٿيا.

## 135. دلبي ۽ دولاب سان منهنجي ڪان پوي!

ڪنهن ماڻهوءَ وتايي فقير کي هڪڙو گڏهہ الله ڪارڻ ڏنو هو. فقير گڏهہ ڪاهي گهر آيو. ٿورا گهڻا ڏينهن گذريا تہ فقير جي تونڻ ڪُتي پئي. ماڻس چيس تہ اهو گڏهہ شهر ۾ وڪڻي سيڌو پاڌو وني اچ. وتايو گڏهہ ڪاهي شهر ۾ آيو. هوڪا ڏيڻ لڳو تہ ڪو مون ڪان هي گڏهہ خريد ڪري!

ماڻهن چيس تہ ائين هلي هلي ڇڙهہ نڪري ويندءِ. گڏهہ پڙيءَ تي ڪاهي وڃي دلال جي حوالي ڪر تہ اهو ان گهڙيءَ ۾ وڪڻي ڏيندءِ. "سڃي ٿو چئين." ائين چئي گڏهہ پڙيءَ تي اچي دلال کي ڏنائين. چيائينس تہ هي وڪڻائي ڏنيم. دلال چيو تہ هينئر وقت پورو ٿي ويو آهي. سڀاڻي ساجهر اچج تہ بولي لڳارائيندس. وتايي بئي ڏينهن دلال کي گڏهہ ڏنو.

دلال وڏي واڪي چوڻ لڳو تہ بولي لڳا ٻو، هي گڏهہ خراساني آهي، هن

جي ماءُ يزداني هئي، هن جو پيءُ برفاني هو. تمام اصيل گڏهه آهي. ٽيهه چاليهه مڻ کٽي ٻوڙون پائڻ ۾ ڪمال ٿو ڪري. هن گڏهه کي چاٽو، ماٺهوءَ کان سواءِ ٻيو ڪو خريد ڪري نه سگهندو. چوته وتايي وٽ ٿو رهي. وتايو پاڻ به اناج لاءِ سڪندو ٿو وتي، سو گڏهه کي ڪٿي ٿو داڻو ڪارائي سگهي. آءُ اوهان کي پڪ ٿو ڏيان ته ٻه مهينا هن جي دل جان سان چاڪري ڪريو، پوءِ ڪانئس ڪم وٺو. جيڪي چيو اٿم، ان ۾ ذرو به ڦيرو ڏسو ته پنهنجا پئسا واپس وٺي وڃجو، پر ٻيٺو مون تي ڏنڊ رکجو. آهي ڪو واڪ ڏيڻ وارو؟ آهي ڪو ٻولي لڳائڻ وارو؟ اهڙا گفتا ٻڌي وتايي فقير دلال کي ڪن ۾ چيو ته جي واقعي اهڙي سوڪڙيءَ جهڙو گڏهه آهي ته نه وڪڻانس، وڃي گهر ٻيهاري ڪارايانس؟ دلال آهستي چيس ته اهي حرف رڳو ماڻهن کي ڦاسائڻ لاءِ ٿو ٻوليان. اڄڪلهه دلبي ۽ دولاب کان سواءِ ڪٿي ٿو دنيا جو ڪارخانو هلي! تون ماٺ ڪري ٻينو رهه. ٿوري دير کان پوءِ جهول ٽَـڪن جي پري وچ ۾ مون کي پنهنجي دلاليءَ جو چوٿون حصو ڏج!

وتايي چيو ته دلبر ۽ دولاب سان منهنجي ڪان پوي! مون کي گڏهه الله واٺ مليو آهي، سو وڃيو ٿو الله جي جهنگ ۾ ڇڏيانس، جڏهن چَـري چَـري متارو ٿيندو، تڏهن اچي وڪڻندوسانس.

## 136. فقير جي جيئري جاڳندي ڪرامت!

ڇون ٿا هڪ ڏينهن وتايو فقير پنهنجي گهر اڳهاماٺيءَ ۾ وينو هو، ته هڪ عورت روئندي وٽس آئي. چيائين فقير پنجون سال ٿيو آهي، منهنجي مڙس کي گهر مان نڪتي. سندس ڪا ڪَل ڪانهي، ڪٿي آهي ڇا پيو ڪري، جيئرو آهي يا مري ويو؟ بارڙا ابهم ڇڏي ويو آهي، پويان جي سار نه لڌي اٿس. آءُ ته جنڊ ڪڍي ڪڍي مري وئي آهيان. خدا جي واسطي ڪٿان به مڙس مون کي ڳولي هٿ ڪري ڏيار ته آسائتي ٿيان. آءُ تو وٽ پنهنجي دُعا وٺڻ ۽ پنهنجو حق حاصل ڪرڻ لاءِ آئي آهيان، الله ڪان پني به منهنجي مدعا پوري ڪر. فقير مائيءَ جي منهن ۾ ڇتائي ڏٺو، جيڪا لڙڪ اُگهي رهي هئي، پوءِ پنهنجي سامهون وينل ڪُتي کي حڪم ڏنائين، ته جنبورا، اُٿي وڃي هن مائيءَ جي

مڙس کي ڳولي اچ. ڪتو اتي هليو ويو. مائي وٽس ويٺي رهي. پهر ڏيڍ کان پوءِ ڪتو اچي فقير اڳيان پڇ لوڏڻ لڳو. فقير مائيءَ کي چيو تہ مائي، مڙس تنهنجو لڌو. الهندي پاسي ڪرڙاڻ ۾ پيو جهوتون هڻي. مائي اتي الهندي طرف گهاٽن ڪرڙن ۾ وڃي ڏسي تہ بروبر مڙسس هيڏانهن هوڏانهن پيو ڊوڙي ۽ ليئا پائي. زال مڙس کي چيو اتي ڇا پيو ڪرين؟ مڙس چيو تہ تون هت ڪيئن آئي آهين؟ زال چيو تون پنهنجو قصو اول سڻاءِ تہ پوءِ آءٌ توکي پنهنجو اچڻ ٻڌائيندس. مڙس چيو تہ آءٌ نٽي شهر ۾ آهيان. پلو وٺي آيو هوس، تنهن کي اگهڻ ۾ رکي اندران لوڻ ڪٽڻ ويس تہ هڪڙو جنبورو ڪتو آيو. جو پلو کڻي وٺي ڀڳو. آءٌ پنيان پيو سانس تہ هِنن ڪِرڙن ۾ اچي گم ٿي ويو آهي. ڪتو ۽ پلو بئي ڪونہ ٿا لبن. تون پنهنجي خبر ڪر. زال ڪلي چيو تہ هيءُ نٽو ڪونهي، هي اگهاماٺيءَ جا ڪــرڙ آهن. مون وتايي فقير کي منٿ ڪئي، جنهن پنهنجي جنبوري ڪتي کي حڪم ڪيو، جو توکي هتي وٺيو آيو آهي. پهرين هل تہ اهو ڪتو ڏيکاريانءَ پوءِ مون سان گڏجي گهر هل. پنج سال مون تنهنجو اوسيئڙو ڪيو تہ نہ ماڻهو منجهئي نہ ڪو حال احوال. تون عيالدار ائين منهن موڙي وڃي ويهي رهئين؟ ڪو ٻچن جو بہ دل ۾ خيال ڪو قياس ڪونہ پيئي؟ هو منجهي پيو، چيائين چرچو ڇڏ، سچي ڳالهہ سڻاءِ! هن چيو تہ سچ ۽ ڪوڙ جي سُڌ مون سان گڏجي هل تہ پاڻهي پوندءِ! مڙس زال سان هيڪاندو ٿي هليو. زال سڌو وتايي جي آستان تي آئي. اُتي هُن جي مڙس وينل ڪتي کي سڃاتو. چيائين تہ پڪ اهوئي ڪتو هو، جيڪو پَلو کڻي ڀڳو هو. پوءِ وتايي کي بہ سڃاتائين. پر اها خاطري نہ ٿيس تہ ڪو آءٌ جهٽ پٽ ۾ اگهاماٺي ۾ پهچي ويو آهيان، پوءِ زال سان گڏجي گهر آيو تہ سندس ٻچا پڻ ابا ابا ڪري اچي چنبڙيس، پر اهو سمورو لقاءَ هو جادوءَ يا خواب وانگر ڏسندو رهيو. جڏهن هفتو بہ گذريو تہ پوءِ ڄاتائين تہ فقير پنهنجي ڪرامت سان مون کي وطن واري آندو آهي. اها ڪرامت اهڙي مشهور ٿي، جو ماڻهو وتايي جي ڪڌ ڪاهجي پيا ۽ فقير اگهاماٺي ۾ رهڻ تان ئي هٿ کڻي ڇڏيو.

